ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   خميس 19 مارچ 2026ع 29 رمضان المبارڪ 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه   شمارو (215)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ايران جي سپريم سيڪيورٽي ڪائونسل جي مشير علي لاريجاني جي شهادت جو سخت پلاند وٺنداسين: ايراني صدر

تهران ۾ شهيد علي لاريجاني جي جنازي نماز ادا، ايران جا تل ابيب تي ميزائيل حملا، 200 ڄڻا مارڻ ۽ زخمي ڪرڻ جي دعويٰ

تهران ۾ سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي سيڪريٽري شهيد علي لاريجاني، بسيج جي ڪمانڊر ميجر جنرل غلام رضا سليماني ۽ سامونڊي فوج جي درجنين اهلڪارن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

4 مارچ تي آمريڪي بحريه جي حملي ۾ سريلنڪا ويجهو ايراني جهاز آءِ آر آءِ ايس دينا تباهه ٿي ويو هو جنهن ۾ درجنين ايراني نيوي جا اهلڪار شهيد ٿي ويا هئا، جن جي پڻ تهران ۾ جنازي نماز ادا

پاسداران انقلاب جي سيڪيورٽي چيف علي لاريجاني جي شهادت ڪانپوءِ ايران طرفان اسرائيل جي راڄڌاني تل ابيب تي سخت حملا ڪيا ويا، ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌيڪ وڌي وئي، هڪٻئي تي حملن ۾ شدت

تل ابيب کي ڪلسٽر وار هيڊ رکندڙ ميزائلن ذريعي نشانو بڻايو ويو. ميزائل حملن ۾ اسرائيلي فوجي ٺڪاڻن تي حملا. ٽارگيٽ حملن ۾. ميزائل حملن ۾ 200 اسرائيلي مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا آهن: پاسداران انقلاب جي دعويٰ

تهران/تل ابيب (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران جي راڄڌاني تهران ۾سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي سيڪريٽري شهيد علي لاريجاني، بسيج جي ڪمانڊر ميجر جنرل غلام رضا سليماني ۽ سامونڊي فوج جي درجنين اهلڪارن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي. پاسداران انقلاب جي ماتحت

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

آبناءِ هرمز مان گذرندڙ سامونڊي جهازن لاءِ ضابطا تيار ڪنداسين: ايران

تهران (اي پي پي)ايران اعلان ڪيو آهي ته هو آمريڪا ۽ اسرائيل سان جنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ آبناءِ هرمز مان گذرندڙ سامونڊي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان حڪومت پاران افغانستان ۾ دهشتگردن خلاف جاري آپريشن "غضب الحق" ۾ عارضي وقفي جو اعلان

پاڪستان ۾ درانداري جي ڪوشش ناڪام، افغان طالبان ۽ فتنه الخوارج جا ڪمپائونڊ ۽ ٺڪاڻا تباهه، ڪيئي دهشتگرد مارجي ويا

پاڪ فوج پاڪ- افغان سرحد تي اتر وزيرستان ۾ وقت سر ڪارروائي ڪندي دخل اندازي جي وڏي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي، ڪيترائي افغان طالبان مارجي ويا، ٻيا چيڪ پوسٽون ڇڏي فرار ٿي ويا

ڏکڻ وزيرستان سيڪٽر ۾ شوال کان زرملان تائين افغان طالبان جي سمورين پوسٽن کي اثرائتي طريقي سان تباهه ڪيو ويو، افغان طالبان ۽ فتنه الخوارج خلاف پاڪ فوج جون مُنهن ٽوڙ ۽ مؤثر ڪارروايون جاري

آپريشن "غضب الحق" دوران 18 مارچ 2026ع جي شام 7 وڳي (سيز فائر جي اعلان) تائين فتنه الخوارج/ افغان طالبان جا 707 دهشتگرد مارجي ويا ۽ 938 کان وڌيڪ زخمي ٿيا: وفاقي وزير اطلاعات عطا تارڙ

افغان طالبان جون 255 چيڪ پوسٽون تباهه ٿيون، 44 چيڪ پوسٽن تي قبضو ڪيو ويو 237 ٽينڪ، بکتربند گاڏيون ۽ توپون تباهه ڪيون ويون، دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو ويو

جاري ڪيل وڊيو ۾ پاڪستان پاران انهن ٺڪاڻن، چوڪين ۽ دهشتگرد ڪئمپن جي خلاف ڪيل صحيح ۽ هدفي ڪارروائي جي جھلڪ ڏيکاري وئي، جيڪي افغان سرزمين تان دهشتگردي جي معاونت ڪري رهيا هئا

ٻائر اسلامي ملڪن سعودي عرب، قطر ۽ جمهوريه ترڪيه جي درخواست تي افغانستان ۾ دهشتگردن ۽ انهن جي مددگار انفراسٽرڪچر جي خلاف جاري "آپريشن غضب الحق" ۾ عارضي وقفي جو فيصلو ڪيو ويو

اهو وقفو 18 ۽ 19 مارچ جي وچ واري رات کان 23 ۽ 24 مارچ 2026ع جي وچ واري رات تائين موثر رهندو، پاڪستان اهو قدم نيڪ نيتي ۽ اسلامي قدرن موجب کڻي رهيو آهي: وفاقي وزير اطلاعات

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فوج پاڪ- افغان سرحد تي اتر وزيرستان ۾ وقت سر ڪارروائي ڪندي دخل اندازي جي وڏي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي، جنهن ۾ ڪيترا ئي افغان طالبان مارجي ويا جڏهن ته ٻيا چيڪ پوسٽون ڇڏي فرار ٿي ويا، ڏکڻ وزيرستان سيڪٽر ۾ شوال کان زرملان تائين افغان طالبان جي سمورين پوسٽن کي اثرائتي طريقي سان تباهه ڪيو ويو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسرائيل طرفان ايراني انٽيليجنس کاتي جي وزير اسماعيل خطيب کي به نشانو بڻائڻ جي دعويٰ

اسماعيل خطيب کي 2021 ۾ ايران جي اڳوڻي صدر ابراهيم رئيسي انٽيليجنس کاتي جو وزير مقرر ڪيو هو

تل ابيب (م ڊ) اسرائيلي بچاءُ واري وزير دعويٰ ڪئي آهي ته هڪ حملي ۾ ايراني انٽيليجنس وزير اسماعيل خطيب قتل ٿي ويو آهي بيان ۾ چيائين ته گذريل رات ايراني انٽيليجنس کاتي جي وزير

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

آمريڪي فوج پاران آبناءِ هرمز ڀرسان ايراني ميزائل سائيٽس تي 5 هزار پائونڊ بم ڪيرائڻ جي دعويٰ

ايران جي سامونڊي ڪناري وارن علائقن ۾ واقع ميزائل سائيٽس تي ڪاميابي سان زمين هيٺ هدفن کي نشانو بڻايو ويو

انهن هدفن تي موجود ايراني اينٽي شپ ڪروز ميزائل آبناءِ هرمز ۾ عالمي طور بحري آمد رفت لاءِ خطرو بڻجي رهيا هئا: آمريڪي فوج

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي فوج آبناءِ هرمز سان گڏ واقع ايراني ميزائل سائيٽس تي زمين هيٺ بنڪرز کي تباهه ڪرڻ جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسرائيل جا لبنان تي فضائي حملا، 12 ڄڻا شهيد

بيروت جي مُک علائقن تي شديد فضائي بمباري ڪئي وئي

هڪ ٻيو حملو زقاق البلاط جي گهٽيل آبادي واري علائقي ۾ ڪيو ويو

بيروت (م ڊ) اسرائيل لبناني راڄڌاني

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

چنڊ ڏسڻي ڪميٽيءَ جو اجلاس خميس تي اسلام آباد ۾ طلب

اسلام آباد (اي پي پي) شوال 1447هه جو چنڊ ڏسڻ لاءِ چنڊ ڏسڻي ڪميٽيءَ جو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ايران جي بوشهر ايٽمي گهر ۽ دنيا جي سڀ کان وڏي گئس جي ذخيري تي اسرائيلي حملو

حملي کان پوءِ ڪجهه روسي ملازمن کي ايٽمي بجلي گهر مان ڪڍڻ جا انتظام ڪيا ويا: ايراني اختيارين

حملو گذريل ڏينهن منجهند جو 3:30 وڳي ٿيو، بوشهر نيوڪليئر پاور پلانٽ کي ڪو نقصان ناهي پهتو

ماسڪو (اي پي پي) ايران جي بوشهر ايٽمي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

پي آءِ اي پاران فجيره لاءِ اڏامون معطل

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران گهٽ آمدني وارن شهرين کي گهرن جي تعمير لاءِ آسان قرضن جي فراهمي حڪومتي ترجيح قرار

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ هائوسنگ ۽ تعميرات واري وفاقي وزارت جي معاملن تي اجلاس وزيراعظم هائوس ۾ ٿيو

وزيراعظم عام ماڻهو کي هائوس فنانس جي سهولت موثر انداز ۾ فراهم ڪرڻ جي لاءِ عملي قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي

تعميري شعبي جي لاءِ ٽيڪس اسٽينڊرڊائيزيشن تي فيڊرل بورڊ آف روينيو ۽ صوبن جي مشاورت جاري آهي: اجلاس ۾ بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف گهٽ آمدني وارن شهرين کي گهر جي سهولت ڏيڻ جي لاءِ نجي شعبي جي حوصلا افزائي ۽ گهرن جي تعمير جي لاءِ آسان قرضن جي فراهمي کي حڪومتي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ هائوسنگ ۽ ورڪس جي وفاقي وزارت جي منصوبن بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

وزيراعظم کي عمان جي حڪمران جو فون، علائقائي صورتحال تي ڳالهيون

خوشگوار ڳالهه ٻولهه دوران عيد جي خوشي جي موقعي تي مبارڪباد جي ڏي وٺ

پاڪستان ۽ عمان ۾ پراڻي ڀائيواري لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف عمان سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي تعميري ڳالهه ٻولهه جاري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

افغان طالبان کي پاڪستان خلاف استعمال ٿيندڙ ڊرون ڀارت ڏئي رهيو آهي: ترجمان پاڪ فوج

اسان جو ڪابل ۾ افغان طالبان جو گولا بارود، هٿيار ۽ ڊرون جهازن جو ڊپو هدف هو: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

ولا بارود ڦاٽڻ سبب جيڪي ڌماڪا ٿيا، اهي سڄي شهر ڏٺا، حملن ۾ شهرين جي مارجڻ بابت پروپيگنڊا غلط آهي

پاڪستان جي افغان عوام سان ڪا جنگ ناهي، عوام دهشتگردن بوٽ ۾غمال بڻيل آهي: نجي ٽي وي سان ڳالهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته ڪابل ۾ افغان طالبان جو گولا بارود، هٿيار ۽ ڊرون جهازن جو ڊپو هدف هو خانگي ٽي وي چئنل جي پروگرام

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران رمضان پيڪيج تحت مستحقين کي رقم جي شفاف فراهمي تي لاڳاپيل ادارن کي خراج تحسين

وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وزيراعظم رمضان رليف پيڪيج 2026ع جي حوالي سان جائزه اجلاس ٿيو

سوشل پروٽيڪشن والٽس پاڪستان ۾ فنانشل ٽيڪنالاجيز ۽ شفافيت جي حوالي سان هڪ انتهائي اهم سنگ ميل آهي

رليف پيڪيج 2026ع تحت سوشل پروٽيڪشن والٽس ملڪ ۾ ڊيجيٽل نظام ۾ صنفي ورڇ گهٽ ڪرڻ ۾ انتهائي ڪارگر ثابت ٿيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف رمضان پيڪيج تحت 90 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ مستحقين کي رقم جي شفاف طريقي سان فراهمي تي سمورن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: بلوچستان جو وڏو وزير سرفراز خان بگٽي مبينا اڳڪهاتي بمبار ناري سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪوالٽي کی روايت
کفايت کے ساتھ
SUFI
دسترخوان

شهر	اهلسنت		اهل تشيع	
	افطاري	سحري	افطاري	سحري
ڪراچي	6:42	05:23	06:51	05:15
حيدرآباد	06:37	05:18	06:46	05:09
سکر	06:34	05:15	06:43	05:06

ايراني حڪومت ڪنهن هڪ شخص تي ٻڌل ناهي: عباس عراقچي

مضبوط سياسي، اقتصادي ۽ سماجي ادارا موجود آهن: پرڏيهي

اسان اهم شخصيت آيت الله سيد علي خامنه جي شهادت کان پوءِ به ڪم جاري رکيو

تهران (اي پي پي) ايران جي پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي سيڪريٽري علي لاريجاني جي شهادت تي ردعمل ۾ چيو آهي ته ملڪ جو هڪ مضبوط سياسي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران علي اردشير لاريجاني جي شهادت تي ڏک جو اظهار

صدر مملڪت اسلامي جمهوريه ايران جي حڪومت ۽ عوام سان دلي تعزيت ڪئي

پاڪستان ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ امن لاءِ سمورين ڪوششن جي حمايت جاري رکندو: صدر

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري جاري اسرائيلي حملن جي دوران ايران جي سينيئر اڳواڻ ڊاڪٽر علي اردشير

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ايران موساد لاءِ جاسوسي جي الزام هيٺ هڪ شخص کي ڦاهي ڏئي ڇڏي

تهران (م ڊ) ملڪ ۾ هڪ شهري کي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: بلوچستان جو ايم پي اي ضياءُ الله لانگو کان بلوچستان جو گورنر جعفر خان جمالي وزارت جو حلف وٺي رهيو آهي

عمران خان جي عيد ڏهاڙي ٻارن سان فون تي ڳالهه ٻولهه ڪرائي ويندي: عطاءُ الله تارڙ

سنڌس ٻار پاڪستاني شهري هجڻ سبب نائيڪوپ جي ذريعي پاڪستان اچي سگهن ٿا

عمران خان جا ٻار پاڪستان ۾ قيام دوران پاڪستاني قانون جي مڪمل پاسداري جا پابند هوندا

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي فضائي حدن ۾ ڀارتي جهازن جي استعمال تي پابنديءَ ۾ 24 اپريل تائين واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ چين پاران صحت، زراعت ۽ معدنيات ۾ اي آءِ تعاون وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق

ايگريڪلچر انويسٽمينٽ ڪانفرنس ۾ اٽڪل 80 سيڪڙو مفاهمتي يادداشتن تي صحيحيون ڪيون ويون

ٻنهي ملڪن جا حڪمران سمارٽ ۽ ڊجيٽل زراعت کي هٿي ڏيڻ لاءِ گڏيل اي آءِ ليبارٽري قائم ڪرڻ لاءِ به سرگرم

اسلام آباد (اي پي پي)ايس آءِ ايف سي جي بهتر حڪمت عملي تحت پاڪستان جديد ٽيڪنالاجي مصنوعي ذهانت (اي آءِ) جي استعمال سان تحقيق، جدت، اقتصادي تعاون کي هٿي ڏئي رهيو آهي ايس آءِ ايف

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناريون ايف سيون مرڪز جي مارڪيٽ مان عيد جي خريداري لاءِ ڊريسون پسند ڪري رهيون آهن

پاڪستان پاران افغانستان ۾ ڪارروائي بابت ڀارتي پرڏيهي وزارت جو بيان رد

ڀارت دهشتگرد گروپن جي سرپرستي کان پاسو ڪري، مودي انتظاميا منافقت ڪري پئي: پرڏيهي ترجمان

ڀارت غيرقانوني طور ڪشميري عوام جي خودمختياري کي گڏيل قومن جي قراردادن خلاف دٻائي رکيو آهي

هاڻي ڀارت کي پاڪستان جي ڪامياب دهشتگردي جي خلاف ڪارروائي تي اجائي واويلا بند ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان افغانستان ۾ دهشتگردي جي ڍانچي جي خلاف جاري پنهنجي ڪارروائي بابت ڀارتي پرڏيهي وزارت پاران جاري ڪيل بي بنياد، گمراهه ڪندڙ ۽ بنا جواز بيان کي رد ڪندي چيو آهي ته ڀارت افغان سرزمين تان

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سکر ۽ روهڙي وچ ۾ سنڌو درياءَ تي نئين پل تعمير ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ پاليسي بورڊ جي اجلاس ۾صوبائي وزيرن، صلاحڪارن ۽ عملدارن شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ انفراسٽرڪچر رٿائن ۽ نجي شعبي جي سيڙپڪاري لاءِ اهم سڌارن جي پڻ منظوري ڏني وئي

سنڌو درياءَ مٿان نئون پل سکر، روهڙي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي وچ ۾ نئون رابطو فراهم ڪندو: وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه 51 هين پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (پي پي پي) پاليسي بورڊ جي اجلاس جي صدارت ڪندي سنڌو درياهه تي هڪ نئون پل

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاڪستان لاءِ نئين ڀائيواري حڪمتِ عملي جاري ڪري ڇڏي

نجي شعبي جي قيادت ۾ ملڪ کي جٽادار ۽ جامع معاشي اوسر طرف وٺي وڃڻ لاءِ واضح لائحه عمل پيش

نئين حڪمت عملي پاڪستان کي پيش ايندڙ وڏن جاني مسئلن جي حل ۽ مضبوط ۽ ڀُرائي معاشي ترقيءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ترتيب ڏني وئي

اسلام آباد (اي پي پي) ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي) پاڪستان لاءِ نئين ڀائيواري حڪمتِ عملي سال 30-2026ع

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

گل پلازا سانحي بابت عدالتي ڪميشن ۾ ڊي سي ڏکڻ جواب جمع ڪرائي ڇڏيا

واقعي جي اطلاع تي فوري طور پهچي جي ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو ويو: ڊي سي

ضلعي انتظاميا جاچ ادارن سان مڪمل سهڪار ۽ پوليس مجور کي ڪنٽرول ۾ رکيو: بيان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سانحو گل پلازا /

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ عوام جي قسمت بدلائڻ جي صلاحيت رکي ٿو: ناصر شاهه

اڳ ڀڳ 5 ارب لاڳت واري منصوبي تحت علائقي کي جديد گهرجن سان هم آهنگ بڻايو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبي جي مڪاني ادارن هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ واري وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پنجاب سنڌ سان زيادتي ڪري رهيو آهي: مير منور ٽالپر

چولستان مان ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ تباهه ٿي ويندي، آبادگار پريشان حال آهن

پنجاب وڏو ڀاءُ آهي ان کي گهرجي ته سنڌ سميت ٻين صوبن کي به پاڻ سان گڏ ڪٺي هلي

پنجاب جي مفادن کي وڌيڪ عزيز رکيو ويجي ٿو ۽ سنڌ جي مسئلن جو خيال نٿو ڪيو وڃي

ڪالاباغ ڊيم سنڌ لاءِ ڪارو ناگ آهي، جيڪو سنڌ جي معيشت کي ڏنگڻ لاءِ انتظار ۾ ويٺل آهي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو سڄي ملڪ جي عوام جي ڀلائي لاءِ سوچي رهيو آهي: عبرت سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) پ پ جي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ ايم اين اي مير منور ٽالپر عبرت بيورو چيف مجيد عباسي سان ڳالهائيندي

خالد مقبول صديقي سان ڳالهايو آهي، اسان گڏجي ڪم ڪنداسين: گورنر نهال هاشمي

اڳوڻي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي ماءُ جي عيادت لاءِ اسپتال ويو هوس ۽ صحتيابي لاءِ دعا ڪئي آهي

وزيراعظم شهباز شريف رمضان المبارڪ ۾ ماڻهن کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ اربين رپيا خرچ ڪيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر محمد نهال هاشمي افطار کان پوءِ گورنر هائوس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: وسندي برسات ۾ مسافر پنهنجي اباڻن علائقن ۾ عيد ملهائڻ لاءِ ريل ۾ سوار ٿي رهيا آهن

سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر جي گورنر سان ملاقات، گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اينٿوني نويد گورنر هائوس ۾ گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي سان ملاقات

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي، وارداتن ۾ ملوث ٽوپي گينگ جا 7 ڏوهاري گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

PBS
The Patients' Behbud Society for AKUH
آغا خان یونیورسٹی ہسپتال
The Aga Khan University Hospital
کیا آپ جانتے ہیں
نیکی کی طاقت

گھٹنوں کی تکلیف کی وجہ سے نسیمہ بستر تک محدود ہو چکی تھیں۔ آپ کی زکوٰۃ اور صدقات کی بدولت آغا خان یونیورسٹی ہسپتال میں ان کا آپریشن ہوا۔ اب وہ دوبارہ چل سکتی ہیں اور ایک بھرپور زندگی گزار رہی ہیں۔

Support PBS for AKUH and Donate Now
www.donate.aku.edu
0300 072 3000

بقايا | 1 | ايران

جهازن لاءِ ضابطا تيار ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي پرڏيهي ميڊيا کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ چئي هن چيو ته منهنجو خيال آهي ته آبناءِ هرمز ۾ جهازن جي لنگهه لاءِ تازا ضابطا قائدا ۽ طريقيڪار تيار ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن ان آبي علائقي ۾ ايران ۽ سموري خطي جي مفادن کي نظر ۾ رکندي واضح قائدن جي بنياد تي مستقل بنيادن تي محفوظ ٽريفڪ يقيني بڻايو وڃي. ايران جي پرڏيهي وزير آبناءِ هرمز جي ڀرپاسي موجود ملڪن ايران عمان ۽ گڏيل عرب امارات کي آبناءِ هرمز ۾ سيڪيورٽي جي ضامن طور ڪم ڪرڻ گهرجي.

بقايا | 2 | مارجي ويا

سيڪيورٽي ذريعن موجب افغان طالبان ۽ فتنه الخوارج خلاف پاڪ فوج جون منهن ٽوڙ ۽ موثر ڪارروايون جاري آهن پاڪ افغان سرحد تي اتر وزيرستان ۾ پاڪ وقت سر ڪارروائي ڪندي دخل اندازي جي وڏي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي اتر وزيرستان ۾ مواز ڪلي جي سرحدي علائقي ۾ افغان طالبان دخل اندازي جي منصوبا بندي ڪري رهيا هئا. پاڪ فوج جي اثرائتي ڪارروائي دوران ڪيترائي افغان طالبان مارجي ويا جڏهن ته بيا پوسٽون ڇڏي ڀڄي ويا. پاڪ فوج افغان طالبان ۽ فتنه الخوارج جي ڪمپائونڊ ۽ ٺڪاڻن کي نشانو بڻائي مڪمل تباهه ڪيو ويو پاڪ فوج پاڪ افغان سرحد تي ڏکڻ وزيرستان سيڪٽر ۾ افغان طالبان جي پوسٽن کي نشانو بڻايو سيڪيورٽي ذريعن موجب ڏکڻ وزيرستان سيڪٽر ۾ شوال کان زرملان تائين افغان طالبان جي سمورين پوسٽن کي اثرائتي طريقي سان تباهه ڪيو ويو پاڪ فوج جي ڀرپور ڪارروايون سان افغان طالبان پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿي ڀڄي رهيا آهن سيڪيورٽي ذريعن چيو آهي ته آپريشن غضب الحق پنهنجي هدفن کي مڪمل حاصل ڪرڻ تائين جاري رهندو آپريشن "غضب الحق" دوران 18 مارچ 2026ع جي شام 7 وڳي (سيز فائر جي اعلان) تائين فتنه الخوارج/ افغان طالبان جا 707 دهشتگرد مارجي ويا ۽ 938 کان وڌيڪ زخمي ٿيا اطلاعات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ڪالهه اربع ڏينهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ ٻڌايو ته آپريشن "غضب الحق" دوران افغان طالبان جون 255 چيڪ پوسٽون تباهه ٿيون جڏهن ته 44 چيڪ پوسٽن تي قبضو ڪيو ويو اهڙي طرح 237 ٽينڪ بڪتربند گاڏيون ۽ توپون تباهه ڪيون ويون افغانستان ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻن ۽ انهن جي مددگار انفراسٽرڪچر جي 81 جاين کي فضائي ڪارروائي ۾ موثر طريقي سان نشانو بڻايو ويو 16 مارچ جي رات پاڪستان جي هٿياربند فوج ڪابل ۾ ننگرهار ۾ افغان فوجي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو انهن ڪارروائين دوران پاڪستان جي هٿياربند فوج ڪابل ۽ ننگرهار ۾ ڊرون اسٽوريج، ٽيڪنيڪي معاونت جو مرڪز ۽ هٿيارن ساز ۽ سامان جي ذخيري جا ٺڪاڻا به تباهه ڪري ڇڏيا جنهن کي افغان طالبان ۽ دهشتگرد عنصر پاڪستان جي معصوم شهرين جي خلاف استعمال ڪري رهيا هئا. اهڙي طرح پاڪستان جي هٿياربند فوج باجوڙ ڪرم، تورخم خيبر اتر ۽ ڏکڻ وزيرستان جي سيڪٽرز ۾ افغان طالبان جي چوڪين کي موثر انداز ۾ نشانو بڻائي تباهه ڪيو جاري ڪيل وڊيو ۾ پاڪستان پاران انهن ٺڪاڻن چوڪين ۽ دهشتگرد ڪئمپن جي خلاف ڪيل صحيح ۽ هدفي ڪارروائي جي جهلڪ ڏيکاري وئي آهي جيڪي افغان سرزمين تان دهشتگردي جي سڌوسنئون يا اڻسڌي طرح معاونت ڪري رهيا هئا. افغان حڪومت ۽ ميڊيا جي ڪجهه حصن پاران ڪوڙين دعوائن جي ابتڙ انهن ڪارروايون دوران ڪنهن به شهري آبادي يا سول انفراسٽرڪچر کي نشانو ناهي بڻايو ويو بلڪ پاڪستان حڪومت افغانستان ۾ دهشتگردن ۽ انهن جي مددگار انفراسٽرڪچر جي خلاف جاري آپريشن "غضب الحق" ۾ عارضي وقفي جو اعلان ڪيو آهي اطلاعات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پاران ڪالهه اربع ڏينهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم "ايڪس" تي ڪيل هڪ پوسٽ ۾ چيو ويو آهي ته ايندڙ اسلامي ڏهاڙي عيدالفطر جي ڏس ۾ پاڪستان حڪومت پنهنجي پاران قدر ڪندي ۽ ڀائر اسلامي ملڪن سعودي عرب، قطر ۽ جمهوريه ترڪيه جي درخواست تي افغانستان ۾ دهشتگردن ۽ انهن جي مددگار انفراسٽرڪچر جي خلاف جاري "آپريشن غضب الحق" ۾ عارضي وقفي جو فيصلو ڪيو آهي اهو وقفو 18 ۽ 19 مارچ جي وچ واري رات کان 23 ۽ 24 مارچ 2026ع جي وچ واري رات تائين موثر رهندو پاڪستان اهو قدم نيڪ نيتي ۽ اسلامي قدرن موجب کڻي رهيو آهي جڏهن ته ڪنهن به سرحد پار حملي، ڊرون حملي يا پاڪستان جي اندر ڪنهن به دهشتگردي جي واقعي جي صورت ۾ "آپريشن غضب الحق" فوري طور تي نئين سر شدت سان ٻيهر شروع ڪيو ويندو.

بقايا | 3 | ترجمان پاڪ فوج

۾ ڳالهائيندي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته گولا بارود ڦاٽڻ سبب جيڪي ڌماڪا ٿيا، اهي سڀ شهر ڏٺا. سندس چوڻ هو ته شهرين جي مارجڻ بابت پروپيگنڊا غلط آهي. طالبان جا گهڻي ڀاڱي ويڙهاڪ وردي بدران سويلين ڊريس ۾ هوندا آهن ڊي جي آءِ ايس پي آر موجب، طالبان منشيات جي عادين کي آپگهاتي حملن لاءِ به استعمال ڪن ٿا. هن چيو ته پاڪستان خلاف استعمال ٿيندڙ ڊرون افغان طالبان کي ڀارت فراهم ڪري رهيو آهي سندس چوڻ هو ته پاڪستان جي افغان عوام سان ڪا جنگ ناهي، عوام دهشتگردن هٿان يرغمال بڻيل آهي.

بقايا | 4 | خراج تحسين

لاڳاپيل ادارن کي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وزيراعظم رمضان ريليف پيڪيج 2026ع جي حوالي سان جائزه اجلاس ڪالهه اربع ڏينهن ٿيو اجلاس ۾ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، ناڻي ۽ ٽيڪسز واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وفاقي وزير سيد عمران احمد شاهه انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪام واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه، ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته وزيراعظم رمضان پيڪيج 2026ع تحت 90 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ مستحق ماڻهن کي ادائگيون ڪيون ويون آهن وزيراعظم رمضان پيڪيج 2026ع تحت مستحقين کي رقم جي شفاف طريقي سان منتقلي تي سمورن لاڳاپيل ادارن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سوشل پروٽيڪشن والٽس پاڪستان ۾ فنانشل ٽيڪنالاجيز ۽ شفافيت جي حوالي سان هڪ انتهائي اهم سنگ ميل ۽ ڪامياب قدم آهي. وزيراعظم بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جون سمورين ادائگيون سوشل پروٽيڪشن والٽس جي ذريعي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته پي ايم رمضان ريليف پيڪيج 2026ع تحت هيستائين 1955620 ڊيجيٽل ٽرانزيڪشنز ڪيون ويون آهن پي ايم رمضان ريليف پيڪيج 2026ع جي حوالي سان هڪ ڀرپور آگاهي مهم هلائي پئي وڃي پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا تي ضابطا آگاهي پيغامن جي ڪري مستحقين کي پيڪيج بابت سموري معلومات پهچي رهي. بريفنگ موجب 9999 هيلپ لائين تي صارفين پاران 1.7 ملين ان باؤنڊ ڪالز موصول ٿيون جڏهن ته ان پروگرام بابت 2.7 ملين ايس ايم ايس موڪليا ويا ان ڪانسواءِ پي ايم رمضان ريليف پيڪيج 2026ع تحت سوشل پروٽيڪشن والٽس ملڪ ۾ ڊيجيٽل نظام ۽ صنفي وڇ گهٽ ڪرڻ ۾ انتهائي ڪارگر ثابت ٿيو

بقايا | 5 | ڦاهي

اسرائيلي جاسوس هئڻ جي الزام هيٺ موت جي سزا ڏني وئي آهي خابرو اداري جي رپورٽ موجب، قريش ڪيواني نالي شخص کي گذريل سال جون ۾ گرفتار ڪيو ويو هو هن مٿس الزام هو ته هن موساد کي حساس جاين بابت ڄاڻ ۽ تصويرون فراهم ڪيون رپورٽ موجب، موساد 2023 ۾ پهرين ڀيرو ساڻس رابطو ڪيو هو جڏهن هن سوشل ميڊيا ۾ هڪ آن لائين اشتهار تي ڪلڪ ڪيو هو جنهن ڪانپوءِ کيس يورپ جي ڇهن ملڪن ۽ تل ابيب ۾ سکيا ڏيڻ بعد ايران ۾ ڪارروائين لاءِ اماڻيو ويو

بقايا | 6 | واڌ

فضائي حدن ۾ ڀارتي جهازن جي استعمال تي پابنديءَ ۾ 24 اپريل تائين واڌ ڪئي وئي آهي ڪالهه پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (پي اي اي) طرفان جاري بيان موجب پاڪستان جي فضائي حدن جي حوالي سان ڀارتي جهازن تي پابنديءَ ۾ واڌ ڪئي وئي. فضائي پابندي 24 اپريل تائين برقرار رهندي پاڪستان جون فضائي حدون ڀارتي رجسٽرڊ جهازن لاءِ بند رهنديون ڀارتي ايئر لائنز يا آپريٽرز جي استعمال هيٺ سمورن جهازن تي پابندي بدستور برقرار رهندي نوٽم ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان طرفان لاڳو فضائي پابنديءَ ۾ ڀارتي فوجي اڏامون به شامل آهن

بقايا | 7 | بيان رد

سرگرم دهشتگرد گروپن بشمول اهي گروپ جيڪي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي پابندين جي نظام جي زمري ۾ اچن ٿا، جي حمايت ۽ سرپرستي کان پاسو ڪري افغانستان جي حوالي سان ڀارتي پرڏيهي وزارت پاران جاري ڪيل بيان تي پاڪستان جي ردعمل بابت ميڊيا جي سوالن جي جواب ۾ پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر اندرابي چيو ته افغان سرزمين تان پاڪستان جي خلاف دهشتگردي جي ڀارتي سرپرستي ۽ خطي ۾ ان جي تاريخي تخريبي ڪردار جي ڏس ۾ اهو بيان رڳو ڀارت جي کليل منافقت ۽ ٻٽي معيار جي عڪاسي ڪري ٿو هن چيو ته اها ڳالهه ذڪر جوڳي آهي ته اهو بيان اهڙي ملڪ پاران سامهون آيو آهي جنهن جي قيادت داخلي سياسي مفادن جي لاءِ اسلامو فوبيا کي هوا ڏيڻ ۽ پنهنجي مسلم آبادي جي خلاف پرتشدد واقعن جي باوجود جوابدهي کان محفوظ آهي ڪجهه هفتا اڳ ئي ان جي قيادت هڪ اهڙي قابض ڌر جي مڪمل ۽ غيرمبهم حمايت جو اعلان ڪيو جيڪا هزارين بيگناهه فلسطينين جي مسلسل قتل جي ذميوار آهي پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو ته اها انتهائي کل جوڳي ڳالهه آهي ته هڪ اهڙي رياست جنهن تاريخي طور تي عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي منشور جي اصولن جي خلاف ورزي ڪندي پنهنجي پاڙيسري ملڪن جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت کي نقصان پهچايو آهي انهن ئي اصولن جي پاسداري جي خيالن جو اظهار ڪري اهڙو بيان هو حقيقت تان ڌيان هٽائڻ ته ڪري سگهي ٿو ۽ ڀارت غيرقانوني طور تي والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق کي گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن جي خلاف ورزي ڪندي دٻايو ۽ مسلسل انڪار ڪري رهيو آهي طاهر اندرابي چيو ته ڀارت کي گهرجي ته هو افغان سرزمين تان سرگرم دهشتگرد گروپن، بشمول اهي گروپ جيڪي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي پابندين جي نظام تحت ڏنل آهن، جي حمايت ۽ سرپرستي کان پاسو ڪري ان ڏس ۾ ڀارت کي پاڪستان جي ڪامياب دهشتگردي جي خلاف ڪارروائين تي اجائي واويلا بند ڪرڻ گهرجي

بقايا | 8 | جواب جمع

عدالتي ڪميشن ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ عدالتي ڪميشن جي سوالنامي جا جواب جمع ڪرائي ڇڏيا ڊپٽي ڪمشنر جي جمع ڪرايل جواب موجب باهه جي اطلاع صبح 10 وڳي 27 منٽن تي ملي اطلاع ملندي ئي ڊپٽي ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر گارڊن ٻين لاڳاپيل ادارن سان رابطو ڪيو 10 وڳي 31 منٽن تي واقعي واري هنڌ تي پهتا ڊي سي جي جواب ۾ چيو ويو آهي ته واقعي واري هنڌ تي پهچڻ کان پوءِ ايم سي فائر برگيڊ، 1122 ۽ ٻين ادارن سان رابطو ڪيو ويو بغير ڪنهن دير جي ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو ويو ضلعي انتظاميه جاچ ادارن سان مڪمل سهڪار جاري رکيو متاثر ماڻهن جي سهڪار ۽ مدد فراهم ڪئي وئي سڀني لاڳاپيل ادارن سان رابطو برقرار رکيو ويو قانوني وارثن ۽ متاثر ماڻهن جي دعوائن جي تصديق ڪري شفاف نموني معاوضي جي ادائگي کي يقيني بڻايو ويو پوليس ۽ ٽريفڪ پوليس پنهنجي پنهنجي انتظامي حدن اندر ڪم ڪن ٿا ڊي سي ڏکڻ جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته مشاهدو ڪيو ويو ته باهه جي شدت عمارت جي اندروني ڍانچي ۽ آتش گير مواد جي موجودگي سبب وڌي وئي ضلعي انتظاميه پنهنجون ذميواريون وقت سر ۽ اثرائتي نموني انجام ڏنيون عدالتي ڪميشن آڏو ڊي سي رپورٽ ۾ چيو آهي ته پوليس واقعي واري هنڌ تي هجوم کي ڪنٽرول ۾ رکيو ته جيئن هنگامي ڪارروائين ۾ ڪا رڪاوٽ نه اچي گل پلازا واري واقعي جي ڏينهن ٽريفڪ معمول کان ڪجهه وڌيڪ هئي شروعاتي طور تي ڪجهه هنڌن تي ٽريفڪ جام جون به اطلاع مليون گل پلازه عدالتي ڪميشن جو اجلاس عيد کان پوءِ تائين ملتوي ڪيو ويو آهي.

بقايا | 9 | ناصر شاهه

لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ بابت هڪ اهم ۽ تفصيلي جائزو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر لاڳاپيل ادارن جا سينيئر آفيسر ۽ ٽيڪنيڪل ماهر شريڪ ٿيا. اجلاس دوران لياري جي پراڻن مسئلن جي حل شهري ڍانچي جي بهتري ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ جاري ۽ تجويز ڪيل قدمن جي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته لڳ ڀڳ 5 ارب رپين جي لاڳت سان لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ کي مرحليوار مڪمل ڪيو ويندو جنهن تحت علائقي کي جديد شهري گهرجن سان هم آهنگ بڻايو ويندو. ان موقعي تي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته هي منصوبو لياري جي عوام جي قسمت بدلائڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ سنڌ حڪومت ان جي بروقت ۽ معياري تڪميل لاءِ پرعزم آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته National Engineering Services Pakistan (NESPAK)ذريعي منصوبي جو جامع ماسٽر پلان تيار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ پاڻي جي فراهمي نيڪالي واري نظام جي سڌاري، گئس جي دستيابي، برساتي نالن جي بحالي ۽ گهٽين ۽ روڊن جي نئين سر تعمير شامل آهي. وزير زور ڏيندي چيو ته Bilawal Bhutto Zardariجي واضح هدايتن موجب، اهڙي اهم عوامي منصوبي ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي، دير يا ناقص ڪارڪردگي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ سڀني لاڳاپيل ادارن کي جوابده بڻايو ويندو. هن هدايت ڪئي ته منصوبي جي عملدرآمد دوران شفافيت، معيار ۽ رفتار کي يقيني بڻايو وڃي، جڏهن ته فنڊن جي بروقت جاري ٿيڻ ۽ انهن جي صحيح استعمال جي سخت نگراني ڪئي وڃي. اجلاس ۾ ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ويو ته سڀني لاڳاپيل ادارن پاڻ ۾ رابطي ۽ موثر هم آهنگي ذريعي منصوبي جي اڳڀرائي کي تيز ڪن ته جيئن مقرر وقت اندر هدف حاصل ڪري سگهجن. سيد ناصر حسين شاهه وڌيڪ چيو ته لياري جي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهن ۽ هن منصوبي سان نه رڳو بنيادي سهولتون فراهم ٿينديون پر علائقي ۾ معاشي ۽ سماجي سرگرمين کي به هٿي ملندي. اجلاس ۾ فيلڊ مانيٽرنگ جي نظام کي وڌيڪ موثر بڻائڻ فني رڪاوٽن کي ترت حل ڪرڻ ۽ منصوبي جي باقاعده اڳڀرائي رپورٽ تيار ڪرڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو ته جيئن اعليٰ سطح تي لڳاتار نگراني کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا | 10 | گرفتار

ڪورنگي سان ڦر اسٽريٽ ڪرائم موٽر سائيڪل چوري ۽ جيب تراشي جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث ٽولي ڪينگ جي 7 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوابدارن ۾ محمد ظفر ولد محمد اسلم ساجن ولد سانگي خان، محمد وقار ولد غلام رسول دانيال ولد محمد اسحاق شاهزيب ولد محمد بابر شاهد ولد محمد شفيع ۽ محمد اسماعيل ولد محمد شفيع شامل آهن جوابدارن وٽان هڪ عدد بنا لائسنس پستول گولين سميت، 2 عدد رانديڪي پستول 8 عدد موبائل فون ۽ نقدي برآمد ڪئي وئي آهي. گرفتار جوابدار سال 2018 کان وٺي ڦر اسٽريٽ ڪرائم موٽر سائيڪل چوري، موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ ۽ جيب تراشي جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن. گرفتار جوابدار سنڌ ۾ 900 کان وڌيڪ وارداتن ۾ ملوث هڪ منظم گينگ جو حصو آهن. جوابدارن جو نيٽورڪ اندرون سنڌ، سکر ڪنڌڪوٽ ۽ روهڙي سميت ڪراچي جي مختلف علائقن جهڙوڪ قائد آباد، پينس ڪالوني منزل پمپ ۽ بلال ڪالوني ۾ سرگرم رهيو جتي اهي وڏن روڊن تي مسافرن کي ڦرڻ ڌاڙا هڻڻ اسٽريٽ ڪرائم ۽ گهرن ۾ چوري جون وارداتون ڪندا هئا. گرفتار جوابدار ڪراچي شهر ۾ هلندڙ بسن ۾ مسافرن سان جيب تراشي جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ پڻ ملوث رهيا آهن. جوابدار محمد ظفر کي ڌاڙي جي هڪ واردات دوران سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ صاف طور ڏسي سگهجي ٿو جوابدارن خلاف شهر جي مختلف ٿاڻن ۾ ڪيترائي ايف آءِ آرز به داخل ٿيل آهن. جوابدارن جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. گرفتار جوابدارن کي هٿيارن ۽ برآمد ٿيل سامان سميت وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ پوليس حوالي ڪيو ويو آهي. عوام کي اپيل ڪئي وڃي ٿي ته ڏوهارين جي خاتمي لاءِ اهڙن عنصرن بابت اطلاع ويجهي رينجرز چيڪ پوسٽ، رينجرز هيلپ لائين 1101 يا رينجرز مددگار واٽس ايپ نمبر 03479001111 تي ڪال يا ايس ايم ايس ذريعي ڏيو. توهان جو نالو راز ۾ رکيو ويندو.

بقايا | 11 | گورنر نهال هاشمي

برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر اڄ پهتي جنهن ۾ تعليم ۽ ثقافت سميت ڪراچي جي ترقي ۾ برطانوي تعاون تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي سنڌ جي گورنر چيو ته اڄ هو آڳوڻي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي ماءُ جي عيادت لاءِ اسپتال ويو هو ان موقعي تي هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ سڀني والدين کي صحت ۽ سلامتي عطا ڪري هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف رمضان المبارڪ ۾ ماڻهن کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ اربين رپيا خرچ ڪيا ۽ اسان هتي خدمت ۽ بهتري جو سفر جاري رکنداسين سنڌ جي گورنر وڌيڪ چيو ته هن خالد مقبول صديقي سان ۾ ڳالهايو آهي ۽ اسان گڏجي ڪم ڪنداسين محمد نهال هاشمي پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو ته قائد محمد نواز شريف جي خوابن جي پورو ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا هن اعلان ڪيو ته عيد کان پوءِ گورنر هائوس ۾ آئي ٽي تعليم جو پروگرام ٻيهر شروع ڪيو ويندو سنڌ جي گورنر عالمن ۽ انسان دوست ماڻهن جو خاص شڪريو ادا ڪندي چيو ته جيڪڏهن ڪي غلط ڪم ڪن ٿا ته انهن جو احتساب هجڻ گهرجي هن ماڻهن جي محبت ۽ تعاون لاءِ دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪيو.

بقايا | 12 | جاري

جاري ڪري ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ نجي شعبي جي قيادت ۾ ملڪ کي جدادار ۽ جامع معاشي اوسر طرف وٺي وڃڻ لاءِ واضح لائحه عمل پيش ڪيو ويو آهي بئنڪ طرفان جاري بيان موجب 5 سالن حڪمت عملي نجي شعبي جي ترقي کي هٿي ڏيڻ، شموليت ۽ باختياري کي اڳتي وڌائڻ ۽ لچڪ ۽ جدادار کي مضبوط بڻائڻ جي 3 بنيادي رخن تي ٻڌل هوندي. انهن ترجيحن ۾ بهتر طرز حڪمراني ۽ اداره جاتي مضبوطي، صنفي مساوات سماجي شموليت، ڊجيٽل تبديلي ۽ علائقائي سهڪار ۽ لاڳو ڪرڻ جهڙن جامع موضوعن ذريعي هٿي ڏني سگهجي ٿي پاڪستان ۾ اي ڊي بي جي ملڪ ڊائريڪٽر ايمانو ٻڌايو ته اها نئين حڪمت عملي پاڪستان جي پيش اينڊ ڍانچي جاتي مسئلن جي حل ۽ مضبوط ۽ پائدار معاشي ترقي کي هٿي وڌائڻ لاءِ ترتيب ڏني وئي آهي جنهن جا ثمر سڄي ملڪ خاص ڪري غريب ۽ معاشي طور تي ڪمزور طبقن تائين پهچندا. ان سان اهم شعبن ۾ اسٽريٽجڪ سيڙپڪاري ۽ سڌارن ذريعي معاشي سرگرمين ۾ تيزي آڻڻ ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملندي هن چيو ته اي ڊي بي ان جامع ايجنڊا تي عملدرآمد لاءِ سرڪاري ۽ نجي شعبن سان سهڪار جاري رکڻ جي خواهشمند آهي اي ڊي بي موجب پرڏيهي لوڊن جي سلسلي کان پوءِ پنهنجي اهم معيشت جي صورتحال جي مستحڪم ڪيو آهي ۽ اهم ڍانچي جاتي سڌارن جي شروعات ڪئي آهي. اها حڪمت عملي ان بدلجندڙ روشني موجب روانگي واپار ۽ سيڙپڪاري تي ٻڌل ترقي کي هٿي ڏيڻ تي زور ڏئي ٿي جنهن کي بهتر عوامي ماليات نظم ڪاروبار دوست ماحول ۽ اعليٰ اثر رکندڙ شعبن ۾ سيڙپڪاري ذريعي هٿي ڏني ويندي اي ڊي بي سڌارن ۽ سيڙپڪاري ذريعي ضابطه جاتي ۽ تعميلي بار گهٽ ڪندي بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻايو ويندو مالي وسيلن تائين پهچ وڌائي ويندي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ کي هٿي ڏني ويندي ۽ نجي شعبي جي سرگرمين کي هٿي ڏني ويندي بيان موجب ايرنڊ چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ اي ڊي بي پاڪستان ۾ جامع ۽ مربوط حل متعارف ڪرائيندو جنهن ۾ پاليسي سڌارن خودمختيار ۽ غير خودمختيار مالي معاونت، فني امداد ۽ عملي معاونت شامل هوندي. بئنڪ آفتن کي منهن ڏيڻ جي نظام، موسمياتي تبديلي سان مطابقت ۽ ان جي اثرن ۾ گهٽتائي ۾ آبي وسيلن جي مربوط انتظام زرعي ويليو چينز ۽ غذائي تحفظ ۽ فضائي گدلاڻ ۾ گهٽتائيءَ بابت قدمن جي معاونت ڪندي اها حڪمت عملي پاڪستان جي نيشنل اڪنامڪ ٽرانسفارميشن پلان 29-2024ع ۽ اي ڊي بي جي اسٽريٽيجي 2030ع مطرم ريوي سان هم آهنگ آهي جيڪا مضبوط معاشي ترقي سماجي شموليت، ماحولياتي تحفظ ۽ پائيداري جي گڏيل هدفن جي عڪاسي ڪري ٿي ان سان گڏوگڏ اي ڊي بي عالمي بئنڪ، آءِ ايم ايف ۽ ٻين ترقياتي ڀائيوارن سان ويجهي سهڪار کي به هٿي ڏيندو ته جيئن ترقياتي اثرن کي وڌ کان وڌ بڻائي سگهجي.

بقايا | 13 | عطاءُ الله تارڙ

واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته ماضي وانگر هن ڀيري به عمران خان جي عيد جي ڏينهن ٻارن سان فون تي ڳالهه ٻولهه ڪرائي ويندي، عمران خان جا ٻار پاڪستاني شهري هجڻ جي ناطي نائيڪوپ جي ذريعي پاڪستان اچي سگهن ٿا ۽ ان جي لاءِ انهن کي پاڪستاني ويزا جي ضرورت ناهي هوندي ڪالهه اربع ڏينهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم "ايڪس" تي جمائما گولڊ سمٿ جي پوسٽ جو جواب ڏيندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته عمران خان جا ٻار پاڪستان ۾ قيام دوران پاڪستاني قانونن جي مڪمل پاسداري جا پابند هوندا. واضح رهي ته جمائما گولڊ سمٿ پنهنجي پٽن جي پاڪستان اچڻ جي لاءِ ويزا درخواست تي دير بابت پوسٽ ڪئي هئي.

بقايا | 14 | ڏک جو اظهار

لاريجاني جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي اسلامي جمهوريه ايران جي حڪومت ۽ عوام سان دلي تعزيت ڪئي آهي ڪالهه اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر نومبر 2025ع ۾ ڊاڪٽر علي اردشير لاريجاني جي پاڪستان جي سرڪاري دوري کي ياد ڪندي چيو ته ان موقعي تي هن مختلف شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي هئي. هن پاڪستان — ايران لاڳاپن ۾ مثبت اڳڀرائي کي مضبوط بڻائڻ ۾ ڊاڪٽر لاريجاني جي ڪردار کي پڻ ساراهيو صدر چيو ته جاري چڪتاڻ جي ڪري انساني جانين جي زيان ۽ بنيادي ڍانچي کي نقصان پهچي رهيو آهي جنهن سان سڄي خطي ۾ سنگين معاشي اثر ۽ عدم استحڪام پيدا ٿي رهيو آهي صدر تحمل ۽ چڪتاڻ جي فوري خاتمي تي زور ڏيندي سمورين ڌرين تي زور ڏنو ته اهي ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري کي ترجيح ڏين هن اميد ظاهر ڪئي ته صورتحال جلد مستحڪم ٿيندي ۽ وڌيڪ انساني نقصان ۽ خطي ۾ چڪتاڻ جي ڦهلاءَ کان اڳ امن بحال ٿي ويندو صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان چڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ امن جي فروغ جي لاءِ سمورين ڪوششن جي حمايت جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو ۽ خطي ۾ تڪرار گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتي ڪوششن کي اڳتي وڌائڻ ۾ تعميري ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

بقايا | 15 | ڳالهيون

رکڻ تي زور ڏنو آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف کي عمان جي سلطان هيثم بن طارق ڪالهه اربع ڏينهن ٽيليفون ڪئي ۽ ٻنهي اڳواڻن گرمجوش ۽ خوشگوار ڳالهه ٻولهه دوران عيد جي خوشي جي موقعي تي مبارڪباد جي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام ۽ مسلمان امت جي لاءِ امن، خوشحالي ۽ ڀلائي جي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ۽ موجوده علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي عمان جي مختلف علائقن ۾ حملن دوران قيمتي جانين جي زيان تي عمان جي ڀائر عوام سان پاڪستان جي يڪجهتي جو اظهار ڪندي وزيراعظم محمد شهباز شريف امن ۽ استحڪام ۽ تعميري ڳالهه ٻولهه کي برقرار رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ عمان جي وچ ۾ ڀرپور پائدار لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ان سلسلي ۾ وزيراعظم عمان جي سلطان کي پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪرڻ جي دعوت جو پڻ ورجاءُ ڪيو وزيراعظم محمد شهباز شريف سلطان هيثم بن طارق پاران گڏيل طور تي مناسب تاريخ تي عمان جو دورو ڪرڻ جي لاءِ ڏنل دعوت جو پڻ مثبت جواب ڏنو

بقايا | 16 | دعويٰ

خابرو اداري تسنيم موجب، شهيدن جي جنازي نماز ۾ ايراني عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي واضح رهي ته علي لاريجاني 17 مارچ تي تهران ۾ پنهنجي پٽ سان گڏ هڪ اسرائيلي حملي ۾ شهيد ٿي ويو هو جڏهن ته بسيج ڪمانڊر جي شهادت به اسرائيلي فضائي حملي ۾ ٿي هئي ان ڪانسواءِ 4 مارچ تي آمريڪي بحريه جي حملي ۾ سريلنڪا ويجهو ايراني جهاز آءِ آر آءِ ايس دينا تباهه ٿي ويو هو جنهن ۾ درجنين ايراني نيوي جا اهلڪار شهيد ٿي ويا هئا. پاسداران انقلاب جي سيڪيورٽي چيف علي لاريجاني جي شهادت ڪانپوءِ ايران طرفان اسرائيل جي راڄڌاني تل ابيب تي سخت حملا ڪيا ويا آهن. جڏهن ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ چڪتاڻ وڌيڪ وڌي وئي آهي. تازن حملن ۾ اسرائيل اندر 100 هدفن کي نشانو بڻايو ۽ 200 کان جي مارجڻ ۽ زخمي ٿيڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. جڏهن ته اسرائيل بچاءَ وزير اسرائيل ڪاٽز دعويٰ ڪئي آهي ته گذريل رات ايران جي انٽيليجنس معاملن واري وزير اسماعيل خطيب کي به نشانو بڻايو ويو ٻئي پاسي تهران ۾ سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي سيڪريٽري شهيد علي لاريجاني بسيج جي ڪمانڊر ميجر جنرل غلام رضا سليماني ۽ نيوي جي درجنين اهلڪارن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي آهي پاسداران انقلاب طرفان ايراني سيڪيورٽي چيف علي لاريجاني جي شهادت ڪانپوءِ ايران اسرائيل جي راڄڌاني تل ابيب تي سخت حملا ڪيا ويا آهن ايراني سرڪاري ٽي وي موجب، علي لاريجاني جي شهادت جي جواب ۾ تل ابيب کي ڪلسٽر وار هيڊ رکندڙ ميزائلن ذريعي نشانو بڻايو ويو ميزائل حملن ۾ اسرائيلي فوجي ٺڪاڻن تي حملا ڪيا ويا ايراني پاسداران انقلاب دعويٰ ڪئي آهي ته تازن حملن ۾ ميزائل 100 کان وڌيڪ هدفن تي لڳا ۽ حملن ۾ 200 اسرائيلي مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا آهن ٻئي پاسي اسرائيلي ميڊيا جو چوڻ آهي ته ايراني حملن ۾ 2 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته ڪجهه زخمي ٿيا آهن ايران جي صدر مسعود پزشڪيان علي لاريجاني کي هڪ اهم ۽ مانائتي شخصيت قرار ڏيندي چيو ته هن اسلامي جمهوريه ايران ۾ مختلف اهم عهدن تي خدمتون انجام ڏنيون ۽ قومي پاليسي جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ايراني صدر واضح ڪيو ته علي لاريجاني جي شهادت جو سخت بدلو ورتو ويندو.

بقايا | 17 | دعويٰ

اسماعيل خطيب کي به نشانو بڻايو ويو ٻئي پاسي ايران طرفان اڃا تائين دعويٰ جي تصديق يا ترديد ناهي ڪئي وئي واضح رهي ته اسماعيل خطيب کي 2021 ۾ ايران جي آڳوڻي صدر ابراهيم رئيسي انٽيليجنس کاتي جو وزير مقرر ڪيو هو اسماعيل خطيب 1979 واري اسلامي انقلاب ڪانپوءِ 1980 ۾ پاسداران انقلاب ۾ شامل ٿيو هو.

بقايا | 18 | دعويٰ

صلاحيت رکندڙ طاقتور بمن ذريعي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ ايڪس تي جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته آمريڪي فوج ايران جي ساموندي ڪناري وارن علائقن ۾ واقع ميزائل سائٽس تي ڪاميابي سان زمين هيٺ پنهنجي هدف کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکندڙ ڪيترن ئي 5000 پائونڊ وزني بمن جو استعمال ڪيو آهي بي بي سي مطابق آمريڪي فوج چيو آهي ته انهن هنڌن تي موجود ايراني اينٽي شپ ڪروز ميزائل آبناءِ هرمز ۾ عالمي طور بحري آمد و رفت لاءِ خطرو بڻجي رهيا هئا. ايران طرفان آبي لنگهه جي بندش سبب سڄي دنيا ۾ تيل جي اٽڪل 20 سيڪڙو فراهمي متاثر ٿي هئي جنهن سبب عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو آهي آمريڪا جا اهي وڏا بم جن کي بنڪر بسٽر چيو ويندو آهي انهن کان طاقت ۾ گهٽ آهن جيڪي هن گذريل سال ايران ۾ زمين هيٺ 3 ايٽمي ٺڪاڻن تي حملي ڪرڻ دوران استعمال ڪيا هئا.

بقايا | 19 | شهيد

بيروت جي ٻن علائقن تي شديد فضائي بمباري ڪئي، جنهن جي نتيجي هڪ 14 ماڙ عمارت مڪمل طور ڊهي پٽ پئجي وئي رپورٽ موجب، اسرائيلي حملن ۾ هيستائين 12 ڄڻا شهيد جڏهن ته 41 زخمي ٿي پيا آهن

بقايا | 20 | اسرائيلي حملو

بجلي گهر کي ميزائل سان نشانو بڻايو ويو آهي پرڏيهي خابرو اداري موجب حملي جي وقت تقريبن 480 روسي شهري ان ماڳ تي موجود هئا. جڏهن ته ايٽمي بجلي گهر جي ملازمن کي ميزائل حملي ۾ ڪو جاني نقصان ناهي پهتو رپورٽ موجب حملي کان پوءِ ڪجهه روسي ملازمن کي ايٽمي بجلي گهر مان ڪڍڻ جا انتظام ڪيا ويا روس جي سرڪاري اداري جي سي اي او ٻڌايو ته حملي ۾ بوشهر نيوڪليئر پاور پلانٽ (اين پي پي) کي ڪو نقصان ناهي پهتو ايران جي عملدارن موجب بوشهر ايٽمي بجلي گهر طرف فائر ڪيل ميزائل آمريڪا يا اسرائيل طرفان ڪيو ويو آهي ايراني ايٽامڪ انرجي آرگنائيزيشن موجب اهو حملو گذريل ڏينهن ٽيهرن جو 3:30 وڳي ٿيو ميزائل هڪ بجلي گهر جي آپريٽنگ پاور يونٽ ويجهو ٿيو روس ايٽم ايٽامڪ انرجي ڪارپوريشن جي سي اي او چيو ته وچ اوڀر ۾ جنگ جي شروعات کان پوءِ ايٽمي پاور پلانٽ تي اهو ٻيهرين حملو آهي

بقايا | 21 | طلب

اجلاس (اڄ) خميس تي اسلام آباد ۾ طلب ڪيو ويو آهي چنڊ ڏسڻي ڪميٽي طرفان جاري پڌرائي موجب اجلاس جي صدارت ڪميٽي جو چيئرمين مولانا عبدالخبير آزاد ڪندو سڄي ملڪ ۾ زونل ۽ ضلعي چنڊ ڏسڻ ڪميٽين جا اجلاس پنهنجي پنهنجي ماڳن تي ٿيندا چنڊ نظر اچڻ جي حوالي سان اعلان چنڊ ڏسڻي ڪميٽي سڄي ملڪ مان ملندڙ شاهدين کي نظر ۾ رکي ڪندي

بقايا | 22 | اڏامون معطل

انٽرنيشنل ايئر لائين (پي آءِ اي) نار وارن ملڪن جي سيڪيورٽي صورتحال کي نظر ۾ رکندي ايندڙ 48 ڪلاڪن لاءِ فجيره لاءِ پنهنجون اڏامون معطل ڪري ڇڏيون آهن گذريل ڏينهن پي آءِ اي جي ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان مطابق پي آءِ اي گڏيل عرب امارات جي شهر العين لاءِ پنهنجون اڏامون جاري رکيون گڏيل عرب امارات لاءِ اڏامون في الحال صرف العين لاءِ هلايون وينديون

بقايا | 23 | قرار

ترجيح قرار ڏيندي ان حوالي سان عملي قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ هائوسنگ ۽ تعميرات واري وفاقي وزارت جي معاملن تي اجلاس ڪالهه اربع ڏينهن وزيراعظم هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، ناڻي ۽ ارڳازين واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، هائوسنگ ۽ تعميرات واري وفاقي وزير رياض حسين پيرزاده، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪام واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه، وزيراعظم جي بين الصوبائي رابطن واري صلاحڪار راڻا ثناءُ الله خان ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته گهٽ آمدني واري طبقي جي لاءِ رهائش جي فراهمي، سستي گهرن جا منصوبا بشمول نجي شعبي جي حوصلا افزائي ۽ عوامي سهولتن جي بهتري اسان جي ترجيحن ۾ شامل آهي هن عام ماڻهو کي هائوس فنانس جي سهولت موثر انداز ۾ فراهم ڪرڻ جي لاءِ عملي قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ هائوسنگ اينڊ ورڪس واري وزارت جي اسٽريٽجڪ روڊ ميپ تي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته تعميرات جي شعبي جي حوالي سان ٽيڪس اسٽرڪچر ۾ سڌارا ڪيا پيا وڃن تعميري شعبي جي لاءِ ٽيڪس اسٽينڊرڊائيزيشن تي فيڊرل بورڊ آف روينيو ۽ صوبن جي مشاورت جاري آهي هائوس مورگيج جي حوالي سان سڌارن جي مسودي تي پڻ مشاورت جاري آهي وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت گهٽ آمدني وارن جي لاءِ گهرن جي تعمير جي حوالي سان حڪمت عملي تيار ڪئي پئي وڃي. ريئل اسٽيٽ ۽ هائوسنگ جي شعبن جي ضابطي جي حوالي سان ريئل اسٽيٽ ريگيوليٽري اٿارٽي قائم ڪئي ويندي هائوس فنانس جي حوالي سان ريئل اسٽيٽ انويسٽمينٽ ٽرسٽ تي ناڻي واري وزارت، ايف بي آر سيڪيورٽيز اينڊ ايڪسچينج ڪميشن ۽ صوبا هائوسنگ واري وزارت سان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن

بقايا | 24 | عباس عراقچي

ڍانچو موجود آهي ۽ ڪنهن فرد جي موجودگي يا غير موجودگي ان تي اثرانداز نٿي ٿئي پرڏيهي ميڊيا کي انٽرويو ۾ هن چيو ته اسان وٽ شهيد سپريم ليڊر آيت الله سيد علي خامنه اي کان وڌيڪ اهم اڳواڻ ڪو نه هو ۽ جڏهن کيس شهيد ڪيو ويو تڏهن به نظام پنهنجو ڪم جاري رکيو ۽ فورن ان جي جاءِ تي هڪ متبادل مقرر ڪيو ويو جيڪڏهن ڪوئي ٻيو ماڻهو به مارجي وڃي ته اهو سلسلو ورجايو ويندو هن چيو ته جيڪڏهن مون کي ڪنهن ڏينهن نشانو بڻايو وڃي ۽ مان قتل ڪيو وڃان منهنجي جاءِ ڪنهن کي وٺي هوندي.

بقايا | 25 | اتفاق

سي موجب چين ۽ پاڪستان زراعت، ميڊيڪل معدنيات ۽ بائيوٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ ٻه طرفي تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ تي زور پريو آهي ان سهڪار سان جديد فني جدت ۽ طبي تحقيق ذريعي صحت جي مسئلن جا حل ڳولهڻ ۾ مدد ملندي ٻنهي ملڪن سمارٽ ۽ ڊجيٽل زراعت کي هٿي ڏيڻ لاءِ گڏيل اي آءِ ليبارٽري قائم ڪرڻ لاءِ به سرگرم آهن ان ليبارٽري جو مقصد مصنوعي ذهانت جي استعمال سان زرعي پيداوار سپلاءِ چين ۽ فوڊ سيڪيورٽي کي بهتر بڻائڻ آهي اها پاڪستان جي زرعي معيشت لاءِ تمام گهڻي اهم اڳڀرائي هوندي. ويجهڙائي ۾ منعقد ٿيل پاڪستان چائنا بزنس ٽو بزنس (بي ٽو بي) ايگريڪلچر انويسٽمينٽ ڪانفرنس ۾ اٽڪل 80 سيڪڙو مفاهمتي ياداشتن تي صحيحون ڪيون ويون جڏهن ته 4.5 ارب ڊالرن جا معاهدا طئي ٿيا جيڪي ٻنهي ملڪن وچ ۾ وڌندڙ اقتصادي تعاون جي واضح علامت آهن

بقايا | 26 | منظوري

تعمير ڪرڻ جي منظوري ڏني ڇڏي، جيڪو سکر روهڙي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي وچ ۾ نئون رابطو فراهم ڪندو ته جيئن هاڻوڪن رستن تي ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽائي سگهجي. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، سيد ناصر حسين شاهه، ضياءُ الحسن لنجار وڏي وزير جو خاص صلاحڪار سيد قاسم نويد، چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه، پرنسپل سيڪريٽري ٽو سي ايم آغا واصف عباس، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو خالد حيدر شاهه، مڪاني ادارن وارو سيڪريٽري وسيم شمشاد، ناڻي وارو سيڪريٽري فياض جتوئي، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن سيڪريٽري قانون ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اهم انفراسٽرڪچر رٿائن ۽ نجي شعبي جي سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهم سڌارن جي پڻ منظوري ڏني مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سکر ۽ روهڙي هڪ گڏيل شهري ۽ معاشي رستو بڻجي چڪا آهن جتي روهڙي، صالح پٽ ۽ پنو عاقل جا لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو رهواسي روزگار تعليم صحت ۽ واپاري سرگرمين لاءِ سکر وڃن ٿا. هن وقت سکيو گذرگاهه لينس ڊائون پل آهي، جڏهن ته سکر بئراج پڻ مددگار آهي سينٽ ببب سکر بئراج گهٽ گهٽ 2027ع تائين عوامي آمدورفت لاءِ بند رهندو وڏي وزير موجب هڪ مطالعي مان ڄاڻ حاصل ٿي آهي ته روزانو 30 هزار کان وڌيڪ گاڏيون لينس ڊائون پل استعمال ڪن ٿيون ان جي تاريخي حيثيت ۽ پراڻي ڍانچي سبب ڳري ٽريفڪ خاص ڪري ايم فائيو ۽ ايم فائيو شاهراهن ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ کي هن پل تي هلڻ جي اجازت ناهي. ان صورتحال سبب رش جي وقتن ۾ سخت دٻاءُ ۽ ٽريفڪ جام ٿئي ٿي جنهن ڪري ايمرجنسي طبي سهولتون ۽ فائر برگيڊ جهڙيون خدمتون به متاثر ٿين ٿيون انهن مسئلن جي حل لاءِ وڏي وزير نئين سکرروهڙي پل رٿا لاءِ پروجيڪٽ ڊيولپمينٽ فيسيلٽي (پي ڊي ايف) جي منظوري ڏني ته جيئن ماهر صلاحڪارن جون خدمتون حاصل ڪري سگهجن سنڌ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ هن ٿا ڪي پي پي پي ماڊل تحت مڪمل ڪندو هيءُ پل ٻکر بيٽ جي اتر ڏانهن اٽڪل 1.5 ڪلوميٽر ڊگهي گهڻ قطار (ملٽي لين) هوندي، جنهن ۾ ڳري تجارتي گاڏين لاءِ گنجائش ۽ پيادل هلندڙن لاءِ الڳ رستا شامل هوندا. شاهراهه پنو ايڪسپريس وي تي اڳڀرائي: پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (پي پي پي) بورڊ اجلاس ۾ 39 ڪلوميٽر ڊگهي شاهراهه پنو ايڪسپريس وي جو جائزو ورتو ويو شاهراهه پنو هن وقت 88.2 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪي آهي وڏي وزير هدايت ڪئي ته شاهراهه پنو کي اپريل 2026ع تائين مڪمل طور تي فعال بڻايو وڃي ان کان سواءِ سمون ڳوٺ پرسان 4.5 ڪلوميٽر اوچي حصي تي شمسي توانائي سان هلندڙ اسٽريٽ لائٽن جي لڳائڻ ۽ 25 سالن جي سار سنڀال جي به منظوري ڏني وئي ته جيئن سيڪيورٽي ۽ محفوظ سفر کي يقيني بڻائي سگهجي ڪاٺوڙ انٽرچينج پي پي پي بورڊ ڪاٺوڙ انٽرچينج جي فزيبلٽي اسٽڊي ۽ تفصيلي ڊيزائن لاءِ ٺيڪي جي منظوري ڏني جنهن جو مقصد ايڪسپريس وي جي آخري پوائنٽ تي بهتر رابطو فراهم ڪرڻ آهي ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (پي پي پي) بورڊ پاليسي ۾ اهم سڌارا: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (پي پي پي) بورڊ نظام کي وڌيڪ شفاف ۽ سيڙپڪاري لاءِ پرڪشش بڻائڻ لاءِ ڪيترن اهم فيصلن جي منظوري ڏني انفراسٽرڪچر منصوبن ۾ غير معمولي بولين (abnormal bids) جي جاچ لاءِ نوان ضابطا منظور ڪيا، جن تحت تخميني لاڳت کان 15 سيڪڙو وڌيڪ يا گهٽ بولين رد ڪيون وينديون ته جيئن مالي نظم برقرار رهي ۽ ساڳيءَ ريت نجي شعبي طرفان پيش ڪيل منصوبن (unsolicited proposals)لاءِ به باقاعده طريقيڪار منظور ڪيو ويو ان ۾ "رائٽ آف فرسٽ ريفيوزل" (ROFR)جو نظام شامل آهي جنهن تحت جيڪڏهن شروعاتي بولي ڏيندڙ ڪامياب بولي ڏيندڙ نه بڻجي پر ان جي بولي ڪامياب بولي کان 20 سيڪڙو کان وڌيڪ نه هجي ته هو يا ته برابر بولي ڏئي سگهي ٿو يا منصوبي جي تياري جا خرچ واپس وٺي سگهي ٿو (وڌ ۾ وڌ 10 ڪروڙ رپيا يا ڪل لاڳت جو هڪ سيڪڙو، جيڪو به گهٽ هجي). انهن اپاءَن جو مقصد شفافيت وڌائڻ، نجي سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ ۽ سنڌ ۾ پائيدار انفراسٽرڪچر ترقي کي يقيني بڻائڻ آهي

بقايا | 27 | مير منور ٽالپر

سرڪردي اڳواڻ ۽ صدر آصف علي زرداري جي ڀيڻوئي مير منور ٽالپر چيو آهي ته پنجاب سنڌ سان زيادتي ڪري رهيو آهي. چولستان مان ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ تباهه ٿي ويندي، هن وقت سنڌ ۾ آبادگار 15/15 ڏينهن تائين پاڻي جو انتظار ڪن ٿا، جيڪڏهن اهو ئي حال رهيو ته سنڌ جون زمينون بنجر ٿي وينديون ڪالهه پنهنجي رهائشگاهه تي مستحق مسلم ۽ غيرمسلم ماڻهن ۾ راشن ورهائيندي ۽ ڪين عيد جا ڪپڙا ڏيڻ واري تقريب جي موقعي تي عبرت سان ڳالهائيندي هن چيو ته مون پنهنجي وزارتن دوران آبادگارن کي اهڙي پريشان حال ۾ ناهي ڏٺو ڏينهون ڏينهن مهانگائي وڌي رهي آهي غريب ماڻهن لاءِ هڪ ويلي جي ماني کائڻ مشڪل ٿي وئي آهي پنجاب اسان جو وڏو ڀاءُ آهي ان کي گهرجي ته هو سنڌ سميت ٻين صوبن کي پاڻ سان گڏ ڪري هلي ۽ انهن صوبن جي مسئلن کي اوليت ڏئي اسان وفاق جي بنا شرط جي حمايت ڪريون ٿا ۽ موجوده وفاقي حڪومت ۾ شامل آهيون پر مسلم ليگ ن وارا ان جو حق ادا نه ڪري رهيا آهن. پنجاب جي مفادن کي وڌيڪ عزيز رکيو وڃي ٿو ۽ سنڌ جي مسئلن جو خيال نٿو ڪيو وڃي اهو ئي سبب آهي ته سنڌ ته فنڊ ڏيڻ ۾ دير ڪئي ٿي وڃي. سنڌ حڪومت ان جي باوجود پنهنجا ترقياتي ڪم جاري رکندي پئي اچي ڪالاباغ ڊيم کي سنڌ جو عوام رد ڪري چڪو آهي اهو سنڌ لاءِ ڪارو نانگ آهي جيڪو سنڌ جي معيشت کي ڏنگڻ لاءِ انتظار ۾ ويٺل آهي. هن چيو ته پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو نه صرف سنڌ ۾ سڄي ملڪ جي عوام جي ڀلائي لاءِ سوچي رهيو آهي. جيڪو عوام جي طاقت سان وزيراعظم ٿيندو ۽ ملڪ سندس قيادت ۾ بنا ڪنهن فرق جي ترقي ڪندو.

بقايا | 28 | اتفاق

ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي اسپيڪر سنڌ جي گورنر کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ملاقات ۾ ٻنهي اڳواڻن بين المذاهب هم آهنگي رواداري، محبت ۽ سٺي اخلاق کي هٿي ڏيڻ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي صوبي جي ڀلائي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ ماڻهن کي هر ممڪن رليف فراهم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو

آفس آف دي
ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن جيڪب آباد

No. TC/G-55/EWD/JCD/1628 of 2026 Jacobabad
Dated: 16/3/2026

"بدعنوانيءَ کان پاڪ"

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

دلچسپي رکندڙ/اهل ٺيڪيدارن / فرمز کان جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل وٽ سال 26_2025 لاءِ لاڳاپيل فيلڊ ۽ ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ هجن کان هي آفيس SPPRA سنڌ جي ويب سائيٽ "E-Pak Acquisition and Disposal System (EPADS)" جي نئين طريقي ذريعي، SPPRAرولز 2010 (ترميم ٿيل) تحت، هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار تحت اي_آڇ گهرائي ٿي.

شمار نمبر	اسڪيم/يونٽ جو نالو	SEMIS ڪوڊ	تعلقو	ڪٿيل رقم (ملين رپين ۾)	5% سوٽي رقم (ملين ۾)	ٽينڊر في رپيا ناقابل واپسي	مڪمل ڪرڻ جو مدو
1	2	3	4	5	6	7	8
	صوبائي ADP اسڪيمون 2023-24						
1/251	موجوده پرائمري/ايليمينٽري اسڪولن جي مرمت ۽ بحالي (مينهن/ٻوڏ متاثر 2022) (28 (SDG#4) يونٽ) ضلعو جيڪب آباد						
1	GGPS پانڌي خان لغاري	412010044	ڳڙهي خيرو	3.750	0.188	3000	16 مهينا
2	GBPS دلشير بروهي	412010078	ڳڙهي خيرو	3.494	0.175	3000	16 مهينا
3	GBPS عبدالڪريم بروهي	912000054	ڳڙهي خيرو	2.490	0.125	3000	16 مهينا
4	GBPS گهٽيا	412030499	ٺل	2.950	0.148	3000	16 مهينا
5	GBPS عبدالغني ڪوسو	412030517	ٺل	2.210	0.111	3000	16 مهينا
2/282	موجوده پرائمري/ايليمينٽري اسڪولن جي تعمير / ٻيهر تعمير(16 يونٽ) (مينهن/ٻوڏ متاثر 2022) SDG#4 ضلعو جيڪب آباد						
06	GGMS پلي ڏنو آباد	412020365	ڳڙهي خيرو	9.950	0.498	3000	16 مهينا
07	GGPS ڳڙهي خيرو_I	412010188	ڳڙهي خيرو	5.800	0.290	3000	16 مهينا
08	GBPS مير حسن ڏاهاڻي	412030650	ٺل	5.145	0.257	3000	16 مهينا
09	GBPS چندن	412030108	ٺل	5.130	0.257	3000	16 مهينا
3/456	موجوده هاءِ/هائر سيڪنڊري اسڪولن جي تعمير / ٻيهر تعمير (مينهن/ٻوڏ متاثر 2022) (05 يونٽ) SDG#4 ضلعو جيڪب آباد						
10	GBHS پنهون پٽي	412010386	ڳڙهي خيرو	14.170	0.750	3000	16 مهينا
4/516	ضلعو جيڪب آباد جي موجوده پرائمري /ايليمينٽري/مڊل/هاءِ اسڪولن ۾ پيئڻ جو پاڻي/واش رومز ۽ چوديواري جي فراهمي (پروگرام 23_2022)						
11	GBPS لکمير ڪراڙي	412020015	جيڪب آباد	2.450	0.123	3000	16 مهينا
SDG A/5	سسٽينبل ڊولپمينٽ گولز اچيومينٽ پروگرام (پروگرام 25_2024)						
12	تعمير: GBPS جاڙي يوسي جونگل	412030548	ٺل	6.000	0.300	3000	04 مهينا
13	تعمير: GBPS عبدالخالق سرڪي ديهه ڏول	412030295	ٺل	6.000	0.300	3000	04 مهينا
14	تعمير: GBPS مهراڻ پاهڙ ايت ايوب خان پهوڙ يو سي جونگل	412030588	ٺل	6.000	0.300	3000	04 مهينا
15	مرمت: GBHSS ڊاڪٽر سهراب خان سرڪي	412030766	ٺل	5.000	0.250	3000	04 مهينا
16	مرمت: GGPS حسن آباد يو سي ڏينپور	412030135	ٺل	3.000	0.150	3000	04 مهينا
17	مرمت: GBPS مير حسن خان ڪوسو يو سي ڏينپور	412030042	ٺل	3.000	0.150	3000	04 مهينا
18	مرمت: GBPS محمد ايوب ڪوسو	412030452	ٺل	3.000	0.150	3000	04 مهينا
19	مرمت: GBPS حاجياڻي ڪوسو يوسي لوگي	412030035	ٺل	3.000	0.150	3000	04 مهينا
R&M/6	مرمت ۽ سارسنڀال جو پروگرام 26_2025						
	باقاعده مرمت ۽ سارسنڀال جا ڪم	نوان يونٽ NIT 2025-26					
20	GBPS عبدالعزيز جتوئي	41203005	جيڪب آباد	3.500	0.175	3000	04 مهينا
21	GBPS نوازو جاگير	41202013	جيڪب آباد	2.500	0.125	3000	04 مهينا
22	GBPS راجا خان گهولاٽو	41202026	جيڪب آباد	3.000	0.150	3000	04 مهينا
23	GBPS دين محمد ڪوسو	41203055	ٺل	3.700	0.185	3000	04 مهينا
24	GBPS پيارو عارباڻي	41202012	جيڪب آباد	1.800	0.090	3000	04 مهينا
25	GBPS شادي خان جکراڻي	41202026	جيڪب آباد	2.900	0.145	3000	04 مهينا
26	GBPS نصير خان پنگر	41203043	ٺل	3.000	0.150	3000	04 مهينا
27	GBPS ڀيڙو خان جکراڻي	41202032	ٺل	3.000	0.150	3000	04 مهينا
28	GBPS سکيو ڪنراڻي/Wall	41203052	ٺل	2.000	0.100	3000	04 مهينا
29	GBPS ابوبڪر ڪنراڻي	41203016	ٺل	0.500	0.025	3000	04 مهينا
30	GGPS عبدالغفور ڪوسو	41203028	ٺل	1.000	0.050	3000	04 مهينا
	هنگامي ڪم						
31	GGPS دوست محمد پناڻ C/W	41202000	جيڪب آباد	2.200	0.110	3000	04 مهينا

1. **اهليت:**
   - i. سنڌ روينيو بورڊ (SRB) ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) وٽ فعال ٽيڪس پيئر لسٽ (ATL) تي هجڻ جي درست رجسٽريشن. جتي گهرجي اتي GST سرٽيفڪيٽ ۽ مالڪ/پروپرائٽرز جي سڃاڻپ ڪارڊ (CNIC) جي ڪاپي.
   - ii. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (P.E.C) سان سال 26_2025 لاءِ لاڳاپيل شعبي (CE-10) ۾ رجسٽريشن هجڻ لازمي آهي. انهن ڪمن لاءِ جن جي اندازي مطابق قيمت 4.000 (ملين) کان وڌيڪ هجي.
2. **قابليت:**
   - i. گذريل ٽن سالن (2024 کان 2026) دوران مڪمل ڪيل بلڊنگ جي ڪمن جي فهرست (03 عدد) دستاويزي ثبوتن سان گڏ. جنهن ۾ ڪم جي اطمينان بخش مڪمل ٿيڻ جا سرٽيفڪيٽ يا ليٽر آف ايوارڊ جون ڪاپيون هجن.
   - ii. جاري بلڊنگ جي ڪمن جي فهرست (03 عدد) دستاويزي ثبوتن ۽ ليٽر آف ايوارڊ جي ڪاپين سان گڏ.
   - iii. ڪم جي مڪمل ڪرڻ لاءِ موجود يا مسواڙ تي ورتل مشينري ۽ اوزارن جا تفصيل دستاويزي ثبوتن سان گڏ.
   - iv. فني عملي جي قابليت ۽ تجربي جا تفصيل، نالن ۽ اهم سائيٽ مينيجمينٽ اسٽاف سان گڏ.
   - v. گذريل 03 سالن (2024 کان 2026) جي بئنڪ اسٽيٽمينٽ. جيڪا ڪم جي اندازي مطابق قيمت جي 10٪ روڪ رقم جي موجودگيءَ جي تصديق ڪري ۽ مالي صلاحيت طور ڪم جي اندازي مطابق قيمت جي 80٪ ٽرن اوور هجڻ گهرجي.
   - vi. جيڪڏهن ٽينڊر جمع ڪرائڻ يا کولڻ جي تاريخ ۽ وقت تي ڪي اڻٽر حالتون پيدا ٿين يا حڪومت طرفان موڪل جو اعلان ڪيو وڃي، ته ٽينڊر ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ ساڳي جاءِ تي جمع/کليل تصور ڪيا ويندا.
   - vii. پروڪيورنگ ايجنسي SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل) جي تحت ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.
   - viii. شرطيا ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
   - ix. آڇ جي عمل ۾ ڪنهن به جوائنٽ وينچر فرم کي حصو وٺڻ جي اجازت نه هوندي.
3. **لازمي گهرجون:**
   - i. موجوده تاريخ جو حلف نامو ته فرم ڪنهن به قانوني تڪرار ۾ ملوث ناهي ۽ ڪنهن به ڪم کي اڌ ۾ ناهي ڇڏيو.
   - ii. حلف نامو ته فرم ڪنهن به خريداري ڪندڙ اداري پاران بليڪ لسٽ ٿيل ناهي.
   - iii. حلف نامو ته ڏنل معلومات، دستاويز ۽ ڊيٽا مڪمل طور تي سچي ۽ درست آهي.
   - iv. بڊ سيڪيورٽي /بيانيءَ جي رقم حصو وٺندڙ ڪمپني يا فرم جي بئنڪ اڪائونٽ (A/C) مان هجڻ گهرجي.
   - v. هن ڊويزن يا ڪنهن ٻئي ڊويزن/کاتي ۾ ماضيءَ جي خراب ڪارڪردگي، ڪم کي اڌ ۾ ڇڏڻ، مقرر وقت ۾ ڪم مڪمل نه ڪرڻ، SPPRA رولز ۽ خريداري جي اصولن مطابق آڇ رد ڪرڻ لاءِ پختو بنياد تصور ڪيو ويندو.
   - vi. خريداري ڪندڙ ادارو سنڌ حڪومت جي ڪنهن به ڊويزن يا کاتي مان واڪ ڏيندڙ جي ڪارڪردگيءَ جي تصديق جو حق رکي ٿو ۽ خراب رڪارڊ رکندڙ فرم جي آڇ رد ڪري سگهي ٿو.
   - vii. شرطيا، ٽيليفونڪ آڇون يا اهي آڇون جن سان بيانيءَ جي رقم شامل نه هوندي، انهن تي غور نه ڪيو ويندو.
   - viii. ٽينڊر کي احتياط ۽ صفائيءَ سان ڀرڻ گهرجي، جنهن سان گڏ قيمتن جو شيڊول فارم ڀريل هجي. هر آڇ سان گڏ مٿي ڄاڻايل 5٪ ڪال ڊپازٽ هجڻ لازمي آهي. ڪال ڊپازٽ ۽ پي آرڊر ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ مان "ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن جيڪب آباد" جي نالي تي هجڻ گهرجي. اصل بڊ سيڪيورٽي جي هارڊ ڪاپي سيل ٿيل لفافي ۾، فرم جي نالي ۽ ڪم جي تفصيل سان گڏ، واڪ کلڻ کان اڳ چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي / ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي آفيس ۾ جمع ڪرائڻي پوندي. اٿيوري ٽينڊر، اوور رائيٽنگ يا شرطيا ٽينڊر تي غور نه ڪيو ويندو.
   - ix. وٿ هولڊنگ ايجنٽ، ٽيڪس لاڳو خدمتون حاصل ڪرڻ وقت، نوٽيس (SSTW-05) ذريعي ڄاڻائيندو ته سيلز ٽيڪس مقرر ڪيل قاعدن مطابق ادائگي مان ڪٽيو ويندو ۽ سنڌ حڪومت جي کاتي ۾ مقرر طريقي سان جمع ڪرايو ويندو.
   - x. ڪم جي ڪارڪردگي سيڪيورٽي جو 5٪ ڪم جي رننگ بلن مان SPPRA رول (d)(i)21 ۽ رول 39 (ترميم ٿيل 2017) تحت ڪٽيو ويندو.

1. **خريداريءَ جو طريقو:** هڪ مرحلي تي هڪ لفافي.
2. **واڪ/ٽينڊر جا دستاويز:** واڪ دستاويز SPPRA سنڌ جي ويب سائيٽ "E-Pads" (https://portalsindh.eprocure.gov.pk) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
3. **جمع ڪرائڻ جي تاريخ:** آڇ "E-Pads" جي ويب سائيٽ تي اپلوڊ/جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 06-04-2026، صبح جو 10:00 وڳي تائين آهي.
4. **واڪ جو اعلان ۽ هنڌ:**

تمام ڊائون لوڊ ٿيل آڇون 06-04-2026 تي صبح جو 11:00 وڳي، ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن جيڪب آباد جي آفيس (ويجهو گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڊگري ڪاليج روڊ جيڪب آباد) ۾ پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران ٺيڪيدارن يا انهن جي نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون. جيڪڏهن آفيس هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هوندو ته آچون ايندڙ ٻئي ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊول موجب کوليون وينديون.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن
جيڪب آباد

INF/KRY/1129/2026

I WORK FOR SINDH
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ايراني قيادت تي حملا جنگ کي وڌيڪ خطرناڪ بڻائيندا!
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار

عيدالفطر ۽ هندو نئين سال جي شروعات!
صفحو 4

چا آمريڪا ايٽمي حملو ڪري سگهي ٿو؟
ڊاڪٽر رشيد احمد
صفحو 4

رحمت الله ٻرڙو

سنڌ ۾ اهم پُلن ۽ لنڪ روڊن لاءِ ڊوئيلائيزيشن جي ضرورت!
صفحو 4

ماتلي شهر جي ريلوي پليٽ فارم تان چاقو لڳل ۽ رت ۾ ٻڏل نوجوان جو لاش هٿ

نوجوان جي لاش جي ڪشميري محلي واسي 40 ورهين جي محمد وقار ڪشميري طور سڃاڻپ ٿي

آئيس جي موالي شخص سان ڀاءُ جو جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ هو چاقو لڳڻ سبب فوت ٿي ويو آهي: وقاص ڪشميري

جوابدار جو نالو پوليس کي ٻڌايو آهي(ڀاءُ) فوتي جي ڀاءُ پاران ڏنل نالي واري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي:پوليس

ماتلي (ن ع)ماتلي شهر جي ريلوي جي پليٽ فارم تان چاقو لڳل ۽ رت ۾ ٻڏل هڪ نوجوان جو لاش هٿ آيو آهي جنهن جي سڃاڻپ ڪشميري محلي واسي 40 ورهين جي محمد وقار ڪشميري طور ٿي آهي پوليس لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي تعلقي اسپتال پهچايو آهي جتي ڊاڪٽرن پاران سنڌس موت جي تصديق ڪئي وئي ان موقعي تي فوتي جي وڏي ڀاءُ محمد وقاص ڪشميري جو چوڻ آهي ته ڪيس ٻڌايو ويو آهي ته هڪ آئيس جي موالي شخص سان سنڌس ڀاءُ جو جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ هو چاقو لڳڻ سبب فوت ٿي ويو آهي محمد وقاص ڪشميري موجب ته هن جوابدار جو نالو پوليس کي ٻڌايو آهي. هوڏانهن پوليس جو چوڻ آهي ته فوتي جي ڀاءُ پاران ڏنل نالي واري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي

ماتلي: ريلوي پليٽ فارم تان هٿ آيل لاش پيل آهي

مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو

مردن،عورتن،ٻارڙن ۽ نياڻين احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

مظلوم ڪوڙن ڪيسن ۾ ڏهن مهينن کان نوشهروفيروز جيل ۾ قيد آهن:اڳواڻ

مورو(ن ع)مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ چوٿين ڏينهن به وارثن مردن عورتن ۽ ٻارڙن نياڻين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين وڪيلن پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ ملامتي ٻڪ ڪئي جن جي هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ ۽ تصويرون هيون جن تي بيگناهه قيدين جي آزادي جا نعره لکيل هئا ان موقعي تي وارثن محسن علي رستماڻي ايڊووڪيٽ اسرار احمد پلي ايڊووڪيٽ نصير احمد ڪوڪر علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو وسيم سجاد لغاري جيئي سنڌ قومي محاذ جو ابرار ميمڻ ۽ ٻين چيو ته مظلوم بيگناهه ڪوڙن ڪيسن ۾ ڏهن مهينن کان ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ قيد آهن انهن جون ملاقاتن تي به بندش آهي انهن جا گهر ڀاتي اڙيون ونيون پيئرون پيرسن والدين ڀائر پٽ پنهنجن پيارن جي بيگناهه قيد جو درد ڏهن مهينن کان سهندا پيا اچن انهن جي گهرن ۾ پنهنجن پيارن لاءِ درد ضر ۽ ڏک کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي انصاف جا دروازا بند ڪيا ويا آهن ضمانتن تي به بندش وجهي ڇڏي اٿن جيڪي حڪمران هماز چونڊيا انهن پهريون وار اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ مورو ۽ ڳوٺ لغاري بجراڻي تي ڪيو جبر ڏاڍ ۽ بربريت جي انتها ڪئي وئي اٿين ضياء جي يارهن سال مارشلا ۾ به اٿين نه ڪيو ويو ڏهن مهين کان لغاري رستماڻي جويا پلي رند چانڊيا نوجوان شاگرد پورهيت مزدور هاري حڪمرانن جي عقوبت خانن ۾ قيد آهن بيگناهه قيدين جا ٻار نياڻيون پنهنجن پيارن لاءِ زارو قطار رات ڏينهن درد پرين دانهن سان روئن ٿا پنهنجن گهرن جي درن تي ويهي پنهنجن پيارن جي اچڻ جو انتظار ڪن ٿا آهي ٻار ۽ گهر ڀاتي کهڙيون عيد جون خوشيون ملهائيندا ٽن ڏينهن کان مسلسل وارث پنهنجن پيارن جي آزادي لاءِ احتجاج ڪندا اچن پيا پر ڪير انهن جي دردن جو درماڻ ڏيڻ وارو نه آهي

مورو: سانحي جي قيدين جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٻانڊي ٿاڻي جو هيڊڪانسٽيبل راڻو خان مگريو تيز رفتار وين جي ٽڪر فوت ٿي ويو

ٻانڊي (ن ع)ڪنڊياري سان تعلق رکندڙ ۽ ٻانڊي ٿاڻي تي وڏي عرصي کان مقرر پوليس هيڊڪانسٽيبل راڻو خان مگريو رات دير سان مهراڻ هاءِ وي تي ٻانڊي شوگر مل چونڪ پرسان ڊيوٽي دوران تيز رفتار وين جي ٽڪر ۾ موقعي تي ئي شهيد ٿي ويو. واقعي کان پوءِ ٻانڊي پوليس شهيد اهلڪار جو مڙهه فوري طور ٻانڊي اسپتال منتقل ڪيو. اطلاع ملڻ شرط ڊي ايس پي دوڙ حبيب الرحمان لاشاري به اسپتال پهتو جتي ضروري قانوني ڪارروائين ۽ پوسٽ مارٽم بعد شهيد جو مڙهه پوليس پروٽوڪول هيٺ پوليس لائين نواب شاهه منتقل ڪيو ويو. پوليس لائين نواب شاهه ۾ شهيد اهلڪار جي جنازي نماز سرڪاري اعزاز سان ادا ڪئي وئي جنهن ۾ پوليس جي اعليٰ عملدارن ۽ وڏي انگ ۾ اهلڪارن شرڪت ڪئي. بعد ۾ شهيد جي مڙهه کي سلامي پيش ڪرڻ کان پوءِ سنڌس اباڻي ڳوٺ ڪنڊياري روانو ڪيو ويو. ٻئي طرف حادثي ۾ ملوث وين کي ٻانڊي پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن ته ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن ڏکوئيندڙ واقعي کان پوءِ ٻانڊي ٿاڻي جا اهلڪار غم ۾ ٻڏي ويا ۽ شهيد ساٿي جي وڇوڙي تي لڙڪ لاڙي ويا.

ٻانڊي: هيڊڪانسٽيبل راڻوخان مگريو جيڪو فوت ٿي ويو

ڄام ظفرالله ڏاريجو ۽ ڄام نوشيروان ڏاريجو پاران افطار ڊنر جو اهتمام

معززن سياسي ۽ سماجي اڳواڻن آفيسرن،واپارين،پيپلز پارٽي ڪارڪنن شرڪت ڪئي

شخصيتن کي گڏ ڪرڻ ۽ باهمي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ آهي: ڄام ظفرالله ڏاريجو

گهوٽڪي(ن ع)ڄام ظفرالله خان ڏاريجو ۽ ٽائون ڪاميٽي عادلپور جي چيئرمين ڄام نوشيروان خان ڏاريجو پاران شاندار افطار ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ گهوٽڪي ۽ عادلپور شهر جي معزز شخصيتن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن،آفيسرن واپاري برادري، پاڪستان پيپلز پارٽي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب نهايت خوشگوار ۽ دوستاڻي ماحول ۾ منعقد ٿي، جتي مختلف مڪتب فڪر سان واسطو رکندڙ شخصيتن هڪ ٻئي سان ملاقاتون ڪري باهمي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ميونسپل ڪاميٽي گهوٽڪي جي چيئرمين ڄام آصف رزاق خان ڏاريجو اڳوڻو چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر سردار تقي خان ڏاريجو ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر اختر خان بوزدار پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي گهوٽڪي جو جنرل سيڪريٽري سڪندر علي لاکو وائس چيئرمين ٽائون ڪاميٽي عادلپور عبدالغفار ڪلوڙ سردار بگن خان ڪلادي، چوڌري آصف علي آرائين، سيد ضمير حسين شاهه سردار انور خان شاهاڻي سيد برڪت علي شاهه سينيئر صحافي الله ورايو بوزدار ظفر احمد صديقي فرمان سومرو نياز چنا، مشتاق شاهي احسان ڪلوڙ مظهر احمد صديقي، مسرت مهر فريد ملڪ يوسف منگي فرمان لغاري، علي حسن ماجد ڪلوڙ سميت عادلپور جي معزز شخصيتن ۽ هندو پنچائت جي نمائندن به شرڪت ڪئي آخر ۾ ميزبان ڄام ظفرالله خان ڏاريجو سڀني معزز مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته افطار ڊنر جو مقصد زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۽ باهمي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ آهي

گهوٽڪي: ڄام ظفر الله ڏاريجو پاران منعقد ڪيل افطار ڊنر جو ڏيک

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سرڪاري گاڏين لاءِ تيل 50 سيڪڙو گهٽايو ويو

ڄامشورو(اپ ر)سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو پنهنجين سمورين سرڪاري گاڏين لاءِ پهرين اپريل 2026ع کان بارڻ جي فراهمي ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي سنڌ يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار ساجد قيوم ميمڻ طرفان جاري ڪيل هڪ نوٽيفڪيشن موجب ايندڙ حڪمن تائين مادر علمي جي سرڪاري گاڏين تي 50 سيڪڙو بارڻ ۾ ڪمي وارو فيصلو خرچن ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ جاري ڪيل هدايتن تحت ڪيو ويو آهي نوٽيفڪيشن ۾ ضروري خدمتن سان واڳيل گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن کي پيٽرول/ ڊيزل ۾ گهٽتائي واري حڪم کان آجو قرار ڏنو ويو آهي

وڳڻ: بهارجي وسڪاري بعد جو منظر

وڳڻ ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ بهار جو پهريون وسڪارو

رات دير کان وٺي جاري وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري

ڪڻڪ، چڻان، گدرن، هنداڻو ۽ ٽماٽن جي تيار فصل کي وڏو نقصان

وڳڻ (ن ع)وڳڻ ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ بهار جو پهريون وسڪارو رات دير کان وٺي جاري وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري آهي جنهن سبب علائقي ۾ زرعي صورتحال سخت متاثر ٿي رهي آهي. وڳڻ سميت مختلف ڳوٺن جن ۾ لعلورونڪ، يارو ديرو جعفراڻي، ڪنڊ خان مغيري، عالي ڪبڙ ٻاٿهون خان مغيري ۽ سڄي ڏنو چانڊيو شامل آهن اتي برسات سان گڏ هلڪي هوا به لڳي رهي آهي برسات سبب ڪڻڪ، چڻان، گدرن، هنداڻو ۽ ٽماٽن جي تيار فصل کي وڏو نقصان پهچڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي، جنهن ڪري هارين ۾ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي آهي ۽ هاري سخت پريشان نظر اچي رهيا آهن. ٻئي طرف، برسات سبب علائقي ۾ بجلي جو نظام به مڪمل طور تي بند ٿي ويو آهي، جنهن ڪري شهري ۽ ڳوٺاڻا ٻٽي عذاب ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. وڌيڪ برسات جاري رهڻ جي صورت ۾ فصلن کي وڌيڪ نقصان ۽ علائقي ۾ مشڪلاتن ۾ واڌ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ڀهاڙي ۾ ڪڻڪ جا خريداري مرڪز نه کليا،آبادگار سستي اگهه ۾ ڪڻڪ وڪرو ڪرڻ لڳا

ڪڻڪ لهڻ شرط واپاري مافيا سرگرم ٿي وئي،غريب هارين جي استحصال هلندڙ،ڪڻڪ من پسند اگهن تي خريد ڪرڻ جو سلسلو جاري

واپاري من ماني ڪندي کين ڪڻڪ جو مناسب اگهه نٿا ڏين،سخت پريشاني ۾ مبتلا آهيون،سرڪاري اگهه تي عمل نٿو ڪيو وڃي:هاري

مسوپرڳڙي (ن ع)مسوپرڳڙي سميت تعلقي حيدرآباد ڀهاڙي ۾ ڪڻڪ جا سرڪاري خريداري جا مرڪز کلي نه سگهيا، آبادگار سستي اگهه ۾ ڪڻڪ وڪرو ڪرڻ لڳا،مسوپرڳڙي ۾ ڪڻڪ لهڻ شرط واپاري مافيا سرگرم ٿي وئي آهي غريب هارين جي استحصال هلندڙ آهي هتي ڪڻڪ جي فصل لهڻ سان گڏ واپاري مافيا سرگرم ٿي وئي آهي جتي سرڪار پاران مقرر ڪيل اگهه کي نظرانداز ڪندي ڪڻڪ من پسند گهٽ اگهن تي خريد ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي، مقامي هارين موجب واپاري من ماني ڪندي کين ڪڻڪ جو مناسب اگهه نٿا ڏين جنهن سبب هاري سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن , هارين جو چوڻ آهي ته سرڪاري اگهه موجود هوندي به عملي طور ان تي عمل نٿو ڪيو وڃي ۽ کين مجبور ڪري گهٽ قيمت تي ڪڻڪ وڪرو ڪرائي وڃي ٿي متاثر هارين سنڌ جي وزيراعليٰ، وزير خوراڪ ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي هنن ڪمشنر حيدرآباد، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقه حيدرآباد رورل کي پڻ اپيل ڪئي آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي واپاري مافيا خلاف ڪارروائي ڪري هارين کي سرڪاري مقرر ڪيل اگهه تي ڪڻڪ وڪرو ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي

ڪنڌڪوٽ صحافي نظير احمد سومرو جي والده جو ٽيجهو

مختلف شخصيتن شرڪت ڪئي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪشمور-ڪنڌڪوٽ جي سياسي، سماجي ۽ صحافتي اڳواڻ نظير احمد سومرو جي والده ماجده جي وفات تي سنڌس اباڻي ڳوٺ رسول آباد، سومرا هائوس ڪنڌڪوٽ ۾ ٽيجهو نهايت عقيدت ۽ احترام سان منعقد ٿيو. ٽيجهي ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ سياسي، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن علائقي جي معززين صحافين ۽ سومرا برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جتي مرحوم جي مغفرت، بلند درجات ۽ جنت الفردوس ۾ جاءِ لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون. ان موقعي تي سوڳوار خاندان سان تعزيت ڪندي ماڻهن چيو ته ماءُ جهڙي عظيم هستي جو وڇوڙو ناقابل تلافي نقصان آهي، جنهن جي کوٽ سدائين محسوس ٿيندي رهي ٿي. نظير احمد سومرو سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي جتي روزانو وڏي تعداد ۾ ماڻهن جي آمد ٿي رهي آهي.

ڪنڌڪوٽ: صحافي نظير احمد سومرو جي والده جو ٽيجهي جي وقت ورتل تصوير

سنڌ يونيورسٽي ۽ سمورا ڪئمپسز 20 کان 22 مارچ تائين عيدالفطر جي ڪري بند رهندا؛ 23 مارچ تي به موڪل هوندي

ڄامشورو (اپ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۽ ان جا سمورا ڪئمپسز عيدالفطر جي مناسبت سان 20 مارچ کان 22 مارچ تائين بند رهندا، جڏهن ته 23 مارچ تي به پاڪستان ڏهاڙي سبب موڪل هوندي سنڌ يونيورسٽي جي رجسٽرار ساجد قيوم ميمڻ ان سلسلي ۾ به الڳ الڳ سرڪيولر پڻ جاري ڪري ڇڏيا آهن

وڳڻ ويجهو مڇي جي ڪڏ ۾ شرپسند ماڻهو زهر اڇلائي ڇڏيو

سون جي تعداد ۾ مڇي جا ڪرڙا مري ويا،لکين روپين جو نقصان

پيون پيرو مونسان بي واجبي ٿي پئي،ڪو تدارڪ نٿو ٿئي:تاج محمد مغيري

وڳڻ(ن ع)وڳڻ ويجهو ڳوٺ جيئو خان مغيري ۾ مڇي جي ڪڏ ۾ شرپسند ماڻهو زهر اڇلائي ڇڏيو جنهن بعد سون جي تعداد ۾ مڇي جا ڪرڙا مري ويا، لکين روپين جو نقصان ٿيو آهي حوالي سان ڪڏ مالڪ فوجي تاج محمد مغيري ٻڌايو ته ڳوٺ ۾ منهنجي مڇي جي ڪڏ آهي، ڏهه مهينا اڳ به ساڳي ڪڏ ۾ شرپسندن زهر اڇلائي لکين روپين جي مڇي ماري ڇڏي هئي، ۽ گذريل رات به نامعلوم ماڻهو رات جي وقت ڪڏ ۾ زهر اڇلايو صبح جو ڏٺوسين ته مڇي جا ڪرڙا سون جي تعداد ۾ مئل پيا هئا، اهڙي واقعي جي اين سي لعلوراڻڪ ٿاڻي تي پڻ داخل ڪرائي آهي، هن چيو ته پيون پيرو مونسان بي واجبي ٿي پئي، ڪو تدارڪ نٿو ٿئي هن ايس ايس پي قمبر، ڊي ايس پي وڳڻ، ايس ايڇ او لعلوراڻڪ کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي شرپسندن کي پڪڙي مونکي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

وڳڻ: شرپسند پاران مڇي جي ڪڏ ۾ زهر اڇلائڻ سبب مري ويل مڇيون

خيرپور: لطيف يونيورسٽي جي شاگرد فرحان چانڳ جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

لطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگرد فرحان چانڳ جو ڏس پتو نه ملي سگهيو

شاگرد فرحان چانڳ جي وارثن جو 7 ڏهاڙي به احتجاجي بک هڙتال جاري

فرحان چانڳ جي آزاد ڪيو وڃي،ٻي صورت ۾ احتجاج سخت ڪيو ويندو:اڳواڻ

هنگورجا(ن ع)هنگورجا مان 11 ڏينهن اڳ کنبي گم ڪيل شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگرد فرحان چانڳ جو ڏس پتو ملي نه سگهيو وارثن جو 7 ڏهاڙي به احتجاج جاري هنگورجا مان 11 ڏينهن اڳ کنبي گم ڪيل شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگرد فرحان چانڳ جو اڃا تائين ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو آندا جي وارثن ۽ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، گلاب چانڳ جمن چانڳ . امدادي چانڳ حنيف چانڳ جي اڳواڻي ۾ ستين ڏهاڙي به احتجاجي بک هڙتالي ڪيمپ جاري رکي وئي احتجاج ڪندڙن ميڊيا ساڻ ڳالهائيندي چيو آهي ته 11 ڏينهن اڳ اسان جي نوجوان جي هنگورجا مان پوليس موبائلن ۾ کنبي گم ڪيو ويو آهي 11 ڏينهن گذري ويا آهن پر ڪابه خبر ناهي ته هو ڪٿي آهي هنن مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي فرحان چانڳ جي آزاد ڪيو وڃي،ٻي صورت ۾ احتجاج وڌيڪ سخت ڪيو ويندو

پ پ اڳواڻ محرم شاهه لکياري پاران اوچتو هنگورجا اسپتال جو دورو

ايم ايس ڊاڪٽر امتياز وساڻ اسپتال جي مسئلن بابت آگاهي ڏني

سنڌ حڪومت صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ سنجيده آهي: محرم شاهه

هنگورجا(ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سيد محرم علي شاهه لکياري اوچتو هنگورجا جي سرڪاري اسپتال جو دورو ڪيو،دوران اسپتال ۾ صحت جي سهولتن بابت پڇاڻو ڪيو ۽ اسپتال ۾ ايندڙ مريضن جي دوائون ۽ انهن جو بهتر علاج ڪرڻ جون هدايتون ڪيون . جڏهن ته اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر امتياز وساڻ اسپتال جي مسئلن بابت پ پ اڳواڻ جي آگاهي ڏني جنهن تي پ پ پ اڳواڻ سيد محرم علي شاهه لکياري چيو آهي ته سنڌ حڪومت صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ سنجيده آهي صوبائي وزير صحت ميڊم عذرا پيچوهو کي اسپتال جي مسئلن بابت آگاهه ڪيو ويندو صحت جون وڌيڪ سهولتون پڻ ڏياريون وينديون ايم ايس ڊاڪٽر امتياز وساڻ جي بهترين ڪارڪردگي جي ساراهه پڻ ڪئي ان موقعي تي سيد محرم علي شاهه لکياري سان ڪائونسل آفسر آصف علي سومرو ماجد سولنگي ۽ ٻيا گڏ هئا

هنگورجا: پ پ اڳواڻ محرم شاهه لکياري اسپتال جو دورو ڪندي

محرابپور ۾ عيد جي رونقن ۾ اضافو اچي ويو

شاپنگ سينٽرن، بازارن، مارڪيٽن کي عوامي پيهه چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

حڪمرانن عوام مٿان پيٽرول بم ڪيرائي عيد جون خوشيون کسي ورتيون آهن:شهري

محرابپور (ٽ ر)عيدالفطر ويجهو ايندي ٿي محرابپور ۾ عيد جي رونقن ۾ اضافو اچي ويو آهي شهر جي شاپنگ سينٽرن بازارن مارڪيٽن کي عوامي پيهه سبب چار چنڊ لڳي ويا آهن خطي جي صورتحال ۽ وفاقي حڪومت پاران عوام تي پيٽرول بم ڪيرائڻ سبب وڌندڙ مهانگائي عيد خريداري ۾ هيڪاندو رخنو وجهي ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ دڪاندارن ۽ عيد خريداري ڪندڙن "عبرت" سان ڳالهائيندي چيو آهي ته حڪمرانن عوام مٿان پيٽرول بم ڪيرائي عيد جون خوشيون کسي ورتيون آهن اڳ ئي ٻه ويلا ماني ڳڀي لاءِ پريشان حال ٻٽيل آهيون هنن وڌيڪ چيو ته مهانگائي سبب ٿالي ماتر عيد شاپنگ ڪري ٻچڙن گهر ڀاتين کي عيد جي خوشين ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوششون ڪيون پيا پر افسوس حڪمرانن مهانگائي جا پهاڙ ڪيرائي غريبن جي جيئڻ جي حق تي به ڌاڙو هڻي پيا هنن چيو ته نااهل حڪمرانن جي وس پڄي ته اسان جي ساهه کڻڻ تي به ٽيڪس لڳائين هنن چيو ته مهانگائي بيروزگاري سبب صرف عوامي رش نظر اچي رهي آهي پر خريداري تمام گهٽ پئي ٿئي جنهن سبب ڪيل سيڙپڪاري ۽ دڪانن جا ڪرايا ڏيڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچڻ پيون هنن چيو ته گراهڪن جيان اسان دڪاندار به مهانگائي جي چڪي ۾ پسجي رهيا آهيون ۽ گهرو بجيٽ جو ستياناس ٿي ويو آهي هتان جي شهرين دڪاندارن علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته پيٽرول جي اگهن ۾ فوري گهٽتائي آڻي وڌندڙ مهانگائي تي ضابطو آندو وڃي

محرابپور: عيد جي موقعي تي بازار سان خريداري ڪئي پئي وڃي

زهراءِ اڪيڊمي طرفان شهدادڪوٽ ۾ 89 تبليغي سينٽر قائم

پاڪستان ۾ 2900 کان مٿي تبليغي سينٽر قائم ڪيا ويا آهن:شبير ميثمي

رهبر معظم حضرت آيت الله سيد علي خامنائي جي شهادت کي خراج تحسين پيش

شهدادڪوٽ(ڊ ر)قائد ملت جعفريه پاڪستان سيد ساجد علي نقوي جي زيرسرپرستي مرڪزي جنرل سيڪريٽري شيعا علماء ڪائونسل علامه ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي جي هدايت ۽ رهنمائي ۾ ۽ زهراءِ اڪيڊمي ڪراچي جي طرفان ضلع قمبر شهدادڪوٽ ۾ 89 مختلف جڳهن تي تبليغي سينٽر قائم ڪيا ويا جڏهن ته صوبي سنڌ ۾ 1788 ۽ پوري پاڪستان ۾ 2900 کان مٿي تبليغي سينٽر قائم ڪيا ويا آهن جتي مبلغين تعليمات قرآن مجيد ۽ سيرت اهلبيت عليہ السلام کي عام ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيا وڃن ٿا ان موقعي ضلع قمبر شهدادڪوٽ ۾ مبلغين جي خدمت ۾ مدرسا جامعت الحسنين ۾ سيمينار بياد شهيد رهبر انقلاب اسلامي ۽ سفيران امير المومنين علي عليہ السلام منعقد ڪيو ويو ان موقعي تي مدرسا جامعت الحسنين جي پرنسپال علامه رياض حسين نقوي ضلع صدر زوار صابر حسين وڏو جنرل سيڪريٽري مختيار علي مگسي سينئير نائب صدر سيد ديدار شاهه بخاري، خصوصي خطاب ڪندي مبلغين جي خدمت کي ساراهيو ۽ عظيم ديني مشن جي ڪاميابي تي قائد ملت جعفريه سيد ساجد علي نقوي ۽ علامه ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي جو شڪريو ادا ڪيو ۽ رهبر معظم حضرت آيت الله سيد علي خامنائي جي شهادت کي خراج تحسين پيش ڪيو سيمينار ۾ ضلع جي مختلف تعلقن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرن شرڪت ڪئي

شهدادڪوٽ: شيعا علما ڪائونسل طرفان رمضان المبارڪ حوالي سان منعقد ڪيل تقريب جو ڏيک

حيدرآباد مان 2ڏينهن اڳ پراسرار لاپته ذهني معذور ناري جو پتو نه پيو

ٿاڻي تي اطلاع داخل ڪرائڻ باوجود پتو پئجي نه سگهيو آهي:مختيار رند

ڪنزِ ڪلثوم جو ذهني توازن درست نه آهي،ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي پراڻي وحدت مان 2ڏينهن اڳ پراسرار لاپته ذهني معذور ناري جو پتو نه پيو وارث پريشان حيدرآباد جي پراڻي وحدت ڪالوني قاسم آباد مان 17مارچ تي گهران نڪري پراسرار گم ٿي ويل 18ورهين ذهني معذور ناري ڪنزِ ڪلثوم ڌي مختيار حسين رند جو پتو پئجي نه سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ نينگري جي پيءُ مختيار حسين رند ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ٻاهران ڳالهائيندي چيو ته سندس ڌي ڪنزِ ڪلثوم 17مارچ 2026 کان پراسرار گم آهي جنهن جي ٿاڻي تي اطلاع داخل ڪرائڻ باوجود پتو پئجي نه سگهيو آهي. هن چيو ته سندس ڌي جو ذهني توازن درست نه آهي ڌي جي گمشدگي سبب سمورا گهر ڀاتي سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ڌي جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي

سنڌ يونيورسٽي انسٽيٽيوشنل ڪوالٽي سرڪل ٻيهر جوڙي ڇڏيو

وائيس چانسيلر ڪميٽي جو چيئرمين ۽ پي وي سي ڊپٽي چيئر مقرر

سرڪل ۾ اسٽوڊنٽس ڪائونسل جا ٻه نمائندا به شامل ڪيا ويا

ڄامشورو (اپ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو هائير ايجوڪيشن ڪميشن آف پاڪستان جي 2023ع واري پاليسي تحت پنهنجو انسٽيٽيوشنل ڪوالٽي سرڪل ٻيهر جوڙي ڇڏيو آهي جنهن جو اعلان گذريل ڏينهن جاري ڪيل هڪ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪيو ويو وائيس چانسلر آءِ ڪيو سي جو چيئرمين هوندو جڏهن ته پرو وائيس چانسلر (مين ڪيمپس) ڊپٽي چيئر طور ڪم ڪندو جاڳايل انسٽيٽيوشنل ڪوالٽي سرڪل ۾ اضافي ڪيمپسز جا پرو وائيس چانسلر ڊينز رجسٽرار ۽ اهم شعبن جا ڊائريڪٽر ميمبر طور شامل ڪيا ويا آهن نوٽيفڪيشن موجب اوريڪ، ڪيو اي سي فنانس آءِ ٽي سروسز ۽ اسٽوڊنٽ آفيئرز جا سربراهه به ميمبر هوندا، ان سان گڏ شاگردن جي ڪائونسل جا نمائندا پڻ شامل هوندا آءِ ڪيو سي معيار کي يقيني بڻائڻ وارن نظامن جي نگراني ڪندو تعليمي پاليسين ۽ فريم ورڪ جو جائزو وٺندو ٻاهرين معيارن تي عملدرآمد کي مانيٽر ڪندو ۽ تعليمي پروگرامز ۽ اداري جي بهتري سان لاڳاپيل تجويزن تي غور ڪندو

ٽنڊوالهيار ۾ بينظير پروگرام جي مستحق عورتن جي پئسن مان 2 هزار کان 2500 سئو جي ڪٽوتي

ٽنڊوالهيار،چمبڙ ۽ جهنڊومري تعلقن ۾ فرنچائز ڊوائيسز آيل قسط ۾ جي پئسن مان 2 هزار کان 2500 سئو جي ڪٽوتي ڪرڻ لڳا

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام اختيارين،ضلعي انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل،مين فرنچائز ۽ ڊوائيسز هولڊر لکين روپين ڪمائي ورتا

پري پري کان ڪرايا ڪري هتي اچون ٿا پر ڊوائيز هولڊر سڄو سڄو ڏينهن بيهاري پئسا نٿا ڪيي ڏين: مستحق عورتون

ٽنڊوالهيار(رپورٽ: راجه ساجد خانزاده) حڪومت طرفان شهيد بينظير ڀٽو جي نالي سان انڪم سپورٽ پروگرام ۾ ٽنڊوالهيار جي تعلقه چمبڙ تعلقه جهنڊومري جي غريب پورهيت عورتن کي ملندڙ قسط 14500 ۾ ڊوائيز هولڊرن طرفان في عورت جي پئسن مان 2000 هزار کان 2500 سئو ڪٽوتي ڪري رهيا آهن جڏهن ته هن سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب ٽنڊوالهيار ضلعي جي تعلقي ٽنڊوالهيار،تعلقي چمبڙ تعلقي جهنڊومري جي ڊوائيز هولڊرن طرفان غريب عورتن کان غير قانوني ڪٽوتي ڪري بيواهه ۽ بيوس عورتن کان اضافي پئسا وٺي رهيا آهن ان سلسلي ۾ مختلف دڪانن تي موجود عورتن ميڊيا کي ٻڌايو ته پري پري کان ڪرايا ڪري هتي اچون ٿا پر ڊوائيز هولڊر سڄو سڄو ڏينهن بيهاري پئسا نٿا ڪيي ڏين هو صرف انهي عورت جا پئسا ڪين ٿا جيڪا انهن کي ڪٽوتي ڪرڻ کان منع نٿي ڪري يا وري ڪنهن ايجنٽ جي معرفت عورتون اچن ٿيون انهن عورتن جا پئسا ڪيي ڏنا وڃن ٿا بيواهه غريب عورتن طرفان ضلعي جي چونڊيل نمائندن کان گهر ڪئي ته مذڪوره ڊوائيز مافيا خلاف فوري طور تي نوٽس وٺي اضافي پئسا وٺندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري غريب مسڪين عورتن کي ڦر لوٽ ٿيڻ کان بچايو وڃي ٻي پاسي معيار تي آهي ته ٽنڊوالهيار ضلع جي ٽين تعلقن ۾ مين فرنچائزز جنهن جو تعلق حيدرآباد، ٽنڊوڄام، ميرپورخاص سان آهي هن ڪٽوتي مافيا سان گڏجي غيرقانوني طور تي لکن روپين ڪمائي ورتا آهن

پرياسي پوليس حويلي ۾ گهڙي ٻن ڀائرن کي ڪنبي ڌم لڪ ڪئي وئي:مرتضيٰ شاهه

سيد نواز علي شاهه کي صبح جو ڇڏيو ويو ۽ صرف هڪ موبائل فون ڏني وئي

خدشو آهي ته پوليس سعيد علي شاهه کي جعلي مقابلي ۾ ماريو ويندو

پرياسي(ن ع)پرياسي جي وارڊ نمبر 1 سيد محلا جي رهواسي سيد علي مرتضيٰ شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته تاريخ 13 جمع ۽ ڇنڇر جي رچ واري رات پرياسي پوليس ايس ايڇ او لال ڏنو شر جي اڳواڻي ۾ حويلي ۾ گهڙي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي منهنجي ٻن ڀائرن سعيد علي شاهه ۽ نواز علي شاهه کي ڪنبي ڌم لڪ رهيا روڪ 2 عدد موٽرسائيڪلون کي موبائل فونون پڻ ساڻ کڻي ويا آهن جڏهن ته سيد نواز علي شاهه کي صبح جو ڇڏيو ويو ۽ هڪ عدد موبائل فون ڏني وئي جڏهن ته بقايا سامان پوليس واپس ناهي ڪيو هاڻي ايس ايڇ او پريا لعل ڏنو شر رشوت طلب ڪري رهيو آهي اسان کي خدشو آهي پوليس سعيد علي شاهه کي ڪوڙي يا جعلي مقابلي ۾ ماريو ويندو هن اعلي اختيارين ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي سعيد شاهه سميت سمورو سامان واپس ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

پرياسي:مرتضيٰ شاهه پوليس خلاف دانهين رهيو آهي

پٽ جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ ۽ جوابدارن پاران ڌمڪيون ملڻ خلاف بيواهه پاران احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي ڳوٺ جاڙو ٻبر جي رهواسڻ بيواهه رحيمان زال احمد خان ٻبر پٽ جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ ۽ جوابدارن پاران ڌمڪيون ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو. هن الزام هڻندي چيو ته سال 2025ع ۾ جوابدارن افغاني قمرالدين پٺاڻ،عابد ٻوراڻو،فريد جوڻيجو،حبيب شاهه،محراب ٻبر،عظيم ٻبر ۽ امير ٻبر زمين جي مقاطعي تان منهنجي نوجوان پٽ سڪندر علي ٻبر کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو جنهن ڪيس ۾ پوليس فقط ٻن جوابدارن فريد جوڻيجو ۽ حبيب شاهه کي گرفتار ڪيو آهي جڏهن ته وڌيڪ گهربل مک جوابدار افغاني قمرالدين پٺاڻ سوڌو ٻين جوابدارن کي پوليس گرفتار نٿي ڪري.

رمضان جو مهينو پلاري سر زمين مديني پاڪ ۾ گذاريندو آهيان:سرفراز راهو

سڪرنڊ (س ر)ٽائون ڪاميٽي نيو سعيد آباد جي چيئرمين سرفراز احمد راهو چيو آهي ته جيئن رمضان شريف ويجهو ايندو آهي تيئن ئي دل ۾ بي چيني پيدا ٿيندي آهي ته رمضان شريف جو پلارو مهينو دنيا جي پلاري سر زمين مديني پاڪ ۾ گذارجي ۽ الله سائين خاص مهرباني ڪندو آهي جو گذريل ڪيترن سالن کان رمضان شريف ۾ عمري شريف جي سعادت حاصل ٿي رهي آهي هو مديني شريف ۾ سڪرنڊ شهري اتحاد جي اڳوڻي صدر سيد احسان علي شاهه ۽ سڪرنڊ پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر قاضي جاويد سنائي سان حرم شريف ۾ ڪيل ملاقات وقت ڳالهائي رهيو هو هن چيو ته مديني شريف اچڻ لاءِ مال و دولت جي نه بلڪ حب ۽ چاهه جي ضرورت هوندي آهي جيڪا مديني شريف اٿيندي آهي زماني ۾ جيڪڏهن نظر ڊوڙائيون ٿا ته ڪٿي مالدار آهن جن سڪي مديني اچڻ جو سوچيو به ناهي ان ڪري عالمن سڳورن جو چوڻ آهي ته جنهن کي مديني وارو سائين گهرائي اهو ايندو آهي سرفراز احمد راهو اهو پڻ چيو ته الحمد لله اسان نه عيد جون خوشيون به هتي آقا ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي قدمن ۾ ڪندا آهيون شل حاضري قبول پوي ۽ بار بار حاضري ٿيندي رهي ان موقعي تي سيد احسان شاهه ۽ قاضي جاويد سنائي الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته اسين ٿورائتا آهيون چيئرمين سرفراز احمد راهو جن جا جنهن محبتون ڏنيون هنن چيو ته جيئن رئيس نظير احمد راهو مهمان نواز ۽ محبتي ماڻهو آهي

مورو شهر مان چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ،مالڪن حوالي

مورو (ن ع)مورو پوليس جي ڪامياب ڪارروائين جو سلسلو جاري مورو شهر مان چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ مالڪن حوالي. مورو ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر امتياز علي کهاوڙ ڪامياب ڪارروايون ڪندي مورو شهر جي مختلف هنڌن تان آصف علي ولد حبيب الله ڏاهري جي موٽرسائيڪل سي ڊي 70 ماڊل 2021 ۽ محمد اويس ولد محمد ايوب ڊلو جي موٽرسائيڪل سپر اسٽار ماڊل 2021 هٿ ڪري موٽرسائيڪلن جا اصل ڪاغذ چيڪ ڪرڻ ڪانپوءِ ڊي ايس پي مورو ميڊم فائزه سوڍر پاران موٽرسائيڪل مالڪن حوالي ڪري ڇڏيون موٽرسائيڪلون واپس ملڻ جي خوشي ۾ مورو پوليس جو شڪريو ادا ڪيو

مورو: شهر مان هٿ آيل چوري جون موٽرسائيڪلون مالڪن حوالي ڪيون پيون وڃن

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (بلڊنگس) ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ
No: XEN(B)/TC/ 766 /2026,
Kash: @ K.kot Dated: 12 / 3 /2026.

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. دلچسپي رکندڙ اهل ٺيڪيدارن/فرمن/ڪمپنين کان ايس. پي. پي. آر. آءِ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي تحت ڪمپوزٽ شيڊول ريٽس (CSR-2024) تي هيٺين ڪمن لاءِ معياري واڪ دستاويزن تي مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

شمار نمبر	اسڪيم جو نالو	ڪُل رقم	مڪمل ڪرڻ جو مدو	ٽينڊر في	سوڙي رقم
01	مختيارڪار آفيس ڪشمور جي ٻيهر تعمير، تعلقو ڪشمور GS NO. 2840 ADP 2025-2026	50.000	24مهينا	3000/-	5%
02	THQ ڪنڌڪوٽ ايمرجنسي وارڊ جو رهيل ڪم SDGS NO. 819/2025-2026	20.553	24مهينا	3000/-	5%
03	نرسنگ ڪاليج ڪشمور فيز-2 جو قيام ۽ THQ ڪشمور OT جي بحالي (SDGS بلاڪ ايليڪيشن ADP NO. 3641)	125.000	24مهينا	3000/-	5%

2. اهليت: انڪم ٽيڪس ڪاتي 2026 (FBR)، سنڌ روينيو بورڊ 2026 (SRB) ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) 2026 سان لاڳاپيل ڪيٽيگري "سولر انرجي سسٽم ڪوڊ" ۽ SEPCO کان اليڪٽرڪ لائسنس، موجوده مالي سال 2026 لاءِ رجسٽريشن.
3. خريداريءَ جو طريقو: هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار، ڪليل قومي مقابلي واري آڇ.
4. واڪ / ٽينڊر دستاويز (جاري ڪرڻ، جمع ڪرائڻ ۽ کلڻ):

شمار نمبر	تفصيل	ڀرڻ پيرو	ٽينڊر جي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾
I	اشتهار (NIT) جي اشاعت کان ٽينڊر في (ناقابل واپسي) ادا ڪرڻ شرط تي شام 05:00 وڳي تائين خالي ٽينڊر حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ	06-04-2026	22-04-2026
Ii	ٽينڊر حاصل ڪرڻ ۽ کولڻ جي تاريخ: (ٽينڊر وصول ڪرڻ جو وقت صبح 09:00 وڳي تائين ۽ کولڻ جو وقت صبح 10:00 وڳي)	07-04-2026	23-04-2026
iii	جاري ڪرڻ، جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جو هنڌ: آفيس آف ايگزيڪيوٽو انجنيئر (بلڊنگز) ڊويزن ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ، ضلعو ڪشمور، ويجهو ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڪنڌڪوٽ		

5. (شرط ۽ ضابطا):
هيٺين حالتن ۾ آڇ رد ڪئي ويندي:
i. آڇن جن سان گڏ گهربل رقم جي سيڪيورٽي نه هوندي.
ii. مقرر تاريخ ۽ وقت کان پوءِ ملندڙ آڇون.
iii. بليڪ لسٽ ٿيل فرمون يا جيڪي ڪنهن به لٽيگيشن (مقدمي بازي) ۾ شامل هجن.
iv. اڻپورا واڪ دستاويز (رڳو بل آف ڪوانٽٽي هجڻ تي).
v. صحيح ۽ مهر کان سواءِ واڪ دستاويز.
(b) پروڪيورنگ ايجنسيءَ کي اختيار آهي ته اها ايس. پي. پي. آر. آءِ رولز 2010 جي تحت ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪري سگهي ٿي.
(c) جوابدار واڪ ڏيندڙ کي آڇ سان گڏ هيٺيان دستاويز جمع ڪرائڻا پوندا:
a. ڪانٽريڪٽ دستاويز ۽ ٻيا شرط EPADS جي ويب سائيٽ https://sindh.eprocure.gov.pk/ تان ڏسي يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر في ۽ 5% بِڊ سيڪيورٽي "ڪال ڊپازٽ" جي صورت ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي نالي هجڻ ضروري آهي.
b. سرٽيفڪيٽ: (i) NTN سرٽيفڪيٽ (ايڪٽيو اسٽيٽس 2026 سان)، (ii) SRB سرٽيفڪيٽ (ايڪٽيو اسٽيٽس 2026 سان)، (iii) صحيح PEC سرٽيفڪيٽ 2026 لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ مخصوص ڪوڊ (سولر انرجي سسٽم ڪوڊ) C4 سان، SEPCO کان اليڪٽرڪ لائسنس ۽ مالڪ جي سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي.
c. گذريل ٽن سالن (2023 کان 2025) دوران مڪمل ڪيل 03 بلڊنگ جي ڪمن جي لسٽ، ڪم مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽن ۽ ايوارڊ ليٽرن سميت.
d. 03 بلڊنگ جي جاري ڪمن جي لسٽ ايوارڊ ليٽرن جي ڪاپين سميت.
e. ڪم لاءِ موجود مشينري ۽ سامان جو تفصيل ثبوتن سميت.
f. ٽيڪنيڪل عملي جي قابليت ۽ تجربي جو تفصيل.
g. گذريل 03 سالن جي بينڪ اسٽيٽمينٽ، جيڪا ڪم جي اندازي مطابق قيمت جي 30% ڪيش دستيابي کي ظاهر ڪري ۽ مالي قابليت (ٽرن اوور) ڪم جي ڪل قيمت جي 100% کان وڌيڪ هجي.
h. موجوده حلف نامو ته فرم ڪنهن به مقدمي بازي ۾ ناهي ۽ ڪوبه ڪم اڌ ۾ نه ڇڏيو اٿس.
i. حلف نامو ته ڏنل ڄاڻ ۽ دستاويز بلڪل صحيح آهن.
j. گذريل 03 سالن جي ڪمپنين جي آڊٽ رپورٽ.
k. جيڪڏهن مقرر تاريخ تي موڪل جو اعلان ٿئي ٿو ته ٽينڊر ايندڙ ٻئي ڪم ڪاروباري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي جمع/کوليا ويندا.
6. آڇ هڪ پيڪيج تي ٻڌل هوندي جنهن ۾ ٻه الڳ الڳ لفافا فنانشل پروپوزل ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل هوندا، جن تي واضح اکرن ۾ لکيل هجي.
7. پهريان ٽيڪنيڪل پروپوزل کوليا ويندا. فنانشل آڇون صرف انهن فرمن جون کوليون وينديون جيڪي ٽيڪنيڪل طور تي ڪواليفاءِ ڪنديون.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
(بلڊنگس) ڊويزن، ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ
INF/KRY/1132/2026
WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليكيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي كاتو حيدرآباد مان جاري كئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ كان وڌيك اشاعت ركندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 19 مارچ 2026ع

ايراني قيادت تي حملا جنگ كي وڌيك خطرناك بڻائيندا!

وقت سان گڏوگڏ اسرائيل ۽ امريكا جي ايران تي حملن ۾ شدت اچي رهي آهي. خاص كري ٻين مُلكن پاران جنگ جو حصو نه بڻجڻ كان پوءِ امريكي صدر ٽرمپ سخت تاءُ ۾ ڏسجي رهيو آهي، جيكو ايندڙ ڏينهن ۾ وڌيك خطرناك قدم كڻي سگهي ٿو جيتوڻيك ايران پاران دفاعي لحاظ كان ڀرپور كوششون كيون پيون وڃن، پر مسلسل پابندين هيٺ رهڻ كري امريكا جي جديد هٿيارن جو مقابلو كرڻ سندس وس ۾ ناهي رهيو. اهڙي صورت ۾ چين ۽ روس جي مدد جا امكان هئا، پر هيستائين انهن به كُلي كري ايران جي كا واهرُ ناهي كئي، جنهن كري ايران جي نئين قيادت كي نشانو بڻائڻ جهڙا خطرناك عمل شروع كيا ويا آهن. خاص كري ايران جي اهم ۽ بااثر پاليسي ساز علي لاريجاني جي اسرائيلي فضائي حملي ۾ هلاكت هك اهڙو ئي واقعو آهي، جنهن خطي جي حالتن كي وڌيك پيچيده بڻائي ڇڏيو آهي. لاريجاني جي شهادت صرف هك شخص جي وڃاڻ جو معاملو ناهي، بلك اها ايران جي حكومتي ڍانچي ۽ حكمتِ عمليءَ تي گهرو اثر ڇڏيندڙ تبديلي آهي. علي لاريجاني ايران جي انهن اڳواڻن مان هو جيكي سڌيءَ ريت فوجي كمانڊر نه هجڻ باوجود ملك جي اسٽرٽيجك پاليسي سازيءَ ۾ مركزي حيثيت ركندا هئا. سپريم نيشنل سيكيورٽي كائونسل ۾ سندن كردار ايران جي جنگي، سفارتي ۽ سلامتي معاملن ۾ انتهائي اهم هو. خاص طور تي آمريكا ۽ اسرائيل سان ڇكتاڻ جي حوالي سان سندن راءِ كي گهڻو وزن ڏنو ويندو هو. اهڙي اهم شخصيت جو اوچتو منظرنامي تان هٽي وڃڻ، ايران جي فيصلا سازيءَ جي تسلسل لاءِ هك وڏو ڌك آهي. هي واقعو ان وقت پيش آيو آهي، جڏهن اڳ ئي ايران جي اعليٰ قيادت كي هك ٻئي وڏي ڌچكي كي مُنهن ڏيڻو پئجي رهيو هو يعني آيت الله علي خامنه اي جي شهادت. انهن ٻنهي اهم اڳواڻن جي شهادت سان ايران اندر قيادت جو خال پيدا ٿي رهيو آهي، جيكو نه رڳو اندروني استحكام ۾ پرڏيهي پاليسين تي به اثرانداز ٿي سگهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ كنهن به نئين قيادت لاءِ فيصلا كرڻ وڌيك مشكل ٿي پوندو. خاص طور تي جڏهن ملك هك ئي كيترن ئي وڏن بحرانن كي منهن ڏئي رهيو هجي. خاص كري هلندڙ جنگ وارو بحران، جنهن ۾ ايران ۽ اسرائيل وچ ۾ سڌي يا اڻ سڌيءَ ريت ٽكراءُ وڌي رهيو آهي. علي لاريجاني جو موقف واضح هو ته ايران كي ڊگهي جنگ لاءِ تيار رهڻ گهرجي ۽ جيكڏهن ضرورت پوي ته هن تكرار كي علائقائي حدن كان اڳتي وڌايو وڃي. اهڙي سوچ خطي لاءِ خطرناك ٿي سگهي ٿي، خاص طور تي جڏهن آبنائي هرمز جهڙي اهم سامونڊي گذرگاهه كي بند ركيو ويو هجي، جيكا عالمي توانائي جي فراهمي لاءِ حياتيءَ جي لكير آهي.

اسرائيلي ميڊيا اها به دعويٰ كئي آهي ته تهران ۾ ٿيل فضائي حملي دوران ايران جي انٽيليجنس واري وزير اسماعيل خطيب كي نشانو بڻايو ويو آهي، جڏهن ته هن حملي جي نتيجن بابت اڃا تائين كا واضح تصديق سامهون ناهي آئي. اسرائيل جي ٽي وي چينل مطابق حملي جي كاميابي يا ناكامي بابت جاچ جاري آهي، پر ايران طرفان هن حوالي سان خاموشي صورتحال كي وڌيك گنڀير بڻائي رهي آهي. ايران ۽ اسرائيل وچ ۾ اڳ ئي وڌندڙ ڇكتاڻ هاڻي اهڙن واقعن سبب وڌيك شدت اختيار كري رهي آهي، جتي هر ڌر هك ٻئي تي حملي جي دعويٰ كري رهي آهي. اهڙي غير يقيني صورتحال نه رڳو ٻنهي ملكن لاءِ پر سڄي خطي لاءِ خطري جو سبب بڻجي سگهي ٿي. جيكڏهن هن ڇكتاڻ كي سفارتي ذريعن سان كنٽرول نه كيو ويو ته ان جا اثر عالمي امن تي به پئجي سگهن ٿا. وقت جي تقاضا آهي ته عالمي طاقتون هن حساس معاملي ۾ سنجيدگيءَ سان كردار ادا كن ۽ ڳالهين ذريعي تكرار كي گهٽائڻ لاءِ قدم كڻن خاص كري چين ۽ روس كي اڳتي اچي پنهنجو كردار ادا كرڻ گهرجي، ڇو ته انهن جي خاموشي هِن معاملي كي وڌيك گنڀير بڻائي رهي آهي. اُن لاءِ ضروري آهي ته اُهي ٻئي طاقتون اسرائيل ۽ امريكا جي اڳرائين كي روكڻ لاءِ كردار ادا كن، اِن كان پهريان جو ايشيا وري كنهن ائٽمي ڌماكي جو كاڄ بڻجڻ لڳي!

سنڌ ۾ اهم پُلن ۽ لنك روڊن لاءِ ڊوئيلائيزيشن جي ضرورت!

رحمت الله ٻرڙو

بنيادي ڍانچي ۾ خاميون آهن، جيكي ماڻهن كي تكليف ڏين ٿيون ۽ پوءِ اهي آهن، جيكي خاموشيءَ سان هك پوري نظام كي كمزور كن ٿيون. سنڌ ۾ سنڌو درياهه جي وهكري سان اسان بعد واري كي منهن ڏئي رهيا آهيون. هك ساختي تضاد ايترو ته نظر اچي ٿو جو اهو معمول جي غفلت جي كري تقريبن پوشيده ٿي ويو آهي. تقريبن 850 كلوميٽرن تائين سنڌو درياهه سنڌ كي كٽي ٿو، ان جي معيشت، ثقافت ۽ آبادكاريءَ جي نمونن كي شكل ڏئي ٿو. هن قدرتي ورچ كي ختم كرڻ لاءِ، رياست، نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (اين ايڇ اي) ذريعي كيترن سالن كان جديد، ڊوئيل كيريج وي پلن جو هك سلسلو تعمير كيو آهي. انهن ۾ ملك جي بنيادي اترڏكڻ قطبن كي ڳنڍيندڙ اهم كراسنگ شامل آهن. نيشنل هاءِ وي (اين-5) ۽ انڊس هاءِ وي (اين-55)، ڄامشورو ويجهو هك ٻيو پل اڳ ۾ ئي ايم-6 منصوبي تحت پائيپ لائين ۾ آهي كاغذن ۾ ترقي آهي. زمين تي اهو هك نامكمل كهاڻي آهي. منصوبابنديءَ جي منطق ۾ جواز پيش كرڻ ڏكيو سببن جي كري انهن مان كيترن ئي پلن تائين پهچڻ وارا رستا سوڙها ۽ سنگل كيريج وي آهن. نتيجو هك بي ترتيب منتقلي آهي؛ ٽرئفك وكرين هاءِ ويز ۽ پلن تي آسانيءَ سان هلندي آهي، صرف اوچتو سوڙهو ٻه طرفي سنگل روڊن ۾ ڦاسي پوندي آهي، جيكو بي عيب كنيكٽوٽي هجڻ گهرجي ها، اهو ان جي بدران ركاوٽن جي زنجير بڻجي ويو آهي. هتي ٽي اهڙا رستا نمايان آهن. ڇاكاڻ ته اهي واحد آهن نه پر ڇاكاڻ ته انهن جا نتيجا هاڻي نظرانداز كرڻ لاءِ تمام سنجيده آهن: جوك مري ۽ كشمور وچ ۾ 42 كلوميٽر لنك، 56 كلوميٽر خيرپور-لاڙكاڻو روڊ ۽ قاضي احمد كي آمريءَ سان ڳنڍيندڙ 18 كلوميٽر لنك. اهي پيريفرل روڊ نه آهن. اهي اسٽرٽيجك كنيكٽرز آهن، جيكي كراچيءَ جي بندرگاهن ۽ ملك جي اندروني علائقن جي وچ ۾ واپار ۽ مسافر ٽرئفك لاءِ متبادل كوريڊور طور كم كن ٿا. خرابي ان وقت واضح ٿي ويندي آهي جڏهن كو ماڻهو ڊبل كيريج وي كي ڇڏي انهن تنگ رستن ۾ داخل ٿئي ٿو. ٽرئفك سست ٿي ويندي آهي، اوورٽيكنگ خطرناك ٿي ويندي آهي ۽ رات جو هكجهڙي روڊ جي ويكر جي كوتائي مونجهارو پيدا كري ٿي، جيكا بار بار حادثن جو سبب بڻجندي آهي. حقيقت ۾ رستا ان كاركردگيءَ كي رد كن ٿا، جيكا پلن كي فراهم كرڻ لاءِ هئي. اِن تي سنڌ جي ڳوٺاڻي معيشت جي حقيقتن كي پرت ڏيو. اهي رستا صوبي جي كجهه زرخيز زرعي پٽين مان گذري ٿو. ٽريكٽر ٽرالي ۽ ٽرك، جيكي اكثر كمند، كپهه يا كٽك جي لوڊ سان اوور لوڊ ٿيل هوندا آهن. فصل جي موسم دوران روڊ جي جڳهه تي حاوي هوندا آهن انهن مان كيترن ئي گاڏيون معياري ويكر كان ٻاهر وڌنديون آهن ۽ بنيادي حفاظتي خاصيتن جهڙوك ريفلكٽرز جي كوٽ هوندي آهي. هك ئي گاڏي واري رستي تي هك اهڙي گاڏي ٻنهي طرفن ۾ ٽرئفك جي وهكري كي روكي سگهي ٿي، ڊگهيون قطارون ۽ خطرناك ڊرائيونگ حالتون پيدا كري ٿي.

مسئلا وڏي پيماني تي حركت جي دور ۾ شدت اختيار كري ٿين ٿا. سيوهڻ شريف ۾ قلندر سائين جو ساليانو عرس، لاڙكاڻي ۾ عوامي تقريبون ۽ رهڙكي ڌام ميلا جهڙيون زيارتون انهن اڳ ۾ ئي سوڙهن رستن تي وڏي تعداد ۾ ماڻهن كي ڇكينديون آهن. جيكو معمول جي ٽرئفك جي انتظام جو معاملو هجڻ گهرجي اهو برداشت جي امتحان ۾ بدلجي ويندو آهي ۽ گهڻو كري زندگيءَ لاءِ خطرو. اهو صرف تكليف جو سوال ناهي اهو معاشي كاركردگي ۽ عوامي حفاظت جو سوال آهي. پاكستان جو واپاري وهكرو روڊ ٽرانسپورٽ تي تمام گهڻو ڀاڙي ٿو. انهن رابطن ۾ دير جو اثر ٻاهر نكري ٿو جنهن سان سفر جو وقت، فيول جو استعمال ۽ ٽرانسپورٽ جي قيمتن ۾ اضافو ٿئي ٿو. هك ملك ۾ جيكو اڳ ۾ ئي معاشي پابندين سان وڙهندو آهي، اهڙيون غير موثريون هك اهڙو بار آهن، جيكو اسان برداشت نٿا كري سگهون. ساڳي طرح پريشان كندڙ انساني قيمت آهي. انهن حصن مان حادثن جون رپورٽون هكجهڙائيءَ واري كهاڻي ٻڌائين ٿيون هك روكڻ لائق الميو جيكو غير معمولي حالتن جي كري نه پر اڳكٿي لائق ڊيزائين جي خامين جي كري ٿئي ٿو. جيكا ڳالهه هن صورتحال كي خاص طور تي مايوس كندڙ بڻائي ٿي، سا حل جو پيمانو آهي. اهي نسبتاً ننڍا روڊ حصا آهن. انهن جي ٻٽي كرڻ لاءِ نئين ميگا منصوبن سان لاڳاپيل وڏي پئماني تي سيڙپكاريءَ جي ضرورت ناهي تڏهن به انهن كي اپگريڊ كرڻ جو اثر فوري ۽ ڏور رس هوندو. آسان ٽرئفك وهكرو، گهٽ حادثا ۽ هك وڌيك قابل اعتماد قومي هاءِ وي نيٽ ورك. مري-كشمور لنك كي سپورٽ كرڻ لاءِ گڊو بئراج سان گڏ هك اضافي پل جي منصوبابندي كرڻ لاءِ هك مجبور كيس پڻ آهي هن كراسنگ كي وڌائڻ كان سواءِ ٽرئفك جو دٻاءُ وڌندو رهندو، جيكو اڳ ۾ ئي وڌيك بار واري رستي كي وڌيك سوڙهو كندو. پاكستان جي معاشي جاگرافيائيءَ ۾ سنڌ جو كردار اتفاقي نه پر اهو بنيادي آهي. ملك جي سامونڊي واپارجي گيٽ وي جي حيثيت سان صوبو هك ذميواري كڻندو آهي، جيكو ان جي سرحدن كان گهڻو اڳتي وڌندو آهي. تنهنكري هتي موثر رابطي كي يقيني بڻائڻ صوبائي احسان نه پر قومي ضرورت آهي.

هك پل صرف ايترو ئي اثرائتو آهي، جيترو روڊ جيكو ان ڏانهن وٺي ٿو جڏهن هك جديد ۽ ٻيو پراڻو آهي ته پوءِ پوري زنجير كمزور ٿي ويندي آهي. سنڌ ۾ سول سوسائٽيءَ مان اڀرندڙ مطالبو نه ته سياسي بيان بازي آهي ۽ نه ئي علائقائي التجا. اهو ترقيءَ ۾ هم آهنگيءَ لاءِ هك عقلي سڏ آهي. انهن نازك لنكس كي ٻيڻو كريو. روڊ جي گنجائش كي پل جي گنجائش سان ترتيب ڏيو. ركاوٽن كي هٽايو، جيكي ماڻهن ۽ ترقيءَ ٻنهي كي سست كري رهيا آهن. هك اهڙي دور ۾ جتي كنيكٽوٽي مقابلي جي تعريف كري ٿي، پاكستان اهڙن فرقن كي برقرار رهڻ جو متحمل نه ٿي سگهي. سوال اهو ناهي ته ڇا انهن روڊن كي اپ گريڊ كيو وڃي پر انهن كي سجائڻ ۾ ايترو وقت ڇو لڳو آهي؟ سنڌو هميشه سنڌ جي زندگيءَ جي لكير رهي آهي. ان كي وڃايل موقعن جي نشاندهي كيل ورهاست جي لكير نه بڻجڻ گهرجي.

عيدالفطر ۽ هندو نئين سال جي شروعات!

ڊاڪٽر رميش كمار وانكواڻي

رمضان المبارك جو بركتن ڀريو مهينو پنهنجي آخري مرحلن ۾ داخل ٿي ويو آهي. هر سال وانگر عيدالفطر جون تياريون زور ۽ شور سان جاري آهن ۽ هر خاص ۽ عام جي دلچسپيءَ جو مركز اهو ئي آهي ته خوشين ڀريو عيد جو ڏينهن كڏهن ايندو؟ ڇا 28هين رمضان جي رات عيد جو چنڊ نظر اچي ويندو ۽ عيد جمعي جي ڏينهن ٿيندي يا پاكستان ۾ عيدالفطر ڇنڇر تي ملهائي ويندي؟ هيءَ اهي سوال آهن، جيكي هر سال رمضان المبارك جي پڄاڻيءَ تي وڏي شدت سان ٿيندا آهن.

ماضيءَ ۾ كجهه موقعن تي هيءُ تكرار ايترو وڌي ويو جو ملك جا كي حصا پنهنجي طور عيد ملهائڻ جو اعلان كندا رهيا، جڏهن ته سركاري سطح تي روزو ركيو ويندو هو. گهڻو كري اها پريشاني عيد جي ڏينهن بابت به رهندي آهي ته كٿي رياستي فيصلي ۾ كا غلطي ته ناهي ٿي وئي؟ 30 روزن جي صورت ۾ هر سال سوشل ميڊيا تي عيد جي شام آسمان تي نظر ايندڙ چنڊ جي جسامت جون تصويرون شيئر كري بحث مباحثا كيا ويندا آهن. لڳ ڀڳ اهڙي ئي صورتحال رمضان المبارك جي شروع ٿيڻ وقت به ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

اها ڳالهه وڏي دلچسپيءَ جوڳي آهي ته ماضيءَ ۾ جڏهن به چنڊ نظر اچڻ تي تكرار پيدا ٿيو آهي، رمضان المبارك جي آمد ۽ عيدالفطر جي تاريخن بابت منهنجون اڳكٿيون سئو سيكڙو صحيح ثابت ٿيون آهن. آئون پنهنجن دوستن سان ڳالهين دوران پوري اعتماد سان چنڊ نظر اچڻ يا نه اچڻ جي اڳكٿي كري ڇڏيندو آهيان، بلك منهنجي اها دعويٰ ركارڊ تي موجود آهي ته مان رڳو هن سال نه پر ايندڙ هزار سالن تائين چنڊ جي تاريخن بابت صحيح ڄاڻ فراهم كري سگهان ٿو.

منهنجي يقين جو سبب هزارين سالن كان اسان جي خطي ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگيءَ جو حصو رهندڙ دنيا جو قديم ترين هندو كئلينڊر "وكرم سمٻت" آهي، جيكو 57 قبل مسيح ۾ هندستاني راجا، راجا وكرم ادتيه جي دور حكومت ۾ لاڳو ٿيو. انگريزن جي آمد كان اڳ صدين تائين اهو ئي كئلينڊر سركاري سطح تي هندو راجائن ۽ مهاراجائن جي درٻارن ۾ استعمال ٿيندو رهيو. هندو جوتشي خاص موقعن تي رَاڄِڇا ناهي شبهه گهڙيءَ جو تعين كندا هئا، جڏهن ته مغل درٻار ۾ به هن كئلينڊر كي خاص اهميت حاصل هئي. ڇاكاڻ ته اهو رڳو تاريخن جو حساب ركڻ وارو نظام نه پر هك مكمل سائنسي، مذهبي ۽ ثقافتي مستند فريم ورك آهي.

قديم دور جي هندو نجومين ۽ رشين سج، چنڊ ۽ تارن جي حركت جو گهرو مشاهدو كندي آسماني گردش كي سمجهيو. جڏهن دنيا اڃا جهالت جي اونده ۾ ٻڏل هئي، تڏهن هندو جوتشين وقت جي ماپ، رات ۽ ڏينهن جي ورهاست، مهينن جي تعين، چنڊ گرهڻ، سج گرهڻ ۽ موسمن جي اچ وڃ جو اهڙو شاندار نظام تيار كيو، جيكو اڄ به جديد سائنس لاءِ حيران كندڙ آهي.

هندستاني نجومين آسمان تي گردش كندڙ تارن جي انسانن جي زندگين تي پوندڙ اثرن بابت پڻ آگاهي ڏني. لڳ ڀڳ ساڍا (29.5) ڏينهن تي مشتمل مهينو چنڊ جي مرحلن موجب ٻن حصن ۾ مكمل ٿئي ٿو اماوس جي رات جڏهن هر طرف اونده ڇانئجي وڃي ٿي ۽ پورنيمه جي رات جڏهن چنڊ جي مكمل روشنيءَ سان ڀرپور رات هجي ٿي. هندو كئلينڊر ۾ چنڊ جي وڌڻ ۽ گهٽجڻ كي وڏي اهميت حاصل آهي. اهڙي طرح سج جو هك برج مان ٻئي برج ۾ داخل ٿيڻ موسمي تبديلين بابت ڄاڻ ڏئي ٿو كڏهن كڏهن شمسي ۽ قمري فرق كي پورو كرڻ لاءِ هك اضافي 13هون مهينو به شامل كيو ويندو آهي.

هندو كئلينڊر جو سڀ كان اثرائتو استعمال مذهبي ۽ ثقافتي تهوارن يا ڏڻن جي تعين ۾ ٿئي ٿو مثال طور كارتك مهيني جي اماوس جي رات ڏياري (ديوالي)، ڦالگن جي پورنيمه تي هولي ۽ بسنت جا تهوار نه رڳو مذهبي عقيدن جي نمائندگي كن ٿا پر سماجي هم آهنگي ۽ ثقافتي سڃاڻپ كي به مضبوط كن ٿا.

ڇاكاڻ ته هيءُ كئلينڊر سال جي ڇهن ئي موسمن سان مكمل هم آهنگ آهي، تنهنكري اسان جي ڳوٺاڻن سماج ۾ پوك ۽ لُڻائيءَ جي وقت جي تعين لاءِ وڏي پيماني تي استعمال ٿيندو آهي.

منهنجي خيال ۾ اسلامي كئلينڊر ۽ هندو كئلينڊر ٻنهي ۾ گڏيل ڳالهه چنڊ جي اهميت آهي. اسلامي كئلينڊر 354 ڏينهن تي مشتمل هجڻ سبب هر سال رمضان، عيد ۽ ٻين تهوارن يا ڏڻن جي موسم بدلجندي رهي ٿي، جڏهن ته هندو كئلينڊر ۾ شمسي عنصر هجڻ كري مذهبي ۽ ثقافتي تهوار هر سال ساڳئي موسم ۾ ايندا آهن. چنڊ مهينن جو تعين كري ٿو جڏهن ته سج سال ۽ موسمن كي ترتيب ڏئي ٿو. هندو كئلينڊر ۾ رياضيءَ وارا حساب استعمال ٿين ٿا، جڏهن ته اسلامي تقويم ۾ چنڊ جو بصري مشاهدو (رويت) فيصلائتو كردار ادا كري ٿو.

هندو فلكياتي حساب موجب موجوده مهينو پاكستان ۾ رهندڙ هندو برادريءَ لاءِ نئين سال جون خوشيون به كٺي ايندو. هك پاسي سڄي ملك ۾ عيدالفطر ملهائي ويندي ته ٻئي پاسي هندو وكرمي كئلينڊر جو 2083هون سال شروع ٿيندو، جيكو نيون اميدون، خوشحالي ۽ روحاني تجديد جو پيغام آڻيندو. نئين سال جي پهرئين ڏينهن گهرن ۽ مندرن جي صفائي ۽ سينگار كيو ويندو آهي، خاص پوڄا ۽ پرارٿنا (دعا) كئي ويندي آهي. نوان كم شروع كرڻ كي مبارك سمجهيو ويندو آهي ۽ آس پاس رهندڙ غريب ۽ مستحق ماڻهن جي مالي مدد كئي ويندي آهي.

هندو عقيدي موجب قدرتيءَ جي مالك هن ڏينهن كائنات جي تخليق جي شروعات كئي، تنهنكري سال جي پهرئين ڏينهن كي وقت جي علامتي شروعات ۽ كائناتي چكر سمجهي وڏي ڌوم ڌام سان ملهايو ويندو آهي.

هر سال وانگر آئون اڄ به هندو كئلينڊر جي مدد سان اڳكٿي كري سگهان ٿو ته 20 مارچ چنڊ رات آهي ۽ هندو فلكياتي حساب موجب 21 مارچ تي عيدالفطر ٿيڻ گهرجي. بهرحال اسلام ۾ مذهبي طور عيد ملهائڻ جا حكم چنڊ نظر اچڻ سان مشروط آهن. انهيءَ كري پاكستان ۾ عيد ملهائڻ جو حتمي فيصلو "رويتِ هلال كميٽي پاكستان" طرفان چنڊ ڏسڻ جي شاهدي تي كرڻ ضروري آهي. منهنجي قدرتيءَ جي مالك كان دعا آهي ته عيدالفطر جو ڏينهن ۽ نئون شروع ٿيندڙ هندو سال پاكستان ۾ رهندڙن لاءِ خوشين، رحمتن ۽ بركتن جو سبب بڻجي.

مادري ٻولين جي اهميت

غلام اصغر جتوئي

1970ع جي ڏهاكي ۾ جڏهن اسان شعور جي دنيا ۾ قدم ركيو ته "سنڌي ٻولي قومي ٻولي" جا سڏ ۽ پڙاڏا هر كاليج ۽ يونيورسٽيءَ كان وٺي سنڌ جي هر واهڻ وستي ۽ گهر گهٽيءَ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. نوجوانن جو روح سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عشق سان سرشار هوندو هو. پر اڄ كٿي به اها كوك ٻڌڻ ۾ نٿي اچي هاڻي ته صرف ٻولين جي عالمي ڏينهن تي كٿي كٿي ان جي گونج ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، ٻي صورت ۾ سڄو سال خاموشي ڇانيل رهي ٿي. ياد ركڻ گهرجي ته 2008ع كان وٺي لڳ ڀڳ 18 سالن كان سنڌ تي سنڌين جي پارٽي حكمراني كري رهي آهي. گهٽ ۾ گهٽ دنيا ته اسان كي اهو ئي طعنو ڏئي ٿي. ان باوجود ته قومي اسيمبليءَ ۾ ۽ نه ئي سنڌ اسيمبليءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ كي قومي ٻولي قرار ڏيڻ لاءِ كو ٺهراءُ پيش ٿيو آهي، نه ئي كو سنجيده آواز اٿاريو ويو آهي، جيئن چوڻي آهي: "پنهنجي وڏائيءَ جو نه كو ويڄ، نه طبيب!"

هاڻي ته پنجاب مان به "پنجابي ماءُ ٻوليءَ تي فخر كريو" جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن، پر اسان جا چونڊيل سنڌي نمائندا اڃا تائين خاموش آهن. 1999ع ۾ اقوام متحده جي اداري "يونيسكو" 21 فيبروريءَ كي مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن قرار ڏنو هو. هن فيصلي جو تاريخي پسمنظر اهو آهي ته 21 فيبروري 1952ع تي ڍاكا يونيورسٽيءَ جي شاگردن "بنگالي ٻولي قومي ٻولي تحريك" تحت احتجاج كيو. هزارين شاگردن يونيورسٽيءَ مان نكري اسيمبليءَ ڏانهن مارچ كيو. پوليس طرفان آنسو گيس، لاٺي چارج ۽ فائرنگ كئي وئي، جنهن ۾ كيترائي نوجوان شهيد ٿيا. ان قربانيءَ باوجود تحريك جاري رهي ۽ آخركار 1956ع ۾ بنگالي ٻوليءَ كي قومي ٻولي تسليم كيو ويو. بنگالي قوم جي هن جدوجهد كي عالمي سطح تي مڃتا ڏيندي اقوام متحده 21 فيبروريءَ كي مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن قرار ڏنو.

اهو به واضح آهي ته كنهن به قوم جي وڏي اكثريت جي مادري ٻولي ئي قومي ٻولي ٿيڻ جي حقدار هوندي آهي. پر اسان جي حكمرانن هميشه طاقت جي ٻوليءَ كي ترجيح ڏني آهي. بنگالي عوام جي جدوجهد آڏو مجبور ٿي حكمرانن كي مڃتا ڏيڻي پئي پر سنڌي، بلوچي، پشتو ۽ پنجابي جهڙين اكثريتي ٻولين كي اڄ تائين قومي حيثيت نه ملي سگهي آهي. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته كمزوري اسان جي پنهنجي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي تحريك اڃا تائين ايتري سگهاري نه ٿي سگهي آهي، جو حكمرانن كي جهكائي سگهي. حقيقت اها آهي ته ڳالهه بلكل سادي آهي، صرف شكايتون كرڻ يا هك ٻئي تي الزام هڻڻ سان كجهه حاصل نه ٿيندو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مضبوط ارادو كجي، ثابت قدميءَ سان جدوجهد جاري ركجي، وهم ۽ وسوسا ڇڏي اعتماد سان اڳتي وڌجي ۽ صالح كردار سان منزل ڏانهن قدم كنيا وڃن. نيت صاف هجي ته منزل آسان ٿي وڃي ٿي.

نئين عزم، نئين فكر ۽ عملي جدوجهد سان اڳتي وڌڻ كا ڏكي ڳالهه ناهي، نه ئي ان لاءِ كنهن راكيٽ سائنس جي ضرورت آهي. جيكي ماڻهو ادب كي سياست كان ڌار كرڻ جي ڳالهه كن ٿا، اهي دراصل حاكمن جي خدمت كري رهيا آهن- ۽ هاڻي اهو راز به ظاهر ٿي چكو آهي. مادري ٻولين جي ڏينهن تي صرف تقريرون كرڻ، ماضيءَ تي ماتم كرڻ يا ذميواري ٻين تي وجهڻ بدران، اسان كي انفرادي ۽ اجتماعي طور پنهنجو كردار ايمانداري، همت ۽ دانائيءَ سان ادا كرڻو پوندو. تڏهن ئي سنڌي ٻولي حيثيت ماڻي سگهي ٿي ۽ اسان جي جدوجهد كامياب ٿي سگهي ٿي.

ڇا آمريكا ايٽمي حملو كري سگهي ٿو؟

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

آمريكا ۽ اسرائيل جي ايران تي گڏيل حملي سان شروع ٿيندڙ جنگ هاڻي پڄاڻيءَ تي پهچي چكي آهي. جنگ جي شروعات دوران صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ كئي هئي ته ايران خلاف هيءُ آپريشن وڌ ۾ وڌ ٻن كان چار هفتن تائين جاري رهندو. ڇاكاڻ ته كيس يقين ڏياريو ويو هو ته سپريم ليڊر ۽ باقي قيادت جي خاتمي كان پوءِ ايراني عوام پنهنجي حكومت خلاف روڊن تي نكري ايندو پر نه ئي ايراني حكومت ٽٽي ۽ نه ئي ايراني عوام حملو كندڙن جي استقبال لاءِ روڊن تي نكتو. بلك نتيجو بلكل برعكس نكتو آهي ۽ آمريكا ۽ اسرائيل جي مسلسل بمباريءَ باوجود، ايراني عوام تهران ۽ ملك جي ٻين وڏن شهرن ۾ روڊن تي نكري آمريكا ۽ اسرائيلي حملن جي مذمت كري رهيو آهي ۽ پنهنجي حكومت جي حمايت ۾ آواز بلند كري رهيو آهي. ايراني حكومت سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه ايءَ جي شهادت مان مايوس ٿيڻ بدران اعلان كيو ته اها حملو كندڙن سان وڙهندي. هاڻي اها جنگ ٽئين هفتي ۾ داخل ٿي چكي آهي ۽ ڊونلڊ ٽرمپ قطعي طور تي كجهه به نٿو چئي سگهي ته اها كيستائين جاري رهندي؟

جيئن چيو ويندو آهي ته توهان پنهنجي مرضيءَ سان جنگ شروع كندا آهيو پر توهان وٽ ان كي ختم كرڻ جي طاقت ناهي هوندي، ڇو ته جنگ وهندڙ پاڻي وانگر آهي، جيكو قدرتي قانونن تحت پنهنجو رستو پاڻ ناهيندو آهي. ان جي وهكري كي عارضي طور تي پاڻي ذخيرو كرڻ يا ان جي رستي ۾ ركاوٽون پيدا كرڻ سان روكي يا موڙي سگهجي ٿو پر ان كي هميشه لاءِ محدود نٿو كري سگهجي. آمريكا ۽ اسرائيل پاران ايران خلاف كيل جنگ جو به اهو ئي حال آهي. اهي مفروضا جن جي بنياد تي حملو كندڙن ان كي پنهنجي مرضيءَ سان شروع كرڻ ۽ ان كي پنهنجي مرضيءَ سان ختم كرڻ جو منصوبو ناهيو هو اهي سڀ غلط ثابت ٿيا آهن. هاڻي اهي هن جنگ مان نكرڻ جو سوچي رهيا آهن پر جيكڏهن اسان ويٽنام، افغانستان ۽ عراق جي مثالن تي نظر وجهون ٿا ته اهو ثابت ٿئي ٿو ته آمريكا وٽ جنگ كرڻ جي بيحد صلاحيت آهي پر ان وٽ ان مان نكرڻ لاءِ كا واضح حكمتِ عملي ناهي. ايران خلاف جنگ آمريكا جي كنٽرول كان ٻاهر ٿي چكي آهي، ڇاكاڻ ته ايران ٽرمپ جي الٽيميٽم جي باوجود هٿيار ڦٽا كرڻ لاءِ تيار ناهي. جيئن جيئن هن جنگ جي ڊيگهه بابت خدشا ۽ غيريقيني صورتحال پكڙجي رهي آهي، ڊونلڊ ٽرمپ كي نه رڳو دنيا پر آمريكي عوام طرفان به وڌندڙ دٻاءُ كي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ هك طرف آمريكي صدر چوي ٿو ته جيكڏهن هو چاهي ته هيءُ جنگ كجهه كلاكن ۾ ختم ٿي سگهي ٿي ۽ ٻئي طرف هو اهو به چوي ٿو ته هو كجهه به نٿو چئي سگهي ته اها كڏهن ختم ٿيندي؟ گذريل كجهه ڏينهن كان هن اهم سوال تي ٽرمپ جا متضاد بيان يعني جنگ كڏهن ۽ كيئن ختم ٿيندي؟ هك اهڙي آپشن ڏانهن اشارو كن ٿا، جيكو سوچڻ تي مجبور كري ٿو ۽ اهو "ايٽمي هٿيارن جو استعمال" آهي. ڊونلڊ ٽرمپ ايران جنگ تي جيكي بيان ڏئي رهيو آهي، انهن ۾ اهڙي خطري جو اشارو پڻ آهي. اهو جيئو پيو وڃي ته جيكڏهن جنگ آمريكي ۽ اسرائيلي شرطن تي ختم نه ٿي ته پوءِ ايٽمي هٿيارن كي ان لاءِ استعمال كرڻ كان نه ڊڄندا. هن خطري كي سنجيدگيءَ سان وٺڻ جي ضرورت آهي اسرائيل-آمريكا جنگ هك اهڙي تعطل تي پهچي چكي آهي، جنهن كي ٻي عالمي جنگ سان تشبيهه ڏني پئي وڃي.

جنگ جي آخري لمحن سان تشبيهه ڏني پئي وڃي. مئي 1945ع ۾ جرمنيءَ جي هٿيار ڦٽا كرڻ كان پوءِ، يورپ ۾ جنگ ختم ٿي چكي هئي ۽ منچوريا ۾ جاپاني فوجين كي چين ۽ سوويت يونين ختم كري ڇڏيو هو. پر جاپاني ٻيٽن تي مقرر جاپاني فوجين هٿيار ڦٽا كرڻ كان انكار كيو هو. جيتوڻيك ايٽمي هٿيارن جي استعمال كي كنهن به طرح جائز نٿو سمجهي سگهجي، آمريكي موقف موجب جنگ كي فوري طور تي ختم كرڻ جو اهو واحد آپشن هو. 6 ۽ 8 آگسٽ 1945ع تي آمريكي صدر هيري ٽرومين جي حكم تي جاپان جي ٻن وڏن شهرن هيروشيما ۽ ناگاساكيءَ تي ايٽم بم كيرايا ويا، جنهن كانپوءِ جاپان فوري طور تي هٿيار ڦٽا كيا ۽ جنگ ختم ٿي وئي جيكڏهن صدر ٽرمپ انهيءَ مثال كي هك ڀيرو ٻيهر ورجائڻ چاهي ٿو ته كيس ڄاڻڻ گهرجي ته ايران خلاف جنگ ۽ ٻي عالمي جنگ ۾ وڏو فرق آهي. گذريل اٺ ڏهاكن ۾ دنيا كي كيترائي ڀيرا ايٽمي تكرار جي ڌمكي ڏني وئي آهي پر انهن كي استعمال نه كيو ويو آهي پهريون خطرو تڏهن پيدا ٿيو هو جڏهن سوويت يونين برطانيه سان معاهدي جي باوجود اتر ايران مان پنهنجي فوج كڍڻ كان انكار كيو هو. تڏهن به آمريكي صدر هيري ٽرومين استالن كي ڌمكي ڏني ته جيكڏهن هن ان جي ڳالهه نه مڃي ته ايٽمي بم استعمال كيا ويندا. ٻيو خطرو 1956ع ۾ پيدا ٿيو، جڏهن مصري صدر جمال عبدالناصر سُوئيز كينال كي قوميت ڏني. برطانيه ۽ فرانس، اسرائيل سان گڏجي مصر تي حملو كري سُوئيز كينال تي قبضو كيو. آمريكا هن جنگ ۾ شامل نه هو پر سوويت يونين مطالبو كيو ته برطانيه ۽ فرانس فوري طور تي جنگ بند كن ۽ پنهنجي فوج واپس كڍن ٻي صورت ۾ ان لنڊن ۽ پيرس كي ايٽم بم سان تباهه كرڻ جي ڌمكي ڏني وئي هئي. ان خطري جي جواب ۾ آمريكا پنهنجو سامونڊي ٻيڙو اوڀر ميڊيٽرينين ڏانهن موكليو جنهن ۾ ايٽمي هٿيارن سان ليس بمبار پڻ موجود هئا. بهرحال گڏيل قومن جي كوششن ۽ آمريكا جي برطانيه ۽ فرانس تي دٻاءُ جي كري نه رڳو اسرائيل پر برطانيه ۽ فرانس كي به وڏي ذلت كان پوءِ مصري علائقو خالي كرڻو پيو.

وچ اوڀر هك ڀيرو ٻيهر ايٽمي جنگ جي كناري تي هو ۽ هن ڀيري، سوويت يونين ۽ آمريكا جي وچ ۾ ممكن ٽكراءُ جي بدران اسرائيل 74-1973ع جي جنگ ۾ مصر ۽ شام تي ايٽمي حملو كرڻ جي تياري كري رهيو هو انهيءَ جنگ ۾ مصر ۽ شام آكٽوبر 1973ع ۾ اسرائيل تي حملو كيو. چيو وڃي ٿو ته هن وقت، اسرائيل بمبار ۽ ميزائيلن ۾ ايٽمي هٿيار نصب كري مصر ۽ شام تي حملو كرڻ جون تياريون مكمل كري چكو هو ۽ آمريكا پڻ ايٽمي الرٽ جو اعلان كيو هو جڏهن ته جنگ جو رُخ تڏهن بدليو جڏهن آمريكا، هك هوائي ناهه تحت تباهه ٿيل اسرائيلي هٿيار خاص طور تي ٽئنكون، توپخانا ۽ انهن ۾ استعمال ٿيندڙ بارود، اسرائيل ڏانهن منتقل كيو ۽ اسرائيل كي مصري فوج جي جڳهه ۽ حركتن جي خبر ميڊيٽرينين سمنڊ ۾ پنهنجي جهازن تي نصب كيل جاسوسي ڊوائيسز ذريعي ڏني. ساڳي اسرائيلي فوج، جنهن كي تمام گهڻو نقصان برداشت كرڻو پيو هو ۽ پنهنجي سرحدن تي دفاعي پوزيشن اختيار كرڻ تي مجبور كيو ويو هو، سُوئيز كينال پار كيو ۽ نه رڳو مصري فوجين كي گهيرو كرڻ ۾ كامياب ٿي پر قاهره تي حملو كرڻ جي پوزيشن ۾ پڻ ٽرمپ آخري حربي طور تي ايران خلاف ايٽمي حملي جي ڌمكي ڏئي رهيو آهي پر جيئن ته هن جنگ ۾ هك كان پوءِ هك شكست كي منهن ڏئي رهيو آهي، نه رڳو سفارتي ۽ قانوني طور تي پر اخلاقي طور تي پڻ اهو ممكن نه آهي ته آمريكا اسرائيل جي خاطر ايران كي ايٽمي حملي سان نشانو بڻائي.

اڄوكو ڏينهن - 19 مارچ

سر رچرڊ برٽن

سر رچرڊ برٽن برطانيه جو هك فوجي آفيسر، ٻولين جو ڄاڻو، ليكك ۽ سياح هو. هن جو جنم اڄوكي ڏينهن تي 1821ع ۾ انگلينڊ ۾ ٿيو. هن كي سنڌي ٻوليءَ سميت دنيا جي 25 ٻولين تي عبور حاصل هو. هو 1842ع ڌاري هك فوجي آفيسر طور هندستان آيو. 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ فتح كئي ته هن كي به كراچيءَ گهرايو ويو. شروع ۾ هن سنڌ جي زمينن جي سروي ۽ پيمائش وغيره جو كم كيو. گڏوگڏ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي رهڻي كرڻيءَ جو اڀياس كندو رهيو. 1853ع ۾ هن هك افغاني حكيم حاجي عبد الله جي فرضي نالي سان مكي ۽ مديني شريف جي زيارت كئي هو عربي ٻولي به نهايت رواني سان ڳالهائي سگهندو هو هن صوماليه، مصر ۽ كجهه آفريكي ملكن جو پڻ سفر كيو ۽ كيترائي كتاب لكيا. هن سنڌ بابت جيكي كتاب لكيا، تن ۾ "سنڌ يا ڏكويل ماٿري" (Sind or the Unhappy Valley)، "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ رهندڙ قومون" (Sind, and the races that inhabit the valley of the Indus)، "سنڌو ماٿريءَ ۾ شكاريازي" (in the Valley of the Indus Falconry) ۽ "سنڌ جي ٻيهر دفعو زيارت" (Sind, revisited) شامل آهن هن 20 آكٽوبر 1890ع تي اٽليءَ ۾ وفات كئي.

سرجان مارشل



اڄ آثارِ قديمه جي جڳ مشهور ماهر سر جان مارشل جي جنم جو ڏينهن آهي هن جي ئي نگرانيءَ ۾ موهن جي دڙي جي كوٽائي ٿي ۽ سنڌو ماٿريءَ جي 5 هزار سال پراڻي تهذيب دنيا جي آڏو ظاهر ٿي جان مارشل جو جنم انگلينڊ جي شهر چيسٽر ۾ 19 مارچ 1876ع تي ٿيو هن آثارِ قديمه واري شعبي ۾ اعليٰ تعليم حاصل كئي 1898ع كان 1901ع تائين يونان جي قديم آثارن جي كوٽائيءَ ۾ حصو ورتائين 1902ع ۾ هو هندستان آيو، جتي هن كي آثارِ قديمه واري شعبي جو ڊائريكٽر جنرل مقرر كيو ويو 1913ع ۾ هن ٽيكسيلا جي قديم آثارن جي كوٽائي شروع كرائي 1918ع ۾ ٽيكسيلا ۾ عجائب گهر قائم كيائين 1920ع ڌاري موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جا قديم آثار دريافت كيائين ۽ انهيءَ دريافت جي نتيجي ۾ سنڌو ماٿريءَ جي قديم تهذيب جو دنيا كي پتو پيو هن سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۽ موهن جي دڙي بابت كيترائي تحقيقي مضمون پڻ لكيا 1934ع ۾ رٽائر ٿيڻ كان پوءِ هو انگلينڊ موٽي ويو، جتي 17 آگسٽ 1958ع تي سندس روح جو پكي پرواز كري ويو.

سيد ميران محمد شاهه



اڄ برك اديب ۽ مشهور سياستدان سيد ميران محمد شاهه جي جنم جو ڏينهن آهي شاهه صاحب جي ولادت 19 مارچ 1898ع تي ٽنڊي محمد خان جي مشهور ڳوٺ ٽكڙ ۾ ٿي كجهه حوالن ۾ سندن ولادت جي تاريخ 11 مارچ 1898ع ڄاڻائي وئي آهي سندن والد سيد زين العابدين شاهه پنهنجي وقت جو مشهور حكيم هو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي لوكل بورڊ ورنيكيولر اسكول ۽ اي وي اسكول كوٽڙيءَ مان حاصل كيائين مئٽرك جو امتحان 1917ع ۾ سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسكول كراچيءَ مان پاس كيائين بي اي جي سند 1921ع ۾ ڊي جي سنڌ كاليج كراچيءَ مان حاصل كيائين 1924ع ۾ ايل ايل بي جي سند پڻ حاصل كيائين عملي زندگيءَ جي شروعات هك وكيل ۽ سياستدان طور كيائين 1924ع ۾ حيدرآباد ميونسپلٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ٿوري ئي عرصي كان پوءِ حيدرآباد ڊسٽرڪٽ لوكل بورڊ جو چيئرمين چونڊيو ويو 1928ع ۾ بمبئي ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو سنڌ جي بمبئيءَ كان عليحدگيءَ كان پوءِ 1937ع ۾ پهرين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو 1938ع ۾ كين سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيكر چونڊيو ويو ۽ ڏهه سال انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. 1948ع كان 1951ع تائين سنڌ صوبي جي مختلف وزارتن جا قلمدان سندس هٿ هيٺ رهيا. 1952ع ۾ اسپين ۾ پاكستان جو سفير ۽ 1954ع ۾ كراچي امپرووميٽ ٽرسٽ جو چيئرمين رهيو. شاهه صاحب كي سنڌي ادب سان به خاص دلچسپي هئي 1938ع ۾ حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سوسائٽيءَ جو بنياد ركيو ويو. شاهه صاحب انهيءَ سوسائٽيءَ جو پهريون صدر ٿي سنڌي ادب جي خدمت كئي 1941ع ۾ سنڌ سركار پاران سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ سنڌي مركزي بورڊ قائم كيو ويو. شاهه صاحب سڄا سارا ڏهه سال انهيءَ بورڊ جو چيئرمين رهيو. 1951ع ۾ انهيءَ بورڊ جو نالو بدلائي سنڌي ادبي بورڊ ركيو ويو شاهه صاحب سنڌي ادبي بورڊ جو به كافي عرصي تائين ميمبر رهيو شاهه صاحب جي لكيل كتابن ۾ "گلزار خيال" (تاليف)، "كليات ميران" (شاعري)، "دل جي طلب" ۽ "گنجي ٽكر جو سير" شامل آهن 16 نومبر 1963ع تي سنڌ لاڏاڻو كيو.

عبدالفتاح عبد ڀٽوراڻي



اڄ لاڙ جي مشهور ليكك عبدالفتاح عبد ڀٽوراڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 19 مارچ 1933ع تي سجاول ضلعي جي شهر ميرپور بٺوري ۾ ڄائو هن ايم اي پوليٽيكل سائنس ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل كيون هن كجهه وقت رائيس مل كارپوريشن ۾ مئنيجر طور كم كيو ۽ بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي پوليٽيكل سائنس شعبي ۾ ليكچرار مقرر ٿيو 1950ع ڌاري عبد تخلص سان شاعري شروع كيائين سندس شاعري ۽ مضمون سنڌ جي مختلف ادبي رسالن ۾ ڇپيا هو ٻن سالن تائين سنڌي رسالي "اخبار جهان" جو سب ايڊيٽر پڻ رهيو سنڌيانا انسائيكلوپيڊيا هن جي وفات جي تاريخ 10 مارچ 2001ع ڄاڻائي آهي، جڏهن ته مهراڻ رسالي جي 2001ع جي پهرئين شماري ۾ ساڳئي مهيني جي 14 تاريخ ڇاپيل آهي

ڀڳت كيمچند آسناڻي



اڄ ٿر جي مشهور سماج سڌارك ۽ برك اديب ڀڳت كيمچند جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي. هن پهرين اپريل 1881ع تي مٺي شهر ۾ پيمون مل آسناڻيءَ جي گهر ۾ اكيون كوليون. سنڌي فائنل جو امتحان پاس كرڻ كان پوءِ روينيو كاتي ۾ كلارك مقرر ٿيو ۽ 1936ع ۾ هيڊ منشيءَ طور رٽائر ٿيو. پڙهڻ لكڻ ۽ سماجي كمن سان ننڍي هوندي كان ئي دلچسپي هئس. هن ٿر جي غريب شاگردن جي مالي سهائتا لاءِ هك فنڊ قائم كيو ان كان علاوه وديا گهر، كسرت گاهون ۽ لائبريريون قائم كيائين. نياڻين لاءِ مٺيءَ ۾ هنري سكيا جو هك مركز به قائم كيائين. هن كيترائي كتاب لكيا، جن ۾ "پروليون"، "برهم چاريه"، "ٻوڏ داڪ چٽكا"، "انسانيت ڇا كي چئجي" ۽ "قدرتي جيون" شامل آهن. مشهور ليكك ولي رام ولڀ هن جي آتم كٿا "مون وٽ نكا پيتي، نكو كلف كنجي" ترتيب ڏئي ڇپرائي پڌري كئي. ڀڳت كيمچند 19 مارچ 1974ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.

مختيار اٿر

محمد علي



محمد علي پاكستاني فلمن جو مشهور اداكار هو كيس ماڻهو محبت وچان "شهنشاهِ جذبات" جي نالي سان ياد كن ٿا. هن جو جنم 19 اپريل 1931ع تي هندستان جي شهر رامپور ۾ ٿيو پاكستان ٺهڻ كان پوءِ پنهنجي كٽنب سان گڏ پاكستان لڏي آيو. ابتدائي تعليم ملتان ۽ حيدرآباد جي تعليمي ادارن مان حاصل كيائين ۽ بي اي جي سند سٽي كاليج حيدرآباد مان حاصل كيائين پنهنجي فني سفر جي ابتدا ريڊيو پاكستان حيدرآباد تي 1956ع ۾ هك براڊكاسٽر طور كيائين بعد ۾ ريڊيو پاكستان بهاولپور ۽ كراچيءَ ۾ كم كيائين مشهور براڊكاسٽر زيڊ اي بخاري كيس مشهور فلم پروڊيوسر فضل احمد كريم فاضليءَ سان ملايو. جنهن كيس 1962ع ۾ فلم "چراغ جلتا رها" ۾ اداكاريءَ جو موقعو ڏنو ٿوري ئي عرصي ۾ هو پاكستاني اردو فلمن جو انتهائي مصروف ۽ مشهور هيرو ٿي ويو هن لڳ ڀڳ 94 فلمن ۾ هيرو جو كردار ادا كيو 1966ع ۾ هن مشهور فلمي اداكارهه زيبا سان شادي كئي 1964ع ۽ 1984ع جي وچ وارن سالن دوران هن كي 10 نگار ايوارڊ مليا. پاكستان سركار پاران كيس تمغهِ امتياز ۽ حسن كاركردگيءَ جي اعزازن سان نوازيو ويو. ان كان علاوه به كيترائي ايوارڊ حاصل كيائين هن 19 مارچ 2006ع ۾ وفات كئي

نسيم ٿيٻو

اڄ مشهور ليككا نسيم ٿيٻو جي وفات جو ڏينهن آهي. هن جو جنم پهرين اپريل 1940ع تي شكارپور ۾ ٿيو. سندس والدهه باڌام ناتوان به هك مشهور ليككا هئي. هن ابتدائي تعليم دادو ضلعي جي ڳوٺ ڳاڙهيءَ مان حاصل كئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان اقتصاديات ۾ ايم اي جي سند حاصل كرڻ بعد اتيئي ليكچرار مقرر ٿي. اڳتي هلي اسسٽنٽ پروفيسر جو عهدو ماڻيائين ۽ 2000ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين كيس ننڍي ڄمار كان ئي لكڻ جو شوق هو. اڃا مئٽرك جي شاگردياڻي هئي جو جڏهن سندس پهرين كهاڻي ڳوڙهن جي ريكا ڇپجي پڌري ٿي. اڳتي هلي هوءَ سنڌي ٻوليءَ جي برك كهاڻيكارائن ۾ شمار ٿيڻ لڳي. هن لڳ ڀڳ 25 كهاڻيون لكيون، جيكي ان وقت جي ساك وارن رسالن ۾ ڇپجي پڌريون ٿيون. سندس كهاڻين جو مجموعو "اڀر چنڊ پس پرين" ڇپجي چكو آهي. هن ناميارو ليككا 19 مارچ 2012ع تي وفات كئي. هوءَ مشهور سياستدان رسول بخش پليجي جي گهرواري هئي.

گل محمد كتري

اڄوكو ڏينهن سنڌ جي مهان چتركار ۽ عظيم خطاط گل محمد كتريءَ جون سارونڻيون كٺي آيو آهي. جيكو اڄوكي ڏينهن تي اسان كان هميشه لاءِ وڇڙي ويو هو ذات جي ڏيهه جي هن امله ماڻك جو جنم 1919ع ڌاري موسيٰ لين لياري كراچيءَ ۾ ٿيو هن كي ننڍي هوندي كان ئي چتركاريءَ جو شوق هو هن چتركاريءَ جي سكيا مشهور مصور جرن جيت ووردي كان حاصل كئي هن 1946ع ۾ كراچيءَ جي بولٽن ماركيٽ ۾ هك ننڍڙو آرٽ اسٽوڊيو كوليو، جتي هو پوسٽر ڊزائيننگ، گلاس پينٽنگ، سائن بورڊ، ٽيكسٽائيل ڊزائين ٽائيلن جي ڊزائين ۽ سئنيمائن جا پوسٽر ناهڻ جو كم كندو هو چتركاريءَ سان گڏ هو هك اتم درجي جو خطاط پڻ هو هن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن كي خوبصورت رنگن ۽ نقش نگارن سان سينگاريو ان كان علاوه سنڌ جي مختلف ماڳن ۽ مكانن جون شاندار تصويرون ناهيون ۽ سنڌ جي ثقافت كي پنهنجي وٽندڙ چتركاريءَ سان دنيا جي آڏو پيش كيو هن جي تصويرن جون مختلف ادارن پاران 60 كان به وڌيك نمائشون منعقد كيون ويون هن مصوريءَ جي فن كي هٿي ڏيڻ لاءِ "مهراڻ ثقافتي جماعت" جو بنياد ركيو ۽ پاڻ انهيءَ جو پهريون صدر چونڊيو ويو هو كراچيءَ جي آرٽس كائونسل ۽ آرٽسٽ گروپ كلب جو سرگرم كاركن ۽ عهديدار رهيو افسوس جو عمر جو آخري حصو ٽي بي جهڙي موذي مرض سان جهيڙيندي انتهائي غربت ۾ گذاريائين آخركار 19 مارچ 1979ع تي هن بيقدري دنيا كان هميشه لاءِ منهن موڙي ڇڏيائين

پروفيسر ڊاكٽر قمر واحد



اڄ مشهور تعليمي ماهر پروفيسر قمر واحد جي وفات جو ڏينهن آهي هن جو جنم 4 مارچ 1938ع تي ٽنڊي طيب حيدرآباد ۾ قاضي پيربخش جي گهر ٿيو هن جو واسطو نصرپور جي مشهور قاضي خاندان سان هو هن پرائمري تعليم حيدرآباد جي ركمڻي هائي پرائمري اسكول مان حاصل كئي مئٽرك جو امتحان ميران گرلز هاءِ اسكول حيدرآباد مان پاس كيائين هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايڊيوكيشن ۾ بي اي ۽ پبلك ايڊمنسٽريشن ۾ ايم اي جون سندون حاصل كيون ايم ايڊ جي سند به حاصل كيائين اڳتي هلي آمريكا مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل كيائين عملي زندگيءَ جي شروعات هك اسكول ٽيچر جي حيثيت ۾ كيائين هوءَ مرزا قنبر هاءِ اسكول حيدرآباد ۾ هيڊ مسٽريس رهي 1975ع ۾ سنڌ يونيورسٽي اولڊ كئمپس جي ماڊل اسكول ۾ كيس نوكري ملي هن ماڊل اسكول جي پرنسپال ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ايڊيوكيشن فيكلٽيءَ جي ڊين طور خدمتون سرانجام ڏنيون يونيورسٽي گرانٽس كميشن جي ڊائريكٽر، سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر طور به كجهه عرصو خدمتون سرانجام ڏنائين 1998ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وقتي وائيس چانسلر طور به كم كيائين هوءَ هك سٺي كهاڻيكارهه به هئي ۽ 12 كهاڻيون لكيائين رٽائر ٿيڻ كان پوءِ گهڻو وقت پنهنجي پٽ وٽ آمريكا ۾ گذاريائين هن 19 مارچ 2022ع تي سنڌ يونيورسٽي كالوني ڄامشوري ۾ وفات كئي

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 11 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 259 سال 2024

مسمات رابعه ڌيءُ محمد اختر رهندڙ گهر نمبر 558 نزد بختاور پارڪ نوابشاهه .پلينٽف..بخلاف.. اياز حسين ولد غلام قاسم سمون رهندڙ رينجرز ڪوارٽرس نارٿ ناظم آباد ڪراچي 03008899264ء 03003330260 ...ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13(3) فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 25-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارجين درخواست نمبر سال 2026

ارشاد علي ولد محمد عرس ڏاهري رهندڙ ڳوٺ جام ڏاهري تعلقو سڪرنڊ .ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) سليم الله ولد محمد عرس ڏاهري (2) مسمات رضوانه زال Alauddin اڳواڻي زال سميع الله رهندڙ زئتون ڪالوني سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد (3) جنرل پبلڪ ...اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) بي بي سوهانا (2) ماهنور (3) بي بي Ayman جي گارڊين جي مقرري سي اين آئي سي / بي فارم بابت تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
گارجين درخواست نمبر سال 2025

علي اڪبر ولد راڻو Wasano مسلم بالغ رهندڙ محلو علي آباد بي او دوڙ تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد .ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) منظوران زال علي اڪبر (2) ٿاڌنيه ڌيءُ علي اڪبر (3) ثمينه ڌيءُ علي اڪبر ذات وسائو رهندڙ محلو علي آباد بي دوڙ تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ...اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7.10.25.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) ثناء الله (2) ياسمين (3) سميع الله (4) ڪبرا (5) امان الله (6) بتول (7) طاهره جي گارڊين جي مقرري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 25-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 37سال 2026

تدبير ولد عبدالستار ذات پٽي رهندڙ ڳوٺ حاجي آريسر تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار بي ايڊريس اشفاق ٽائون پوليس هيڊ ڪوارٽر چمبڙ روڊ ٽنڊو الهيار .پلينٽف..بخلاف.. (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) جنرل مينيجر نادرا اسلام آباد (3) ڊپٽي مينيجر نادرا يونٽ نمبر 08 لطيف آباد حيدرآباد (4) اسسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول /فيملي جج II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات ام فروا ڌيءُ عبدالعزيز زال عظمان(Uzman) هاليپوٽو رهندڙ ڳوٺ سعيد خان لاشاري ضلعو حيدرآباد .پلينٽف..بخلاف.. عظمان(Uzman) هاليپوٽو ولد عبدالرزاق رهندڙ مرزا پاڙو ٽنڊو لوڙهوقليلي تعلقو ضلعو حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول /فيملي جج II حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام و خاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي وقار احمد ولد ذوالفقار احمد رهندڙ شاهي بازار پاٽولي محلو ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي تسليم بيگم زال انصار احمد ذات پيرزاده تاريخ 19-12-2024تي فوت ٿي چڪي آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن. (تفصيل وارث)(1) نديم احمد پٽ فوتڻ تسليم بيگم جو (2) اسماء ڌيءُ فوتڻ جي زال ارشاد عالم شيخ جي. تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خوان قانوني وارث ڪو نه آهي ۽ فوتي جي ملڪيت سٽي سروي نمبر 234/235/236 وارڊ اي تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڳڏيل حصو سڄو رڪبو اڳ سٽي سروي رڪارڊ ۾ داخل ٿيل آهي انهي متعلق اسان وٽ ٻن شاهدن هرهڪ (1) شهزاد محمود حسين ولد محمود حسين ذات گدي پٺاڻ (2) قربان ولد محمد رمضان ذات قريشي اسان جي روبرو ٻنهي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي کاتو بدل جي داخلا رکي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

سٽي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام و خاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي وقار احمد ولد ذوالفقار احمد رهندڙ شاهي بازار پاٽولي محلو ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي ثريا ڌيءُ ذوالفقار ذات پيرزاده تاريخ 07-05-2017 تي فوت ٿي چڪي آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن (تفصيل وارث)(1) وقار احمد فوتڻ ثريا جو ڀاءُ فوتي جو گهر وارو اڳ فوت آهي تاريخ 20-11-2001 تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خوان قانوني وارث ڪو نه آهي ۽ فوتي جي ملڪيت سٽي سروي نمبر 234/235/236 وارڊ اي تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڳڏيل حصو سڄو رڪبو اڳ سٽي سروي رڪارڊ ۾ داخل ٿيل آهي انهي متعلق اسان وٽ ٻن شاهدن هرهڪ (1) شهزاد محمود حسين ولد محمود حسين ذات گدي پٺاڻ (2) قربان ولد محمد رمضان ذات قريشي اسان جي روبرو ٻنهي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي کاتو بدل جي داخلا رکي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

سٽي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

جيئن ته اسان وٽ فوتي حاجي سوڀارو ولد چنگل ڪبر جي وارثن درخواست ڏني آهي ته مٿي نالي واري فوتي جي زرعي زمين ڪرڙاهه ۾ سروي نمبر 325،326 ۾ بيا مان جنهن ۾ حصي موجب ايراضي جي فوتي کاتي تبديل لاءِ فوتي جي وارثن درخواست ڏني آهي جنهن پنهنجي درخواست موجب ۽ ٻن مشيرن جي ڪيل بيان موجب فوتي جي هيٺيان جائز وارث ڏيکاريا آهن (1) خرم شهباز فوتي جو پٽ (2) شبانه نورين (ڌي) (3) مختيار بيگم زال فوتي جي نوٽ فوتي جا پيءُ ماءُ فوتي کان اڳ فوت ٿي ويل آهن ۽ فوتي جو ٻيو ڪو به زنده ۽ جائز وارث ڪونه آهي جيڪڏهن ڪو به وارث ظاهر ٿيو ته درخواست ڪندڙ ۽ ٻئي شاهد مشير بيان ڏيندڙ قانون موجب ڏوهه جا ڏوهاري ۽ پنهنجي پاڻ کي جوابدار ۽ ٻڌل سمجهنداسين ان ڪانپوءِ، جيڪڏهن مٿين وارثن يا ڪنهن به ماڻهو کي ڪو قانوني اعتراض آهي ته هن اشتهار ڇپجڻ کانپوءِ 07 ڏينهن اندر پنهنجو دستاويزي ڪاغذات سميت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ اچي پنهنجو اعتراض پيش ڪري ٻي صورت ۾ فوتي جو قانون موجب فوتي کاتو مٿي ذڪر ڪيل وارثن ۾ تبديل ڪيو ويندو پوءِ ڪو به عذر ٻڌڻ جوڳو نه هوندو

مختيارڪار تعلقو ميرواهه

عام اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته ڊپٽي سٽي بائي پاس حيدرآباد جا 20 سيڪڙو شيئر ظفر اقبال ولد هدايت علي جي پارٽنر عبدالحق ولد امداد علي اويسي . عبدالرسول ولد امداد علي اويسي ۽ ٻين رهندڙ گهر نمبر A/33 ڪلهوڙا ڪالوني حيدرآباد سان طئي ڪيو هو 2021 کان مذڪوره پارٽنرز حساب ڪرڻ ۾ ۽ شيئر جي مطابق ادائيگي ۾ مسلسل ناڪام رهيا آهن ان ڪري مٿي ڄاڻايل خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته مذڪوره بالا اسڪيم بابت ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي نه ڪن ٻي صورت ۾ پنهنجي نفي نقصان جا پاڻ ذميوار هوندا

ظفر اقبال ولد هدايت علي رهندڙ بنگلو نمبر 40 ڊيفينس حيدرآباد

بقايا | 1 | 6ڪلاڪ ڌرڻو

برادري پاران جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل نه ڪرڻ تي ڪراچي واهه جي پل ۽ ڪوٽڙي ٺٽي تي احتجاجي ڌرڻا هڻڻ جي باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪري نه سگهي ۽ نه ڪا ڪارروائي ڪئي وئي جنهن تي ڪاهه ٻئي ڏينهن به هاري ڪيمپ جي رهواسين ڪولهي ڀيل باگڙي ۽ ٻين برادرين جي سوين ماڻهن حملي ۾ سخت زخمي ٿيل ڌنراج ڀيل کي مرڻينگ حالت ۾ کٽ تي کڻي اچي ڪوٽڙي ٺٽي اڳيان لاڳيتو ڇهه ڪلاڪن تائين ڌرڻو هڻي مين روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ان موقعي تي زخمي جي وارثن ۽ ٻين ٻڌايو ته علائقي ۾ رهندڙ بااثر باريجا برادري جي ماڻهن اسان جي گهرن ۾ گهڙي عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪيو ۽ نوجوان ڌنراج پاران مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربند ۽ ڏنڊا بردار جوابدارن ٻيهر حملو ڪري نوجوان ڌنراج ۽ ٻين کي زخمي ڪري ڇڏيو اسان جو نوجوان ٻن ڏينهن کان زندگي ۽ موت واري ڪشمڪش مبتلا ۾ آهي ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد جي اسپتالن ۾ کڻائي وياسين پر ڊاڪٽرن به علاج ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي نوجوان جي وارثن جو وڌيڪ چوڻ هو ته پوليس اسان سان ڪوبه تعاون نٿي ڪري ۽ ڏينهن گذرڻ باوجود بااثر جوابدار خلاف ايف آءِ آر داخل نه ٿي آهي ۽ نه ئي جوابدار گرفتار ڪيا آهن ڪوٽڙي پوليس پاران جوابدارن خلاف ڪارروائي جي خاطرين بعد احتجاجي ڌرڻو ختم ڪيو ويو جڏهن ته آخري اطلاعن تائين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا | 2 | حملي جا الزام

باريجو جي گهرن مٿان ميڊيا ڪاهه ڪري پوليس جي موجودگي ۾ خلاف باريجا برادري ، صحافين ۽ سول سوسائٽي پاران فلائي اوور هيڊ برج پريسان ڪراچي واهه روڊ تي الڳ ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي جامشورو پريس ڪلب ايٽ ڪوٽڙي جو اڳوڻي صدر ڏتي بخش باريجو، اسماعيل باريجو عظيم باريجو ۽ ٻين چيو ته ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي ٻچ تي اسان جي خلاف انتقامي ڪارروايون پيون وڃن چوڻ اسان ملڪ چنگيز خان ۽ چام خان شورو جون خبرون هلايون جنهن ڪري هو اسان تي ڏمريل آهي هنن چيو ته ڪولهي ۽ ڀيل برادري سان اسان جا پراڻا ناتا آهن سنڌن سان هر سک ڏک ۾ گڏ هوندا آهيون . اسان جو جهيڙي ۾ ڪٿي به ڪو ڪردار نه آهي پر جڏهن کان سون ملڪ چنگيز خان ڪانيو خان برهماڻي جي سياست تي لکيو جيڪو هڪ صحافي جو ڪم آهي سياسي ليول سان ٻين به خبرون هلايون جيڪو صحافين جو ڪم آهي پر تر جي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر کي اها ڳالهه نه وڻي ۽ اسان خلاف واضح ميدان ۾ آيو هن چيو ته ملڪ اسد چاهي ٿو ته اسان ان جا تابع ٿيون مطلب صحافين کي پنهنجو غلام بڻائڻ ٿو چاهي جيڪو خواب ڪڏهن پورو نه ٿيندو اسان هر محاذ تي جواب ڏينداسين هنن چيو ته صحافين جي مٿان حملا ڪرائڻ بجائي سياسي انتقام جو نشانو ڪرڻ بجائي ڪانيو خان برهماڻي ملڪ چنگيز ۽ آصف زرداري سان مهاڏو اٽڪائي باقي صحافين جي مٿان ڏمرجي پنهنجو هوش نه وڃاءِ صحافين کي ديجاڙي ڌمڪائي انهن کي خاموش ڪرائڻ تنهنجو محض هڪ خواب آهي جيڪو ڪڏهن پورو نه ٿيندو هن چيو ته اسان جي گهرن جي مٿان حملا ڪرڻ تنهنجي ڪمزور ذهن کي واضح ڪيو آهي ملڪ اسد باريجا پاڻن جي گهرن تي حملو ڪرائي ننگن دنگن جي نعري جي ٻيڙي غرق ڪري تاريخي غلطي آهي اسان سنڌ کپائي ڇڏينداسين پر ڏاڍ اڳو نه جهڪنداسين، ڏتي بخش باريجو چيو ته مان صدر آصف علي زرداري،پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ,آرمي چيف کان مطالبو ڪيان ٿو ته هن حملي جو نوٽيس وٺي ڪيس داخل ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو هڪ ڪلاڪ جاري ڌرڻي ۾ ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو سان ڳالهين بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو.

بقايا | 3 | ايس ايڇ او

مسئلو آهي پوليس موجب اسان جوابدارن جي گرفتاري جون ڪوششون ڪريون پيا

بقايا | 4 | بيهڄي ويو

خريداري لاءِ ايندڙ ماڻهن کي سخت ڏکيائيون پيش آيون

بقايا | 5 | اڳواڻ

اثر باريجا برادري جي ماڻهن پاران هاري ڪيمپ لڳ منشيات جا اڏا قائم آهن ۽ ڪيترن اي ڪيسن به اهڙي ڪم لاءِ رکيل آهن

بقايا | 6 | ٺاهه پڪڙيل

ڪيل احتجاج دوران ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر خلاف ڪتا لفظ ڳالهائڻ تي شهرين ۾ سخت ٺاهه پڪڙجي ويو جڏهن ته ڌرين ۾ سخت ڇڪتاڻ واري وارو ماحول پيدا ٿي ويو آهي

بقايا | 7 | حملي جي مذمت

نوجوان ڌنراج جي حالت لاڳيتو ڳڻتي جوڳي آهي جڏهن ته وفاقي وزير کيئل داس ڪوهستاني ڀيل برادري جي گهرن تي ٿيل حملي جي سخت مذمت ڪئي آهي هوڏانهن آخري اطلاعن تائين ٻيو ڏينهن گذرڻ جي باوجود ڀيل برادري جي ايف آءِ آر داخل نه ڪئي وئي آهي

بقايا | 8 | اعزاز سان تدفين

آلي ٿي وئي ۽ سوڳ واري ماحول ۾ علائقي واسين شهيد جي بهادري ۽ قرباني کي زبردست لفظن ۾ ڀيٽا پيش ڪئي علائقي جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتن شهيد منصور گبول جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته شهيدن جون قربانيون قوم جو فخر آهن ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ اهڙيون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون

بقايا | 9 | گهر ۾ ڪهرام

فوتي عورت جو مڙهه جڏهن گهر پهچايو ويو ته گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي هوڏانهن ٻاهر واري واقعي ڪانپوءِ متاثر خاندان مڪمل طور بي يار و مددگار بڻجي ويا آهن ۽ اڃان تائين کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن سنڌن گهرن جو سمورو سامان اناج ڪپڙا ۽ روزمره جي استعمال جون شيون سڙي تباهه ٿي ويون آهن متاثر خاندانن حڪومت، ضلعي انتظاميه چونڊيل نمائندن ۽ مخير حضرات کان فوري امداد، رهائش، راشن ۽ مالي سهائتا فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي ته جيئن هو ٻيهر پنهنجي زندگي معمول تي آڻي سگهن

بقايا | 10 | فوت

ان دوران 2 ٻيون موٽر سائيڪلون به اچي ان سان ٽڪرائجي ويون حادثي ۾ راهه گير هڪ شخص نور حسن ميمڻ فوت ٿي ويو جڏهن ته 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ گل حسن، وقار ۽ عبدالجبار ميمڻ شامل آهن فوتي جي لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو ويو

بقايا | 11 | اسپتال ۾ فوت

ڪئي هئي.هوڏانهن نوجوان ڊاڪٽر پاران خودڪشيءَ ڪرڻ واري معاملي نئون رخ اختيار ڪري ورتو آهي انهي سلسلي ۾ فوتي ڊاڪٽر جي ويجهي رشتيدار وڪرم ميڊيا کي ڏنل بيان ۾ سنڌن جو چوڻ هو ڊاڪٽر راول راءِ مڪمل صحتمند هو ڪوبه اهڙو اشو نه هو ڊاڪٽر راول راءِ کي پي پي ايڇ آءِ اسپتال جي انتظاميه پاران ڪجهه ڏينهن کان اسلام ڪوٽ اسپتال مان ڀهراڙي جي هڪ ڊائهن بدلي ڪرڻ لاءِ پريشرائيز ڪيو پئي ويو کين چيو ويو هو ته تنهنجي مقرري کي هڪ سال کان مٿي ٿي ويو آهي هاڻي توکي ڀهراڙي جي ڳوٺ مقرر ڪيو ويندو جنهن سبب ڊاڪٽر ذهني طور تي پريشان هو جڏهن ته پي پي ايڇ آءِ انتظاميه انهي الزام کي رد ڪري ڇڏيو آهي انهي سلسلي ۾ پي پي ايڇ آءِ جي ڊي ايم صوبدار شاهاڻي ۽ اسپتال جي ايڊمن يار محمد جوڻيجو رابطي تي ٻڌايو ته ڊاڪٽر گذريل سال کان ڊاڪٽر راول راءِ اسلام ڪوٽ جي اسپتال ۾ مقرر هو جتي تمام بهترين پرفارمنس هئي ڊيوٽي جو به پابند هو جڏهن جڏهن به هن کي ڪٿي مقرر ڪيو ويو آهي ته سنڌن چوائس تحت ئي مقرر ڪيو ويو آهي ڏيڍ مهينو اڳ سنڌن جي خواهش هئي ته بدلي ڪري ڏلن جو ٽڙ ۾ رکيو وڃي پر وري ڊاڪٽر پاڻ ئي پاڻن جي چوڻ تي خاموش ٿي ويو موجوده وقت ۾ ڪوبه بدلي جو اشو نه ٻي پاسي اسپتال انتظاميه پاران زخمي ڊاڪٽر کي ريفر ڪرڻ لاءِ جاري ڪيل ريفر ليٽر ۾ پڻ ڊاڪٽر کي مڪمل صحتمند ۽ فٽ ڄاڻايو ويو آهي جڏهن ته واقعي واري وقت اسلام ڪوٽ پوليس پاران اهو موقف اختيار ڪيو ويو هو ته ڊاڪٽر جي وارثن جو چوڻ آهي ته ڊاڪٽر نفسياتي مسئلن ۾ مبتلا هو سنڌن علاج به هلندڙ آهي پر اسپتال انتظاميه پاران جاري ڪيل ليٽر ۾ انهي ڳالهه کي رد ڪيو ويو آهي جڏهن ته فوتي ڊاڪٽر جا ويجها عزيز به انهي ڳالهه کي رد ڪري چڪا آهن.هوڏانهن انهي سلسلي ۾ سجاڳ ڌرين جو چوڻ آهي ته هڪ هفتي ۾ ٻن ڊاڪٽرن پاران خودڪشي ڪرڻ وارن واقعن جي شفاف جاچ ڪئي وڃي جيئن اصل ڪارڻ معلوم ٿي سگهي.

بقايا | 12 | مبارڪ ملهايو ويو

شاهه ديوانو سلطان هاشمي جو 764هون عرس مبارڪ ميلي جو ڏهاڙو هر سال وانگر صوفيائي طريقي سان ملهائي درگاهه جي اڳڻ ۾ دعا جي رسم ، مولود شريف ، صوفيائي ڪلامن سماع جي الوداعي دعا سان ملهايو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن کان هزارن جي تعداد ۾ مريدن عقيدتمندن اچي شرڪت ڪئي ، درگاهه جي اڳڻ ۾ ملهايل ميلي واري نعت خواني جي تقريب دوران پڻ ملڪ جي ناليوارن نعت خوانن نعتون پيش ڪري داد حاصل ڪيو ، انهي موقعي تي درگاهه جي سنڀاليندڙ فقير دلشاد دلبر مستانو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اهو تمام وڏو اعزاز آهي ته سنڌ جي عظيم اوليا اڪرام صوفي بزرگ سيد سخي شاهه ديوانو سلطان هاشمي 7 صديون اڳ جيڪو انسان دوستي محبت ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آهي اهو اڄ جي جديد دور ۾ صوفي ازم جي فڪر تحت پوري دنيا جي اندر پنهنجو اعليٰ مقام حاصل ڪري رهيو آهي جنهن جي ڪري انتها پسندي مذهبي ڪٽنيٽي کان الڳ هن فڪر کي انسانيت سان ڀيٽا ڏني وڃي پئي ، جنهن جي ڪري اوليا اڪرام صوفي بزرگ جا سنڌ ۽ پاڪستان کان علاوه دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هزارين عقيدتمند مريد صوفي ازم جي فڪر جي پرچار ڪري رهيا آهن جيڪا سيد سخي شاهه ديوانو سلطان هاشمي جي عظيم فڪر جي رهنمائي آهي هن اهو به چيو ته عام ميلن کان الڳ صوفي ازم جي جي فڪر سان تعلق رکندڙ اوليا اڪرام بزرگن تي جيڪي به ميلا لڳن ٿا انهن ۾ انسانيت جي درجي کي فوقيت حاصل ٿئي ٿي جيڪا صوفي ازم جي فڪر جي فتح آهي هن سنڌ ۽ پاڪستان سان گڏ پوري دنيا جي انسان ذات لاءِ اجتماعي دعا گهري.

بقايا | 13 | چالان ڪيون ويون

لڳايو ويو آهي ۽ 45 سئو روپيا ورتل مسافرن کان اضافي ڪرايو واپس ڪرايو ويو آهي. هن چيو ته وڌيڪ ڀاڙا وٺندڙ خلاف روڙائي جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ عيد کان پوءِ به ڪارروائي ڪنداسين گاڏين وارا ايندڙ ويندڙ مسافرن کي ٻنهي هٿن سان لٽي رهيا آهن جنهن سبب ڪارروائي ڪئي پئي وڃي جيئن ماڻهو اضافي ڪراين کان بچي سگهن .

بقايا | 14 | همراهه فوت

سگهيو ۽ روڊ تي ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جيڪو ٽن معصوم ٻارن جو پيءُ هو حادثي کان پوءِ مقامي ماڻهن مڙهه کي ملي منتقل ڪيو ويو جتي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويوٻڌايو وڃي ٿو ته فوتي پنهنجي سهري جي وفات بعد ملي کان ڳوٺ جيئنڊو درس وڃي رهيو هو واقعي کان پوءِ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئيل آهي

بقايا | 15 | واپارين جو احتجاج

ڏگهي بندش واپار کي ڪاپاري ڌڪ رسايو آهي جڏهن ته ڪاروباري مارڪيٽن سميت سڄو شهر اونداهي ۾ ٻڏل آهي موبائيل مارڪيٽ جي صدر سيد حامد شاهه به صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته ڪاروبار مڪمل طور متاثر ٿي رهيو آهي، احمد خان زئنور وڌيڪ چيو ته شهر اندر ڪمرشل ميٽر لڳل هجڻ باوجود دڪاندار ڳرا بل ادا ڪن ٿا، تنهن هوندي به کين بجلي جي سهولت فراهم نه ٿي ڪئي وڃي، هن الزام هنيو ته ڪيترن سالن کان ساڳيا لوڪل آفيسر مقرر آهن جيڪي بجلي چوري ۾ پاڻ ملوث آهن واپاري اڳواڻن مطالبو ڪيو آهي ته ڪرپٽ آفيسرن کي فوري طور هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيا وڃن ته جيئن دادو جي عوام کي بنا رڪاوٽ بجلي فراهم ٿي سگهي، هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن مسئلا حل نه ڪيا ويا ته عيد کان پوءِ سيپڪو جي ڪرپٽ عملدارن خلاف باقاعده تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا | 16 | مجتا لاءِ احتجاج

اسان جي ڇهن مهينن جي پينشن رهيل آهي رٽائرڊ ملازمن گذريل ڏينهن به ڪنڊيارو پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙن پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي ڪئي ۽ اختيارين خلاف سخت نعرا هنيا، مختلف سياسي پارٽين جي اڳواڻن پڻ احتجاج ۾ شرڪت ڪري ساڻن يڪجهتي جو اظهار ڪيو پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ ڪامريڊ صداقت ناهيو ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻ فيصل لغاري پريس ڪلب پهچي رٽائرڊ ملازمن جي حمايت جو اعلان ڪيو هنن سموري رهيل پينشن فوري جاري ڪرڻ جو مطالبو ڪندي اختيارين کان مسئلي کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌن مطالبا جلد پورا نه ڪيا ويا ته احتجاج ۾ وڌيڪ شدت آندي ويندي.

بقايا | 17 | جائزو ورتو

سان ملاقات ڪئي ۽ انهن جا مسئلا ٻڌا، جڏهن ته سيڪيورٽي ۽ ٻين معاملن تي تفصيل سان بحث ڪيو ان موقعي تي ايس ايس پي بدين چيو ته عيدالفطر جي موقعي تي عوام کي محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ بدين پوليس جي اولين ترجيح آهي ۽ ان سلسلي ۾ سڀئي موجود وسيلا استعمال ۾ آندا پيا وڃن هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته بازارن شاپنگ سينٽرن ۽ رش واري هنڌن تي سادا ڪپڙا پهريل اهلڪار پڻ مقرر ڪيا وڃن ته جيئن ڏوهاري عنصرن تي ڪڙي نظر رکي سگهجي، جڏهن ته ٽريفڪ جي وهڪري کي برقرار رکڻ لاءِ خاص قدم پڻ يقيني بڻايا وڃن ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جو شهرين ۽ ڪاروباري برادري پاران گرمجوشي سان استقبال ڪيو ويو ۽ پوليس پاران ڪيل سيڪيورٽي قدمن تي مڪمل اطمينان جو اظهار ڪيو شهرين بدين پوليس جي پيشه ورانه ڪارڪردگي جي تعريف ڪئي ۽ پنهنجي مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو ايس ايس پي بدين واضح ڪيو ته عيد الفطر دوران ضلعي ۾ غير معمولي سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن ۽ پوليس ڪنهن به ناخوشگوار واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ هميشه تيار آهي

بقايا | 18 | احتجاجي ڌرڻو

ڌرڻي کي خطاب ڪندي سي بي اي يونين جي جنرل سيڪريٽري انصاف علي لاشاري خطاب ڪندي چيو ته واسا جي ملازمن کي 17 مهينن جون پگهارون نه مليون آهن عيد جي موقعي تي ملازمن کي ٽن ٽن مهينن جون پگهارون ڏيڻ لاءِ واسا کي 30 ڪروڙ روپيا جاري ڪيا جنهن ۾ ڪرپشن ڪئي وئي آهي هن چيو ته ڊائريڪٽر ليبر واسا اختيارين کي 1274 ملازمن جي لسٽ موڪلي کين پگهارون ڏيڻ جي هدايت ڪئي پر واسا اختيارين 511 ملازمن جي پگهار روڪي ڪرپشن ڪئي آهي هن چيو ته ملازمن کي ڊائريڪٽر ايڇ آر نعيم شورو بايو ميٽرڪ جو جواز ڄاڻائي پگهار روڪي آهي جيڪو بي بنياد آهي ڇاڪاڻ ته ملازمن کي هلندڙ مهيني جي پگهار نه پئي ڏني وڃي 17 مهينن جي رهيل پگهار سان ٽن مهينن جي پگهار ڏيڻي هئي جن مهينن جي حاضري اڳواٽ ئي اداري ۾ جمع آهي هن چيو ته عيد اڳ پگهار نه ڏني وئي ته ڌرڻو جاري رهندو ۽ عيد جي موقعي تي پيئڻ جي پاڻي ۽ نيڪال نظام بند ڪري احتجاج ڪنداسين

بقايا | 19 | علاج جي اپيل

گذري وري جڏهن کان مڙس کي گلي جي ڪينسر جي بيماري رڪوڙيو آهي ته تڪليفن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي ڪافر ڪشي تي مجبور آهيون ڪينسر جو علاج تمام گهڻو مهانگو آهي گهر جو الهه تلهه وڪرو ڪري ڇڏيو آهي هاڻي ڪجهه ناهي بچيو هنن سنڌ حڪومت ۽ سرنديءَ وارن کان مطالبو ڪيو آهي منهنجي مڙس رائمل ڪولهي جي علاج ۾ مدد ڪري اسانکي فاڪه ڪشي کان بچايو وڃي

بقايا | 20 | گرفتار

سليڪون آڱرين ذريعي ڌوکي ۾ ملوث هئا ايس ايڇ او سعيد چانڊيو موجب ڪارروائي دوران وڏي رقم بائيو ميٽرڪ اوزار موبائل فون ۽ سليڪون آڱريون هٿ ڪيون ويون جوابدارن دوران جاچ مستحقن جي رقم مان غير قانوني ڪٽوتي ڪرڻ جو اعتراف پڻ ڪري ورتو آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا | 21 | ريلي ڪڍي وئي

ڀيٽا پيش ڪيون ٿا جو ته پاڪ آرمي ملڪ ۽ قوم جي حفاظت ڪري دشمنن جي ناپاڪ ارادن کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو آهي

بقايا | 22 | تقسيم ڪيو ويو

، رئوف ساريو فهد عبدالرحيم ساريو ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي قمرالدين ساريو ، قلندر بخش هنگورو ۽ واجد علي ساريو 100 خاندانن جي عورتن، مردن ۽ ٻارڙن ۾ عيد راشن سامان تقسيم ڪيو ويو ان موقعي تي قمرالدين ساريو چيو آهي ته غريب مسڪين ماڻهن کي عيد راشن سامان ڏيڻ ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ تي دل کي روحاني سڪون ملي ٿو انسان ذات جي خدمت ڪرڻ عبادت سمجهان ٿو

بقايا | 23 | لاڏاڻو ڪري ويو

ممتاز علي سولنگي استاد محمد ياسين جوڻيجو فقير عابد حسين جوڻيجو فقير عبدرسول جوڻيجو محمد اشرف جوڻيجو معشوق علي جوڻيجو منير احمد جوڻيجو صحافي جي ايم جوڻيجو قاضي رسول بخش قريشي ڊاڪٽر ضمير حسين سومرو سميت علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻن توڙي برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن حاجي محمد يعقوب مهر حاجي محمد آدريس مهر ڊاڪٽر معشوق مهر جمعدار اعجاز حسين مهر مير پنهل خان مهر ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا | 24 | دعوي

جي دعوا ڪئي وئي آهي . ڪريڪ ڊائون دوران اشتهاري جوابدار جهاڙيو لغاري ۽ روپوش جوابدار حاجن ٻڍڙي سميت منشيات سماجي برائين ۾ ملوث رستم ڪنڀار، نياز سولنگي ، وڪيو نوناري ، غلام ڪاتيار کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي . گرفتار جوابدارن خلاف مختلف ٿاڻن تي الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن . ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان حسيب جاويد ميمڻ پاران منشيات سماجي برائين جي خاتمي تائين ڪريڪ ڊائون جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا | 25 | قيد ۽ ڏنڊ سزا

جنهن تي عدالت پاران اڄ فيصلو ٻڌايو ويو جنهن ۾ ڇهن جوابدارن کي ساڍا ست سال قيد ۽ 5 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي جوابدار ڏنڊ جي رقم نه ڏيڻ جي صورت ۾ وڌيڪ ڇهه مهينا قيد ڪاٽيندا

بقايا | 26 | لاڏاڻو ڪري ويو

محسن مگسي ، رئيس سوڍو خان لنڊ ، وڏيرو غلام قادر ٿيٻو ،نورمحمد نظاماڻي ، صالح ٿيٻو ، پير امجد جيلاني ، سلمان خان لنڊ ، سعيود لنڊ پيپلز پارٽي تعلقو صدر غلام قادر دل رئيس علي ڳلا ، نادرخواجه ، ارباب مستوئي ، عبدالستار گراڻو ، دانش سومرو، شڪور ڪنڀار، اميد علي ناگور، محبوب پٺاڻي ، رئيس عظيم بروهي ، سيد شبير شاهه راشدي قاسم ڪالرو ، خدا بخش ٿيٻو ، عمر ٿيٻو ، ابراهيم ڪالرو ، خليل الرحمان خاراڻي ، نورحسن پٺاڻي سردار مولابخش بروهي ، ميرخان برفت ،عبرت ضلعي رپورٽر راجه ساجد خانزاده سميت مختلف راڄن جي چڱن مڙسن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته مرحوم قاسم لنڊ جي پٽ ۽ پٽن سان پيارو لنڊ شهر ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا | 27 | ۾ افطار ڊنر

سنجر علي دل ، نديم ذاڪر ، علي احمد مجيداڻو ، ارشاد ميئو ،صائيم خانزاده سميت دوستن شرڪت ڪئي

بقايا | 28 | 14 مسافر زخمي

ٻارڙن سميت 14 مسافر زخمي ٿي پيا، زخمي مسافرن ۾ مهتاب عباسي عبدالله احمد رفيق، وقاص، زران وقان يونس جڏهن ته عورتن ۾ حسنه انا شاهه سميت بيا آهن جڏهن ته ماءُ ۽ پٽ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويا واقعي جو اطلاع ملندي ئي همدرد فري ايمبولينس سروس جي ريسڪيو ٽيم حادثي واري هنڌ پهچي زخمين کي تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهچايو ويو جتي پنجن ڄڻن جي حالت نازڪ هئڻ سبب کين نواب شاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو جڏهن ته ٻڌايو پيو وڃي ته حادثي جو شڪار ٿيل بس سان ٻي بس به ٽڪرائجي وئي جنهن ۾ به ڪجهه مسافر زخمي ٿي پيا آهن جنهن ۾ پڻ هڪ مسافر فوت ٿي ويو جنهن جو لاش قاضي احمد اسپتال ڏانهن موڪليو ويو مسافر عيد جون موڪلون ملهائڻ لاءِ اباڻي گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا ته حادثو پيش آيو

بقايا | 29 | اڳواڻن جي شرڪت

موقعي تي وارثن ۽ ڳوٺاڻن پاران افسوس جو اظهار ڪندي چيو ويو ته بيگناهه انسان جو قتل وڏو سانحو آهي جوابدارن کي جلد کان جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي جنازي نماز بعد شهيد سعيد احمد جتوئي کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويوجڏهن ته نوان جتوئي شهر ۾ سخت خوف هراس ڇانيل آهي 2 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪيس وغيره داخل نه ٿي سگهيو آهي ڪا به گرفتاري عمل ۾ ڪانه آئي آهي

بقايا | 30 | زين شاهه

پ پ جي حڪمرانن سنڌ کپائي ڇڏي آهي سنڌ جو پاڻي زمينون سامونڊي پٽي لکي ڏني وئي آهي سنڌ ۾ هر ڪيون ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ واري زندگي گذاري رهيو آهي ڪرپٽ سياستدانن سان گڏ ڪامورا ڪروڙين ماڻهن جا حق کائي رهيا آهن هن چيو ته سنڌ ۾ گورنر جي تبديلي معمول جو حصو آهي نواز ليگ پنهنجو گورنر آڻڻ پئي چاهيو هن چيو ته سنڌ ۾ بلدياتي نظام آڻڻ جا خطرا آهن پ پ _ ايم ڪيو ايم الزام ڊرامو آهن هن چيو ته پاڪستان جا افغانستان سميت ٻين پاڙيسري ملڪن سان تعلقات خراب آهن غزه امن بورڊ ۾ شموليت کي غلط فيصلو سمجهون ٿا، ڇاڪاڻ ته پهريان پنهنجي گهر ۾ امن هجڻ کپي هن چيو ته ايران _ آمريڪا جنگ سان پاڪستان ۾ وڌيڪ مهانگائي ٿيندي هن موقعي تي عاشق علي زنئون دريا خان لغاري، اصغر علي سولنگي انور علي پنهور سميت مختلف سياسي و سماجي اڳواڻ موجود هئا.

بقايا | 31 | دعوي

موجب ٽنڊوآدم سٽي پوليس ايس ايڇ او محمد حنيف مهر جي اڳواڻي ۾ مبينه پوليس مقابلي بعد 2 زخمين سميت 5 ڌوڙو گرفتار ڪري وٽانئن 5 پسٽل مختلف وارداتن ۾ ڦر ڪيل 3 موبائل فون ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي

بقايا | 32 | اسپتال داخل

ڪئي نوجوان کي ساڻئن وقت سر ڏسي ورتو کيس ڳڻتي جوڳي حالت ۾ فوري طور تي سول اسپتال ملي منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران سنڌس علاج جاري آهي هوڏانهن علاج جي وڌيڪ سهوليت نه هجڻ ڪري حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته هڪ سال ڪجهه مهينا اڳ سنڌس مڱيندي زال به خودڪشي ڪئي هئي. وارثن موجب ذهني توازن درست نه آهي.

بقايا | 33 | وڍي ڇڏيو

ڪري ڇڏيو واقعي بابت سٽي پوليس زخمي عورت جي پيءُ مشتاق پلي جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو ان سلسلي ۾ متاثر عورت پنهنجي والد ولي محمد ۽ ٻين سان گڏ ڏانهينڊي ٻڌايو ته ڏي جو مڙس فوت ٿي ويو آهي جنهن مان 4 ٻارن جو اولاد آهي جنهن مان هڪ پٽ ۽ هڪ ڌي معذور آهي ڳوٺ مان پني گذر سفر ڪندي آهيان ڏير شادي ڪرڻ لاءِ زور پريندو رهندو آهي ۽ خيرات ۾ ملندڙ پئسا ڦري ويندو هو انڪار ڪرڻ تي هن ڪهاڙي سان حملو ڪري هٿ ڪٽي ڇڏيو هنن الزام هنيو ته ڏير کي منهنجي سس خيري ۽ ٻين عزيزن بابو خان عورت ٽوري پڙڪائي مون کي معذور بڻايو آهي پوليس ڪيس ۾ انهن جا نالا ناهن ڏنا جيڪا سراسر زيادتي آهي

بقايا | 34 | امير علي زرداري

تقريب ۾ معزز شخصيتن ڊاڪٽر خادم حسين زرداري، ايڊوڪيٽ رضا علي زرداري، عنايت علي اسدعلي، امير علي چانڊ زرداري، عنايت علي، ديدار علي، سهيل احمد، آصف علي، اسد شوڪت زرداري، شهمير زرداري، ۽ اياز علي نياز لاشاري شرڪت ڪئي آخر ۾ امير علي زرداري خاص طور تي محمد هاشم زرداري ۽ فوجي شهمير زرداري جو شڪريو ادا ڪيو،تقريب جي آخر ۾ سڀني مهمانن جي اعزاز ۾ چانهن پارٽي ڏني وئي ۽ دعا خير گهري وئي

بقايا | 35 | نقصان جو خدشو

يوسف ڏانوري،احسان الله پنهور اسد الله ناريجو،آفتاب احمد پنهور ۽ ٻين موجب هن وقت برسات پوڻ سبب ڪڻڪ جي تيار فصل کي سخت نقصان پهچڻ جو خدشو آهي چو ته فصل اڳ ئي پچي تيار ٿي چڪي آهي،ماهرن جو چوڻ آهي ته برسات پوڻ سبب ڪڻڪ پچي خراب ٿي سگهي ٿي ۽ ان جو رنگ به ڪارو ٿي سگهي ٿو جڏهن ته بيٺل فصل به زمين تي ڪري سگهي ٿي. اهڙي صورت ۾ ڪٽائي دوران ڪڻڪ ۾ پتري ملي ويندي جنهن سان فصل جو معيار متاثر ٿيندو.آبادگارن جو چوڻ آهي ته هن وقت جي برسات انهن لاءِ نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي. هنن الله تعاليٰ کان دعا ڪئي آهي ته برسات جلد ختم ٿئي ته جيئن فصل جي ڪٽائي مڪمل ٿي سگهي ۽ آبادگار وڏي نقصان کان بچي سگهن.

بقايا | 36 | دعوي

جيڪي پوليس مقابلا ڦر ۽ ٻين سنگين وارداتن ۾ گهربل هئا جوابدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ايس ايس پي چيو ته ڳوٺ گل محمد چانڊڙو ۾ آپريشن کان علاوه خيرپور شهر ۾ به ڪامياب ڪارروائي ڪندي جوابدار ضياء پنهور کي گرفتار ڪيو ويو آهي

بقايا | 37 | ڪميٽي قائم

ڪيو ويو آهي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو جي هدايت تي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري کي ٽن ميمبرن واري ڪميٽي جو ڪنوينر مقرر ڪيو ويو آهي

بقايا | 38 | مظاهرو

عورتون، بزرگ ۽ نوجوان شهيد ٿي ويا آهن جنهن عمل جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا

بقايا | 39 | خوشي جي لهر

مرد بار توڙي عورتون شهرن جو رخ ڪرڻ لڳا دڪاندارن پاران من پسند شين جا اگهه مقرر ڪرڻ سبب پورهيت طبقو عيد خريداري کان محروم بڻيل آهن پراڻن ڪپڙن ۾ عيد ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي رش کي نظر رکندي ڪشمور ضلعي جي انتظاميا پاران سيڪورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا آهن

بقايا | 40 | پوليس آڏو پيش

وليد ڏاٿي ۾ گرفتاري ڏئي ڇڏي آهي جيڪو سنگين نوعيت جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ملوث اشتهاري ۽ روپوش آهي. سنڌ حڪومت سنڌس مٿان 20 لک روپيا انعام پڻ رکيو هو ڏوهاري اوشاق جلباڻي طرفان پوليس آڏو پيش ٿيڻ ڏوهارين خلاف ڪاروائين ۾ وڌيڪ مددگار ثابت ٿيندو ۽ امن امان جي صورتحال ۾ وڌيڪ بهتري ايندي ايس ايس پي چيو ته قانون ٽوڙيندڙ ماڻهن خلاف بنا ڦرق ڪاروائيون جاري رهنديون پيش ٿيندڙ ڀهريان پنهنجي ڪيسن سان منهن ڏيندا، پڪ ٿا ڏياريون ته پيش ٿيندڙن سان ڪنهن به قسم جي ناجائزي ٿيڻ نه ڏينداسين

بقايا | 41 | مقرر ڪيو ويو

موهن لال ڪتري جون ڏهن ڏينهن لاءِ حفاظتي ضمانتون منظور ڪري ورتيون آهن. انساني حقن بابت سنڌ جي وڏي وزير جي خاص معاون راجوير سنگهه سوڍي جي هدايتن تي ڊپٽي ڊائريڪٽر ميرپورخاص معيز حسين ٿيٻو جي نگراني ۾ انساني حقن واري کاتي جي هڪ ٽيم ملي پهچي چيف ميڊيڪل آفيسر ملي ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ جي اڳڪهاڻ واري واقعي جي جاچ ڪئي.

بقايا | 42 | ڪٽي فرار

فوري طور رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن موجب سنڌس علاج جاري آهي ۽ حالت خطري کان ٻاهر ٻڌائي پئي وڃي هوش ۾ اچڻ بعد مشتاق سانڊ پوليس کي ٻڌايو ته هن نشي آور شيءِ ڏيندڙ جوابدار کي سڃاڻي ورتو آهي جيڪو چالاڪي سان ساڳئي طريقي اڳ ۾ به ملي جي مال ٻڪري مان 6 لک رپيا ڦر ڪري چڪو آهي متاثر ڌر ۽ علائقي واسين لاڳاپيل ادارن کان گهر ڪئي آهي ته وارداتن جو نوٽيس وٺي جوابدار کي گرفتار ڪري علائقي ۾ امن امان بحال ڪيو وڃي سنڌن رقم واپس ڏيرائي وڃي

Oil & Gas Development Company Limited
ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-316314761-2026	HIRING OF DRILLING WHILE CASING SERVICES	06.04.2026 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-CSR-60-3749-316098975-2026	HIRING OF COASTERS AT DAKHNI GAS FIELD FOR PICK AND DROP OF STUDENTS	06.04.2026 1030 Hrs

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **04.02.2026, 07.02.2026** and **11.03.2026**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-SECURITY-315392942-2026	HIRING OF PRIVATE SECURITY SERVICES	10.04.2026 1030 HRS
2.	OGDCL-SCM-FD-CB-ECMP-311516810-2026	LOCAL MANUFACTURING OF MANPORTABLE RIGS	10.04.2026 1100 HRS
3.	OGDCL-SCM-FD-CB-ECMP-310751552-2026	SEISMIC SERVO HYDRAULIC VIBRATORS	15.04.2026 1100 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk**.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see “Instruction for Bidders Section” of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3652 / 3780

ogdcl.com
No. 125/40

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

آفيس آف دي
چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽس
رِوَرائين اينڊ انلينڊ فاريسٽس
سنڌ، حيدرآباد

No. B. L. (d) Estt:/-2262 of 2025-26 Hyderabad, Dated 18/03/2026.

آساميون خالي آهن

سنڌ فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ هيٺ ڏنل آسامين لاءِ سنڌ صوبي جو ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي پندرهن (15) ڏينهن اندر، تعليمي قابليت ۽ تجربي مطابق درخواستون گهربل آهن:

شمار نمبر	پوسٽ جو نالو BPS سان گڏ	آسامين جو ڪل تعداد	عمر جي حد	تعليمي قابليت ۽ تجربو
1	جونيئر ڪلارڪ (BPS-11)	17	18کان 28	i. ڪنهن به مڃيل تعليمي بورڊ مان گهٽ ۾ گهٽ انٽرميڊيئيٽ "C" گريڊ ۾؛ ۽ ii. SBTE مان مڃيل اداري مان MS Office جو سرٽيفڪيٽ ۽ انگريزي ٽائيپنگ ۾ 30 لفظ في منٽ جي رفتار
2	فاريسٽر (BPS-07)	15	18کان 28	i. ڪنهن به مڃيل تعليمي بورڊ مان انٽرميڊيئيٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾؛ ii. قد گهٽ ۾ گهٽ '6_"5؛ iii. ڇاتي "33.5 _ "32 (ڦهلائڻ کان پوءِ) ۽ نظر 6/6 چيشمي سان يا بغير؛ iv. ترڻ جي مهارت. نوٽ: چونڊيل اميدوار فاريسٽ اسڪول مياڻي يا پاڪستان جي ڪنهن ٻئي مڃيل اداري مان ان _سروس فاريسٽر ڪورس ڪندا.

2. اهي اميدوار جيڪي هيٺيان شرط پورا ڪن ٿا، اهي سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk تي مٿي ڄاڻايل آسامين لاءِ درخواست ڏين:

i. اميدوارن لاءِ لازمي طور تي سکر IBA ٽيسٽنگ سروسز (STS) پاران ورتل انٽرميڊيئيٽ ۽ گريجوئيشن ڪيٽيگري جي جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو مارڪن سان پاس ڪئي هجي ۽ ان جو سرٽيفڪيٽ رکندڙ هجن.

ii. اميدوارن جي عمر جي ڳڻپ درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان ڪئي ويندي. مٿئين عمر ۾ رعايت سنڌ حڪومت جي موجوده رولز/پاليسي مطابق ڏني ويندي.

iii. آسامين ۾ مختص ڪيل ڪوٽا جو حصو حڪومت سنڌ جي قانون/ضابطن مطابق هوندو.

iv. جيڪي اميدوار اڳ ئي سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهن، اهي درخواست ڏيڻ کان اڳ پنهنجي کاتي مان NOC حاصل ڪن ۽ انٽرويوءَ وقت اصل ڪاپي پيش ڪن.

v. مقرري سنڌ حڪومت جي 26.04.2023 جي پاليسي ۽ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ 1973 تحت ڪئي ويندي.

vi. اميدوارن کي اصل دستاويزن سان گڏ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو سنڌ جاب پورٽل تي ڏنل شيڊول مطابق حاضر ٿيڻو پوندو.

vii. انٽرويو لاءِ ڪوبه TA/DA نه ڏنو ويندو.

چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽس
رِوَرائين اينڊ انلينڊ فاريسٽس
سنڌ، حيدرآباد

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1173/2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

هوم ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، ايف بي آر (FBR) ۽ ٻين لاڳاپيل ٽيڪس اختيارين وٽ رجسٽرڊ دلچسپي رکندڙ آڇ ڏيندڙن کان هوم ڊپارٽمينٽ جي آفيسن لاءِ هارڊويئر (ڪمپيوٽر جو سامان) جي خريداري لاءِ مهربند آڇن جي دعوت ڏئي ٿو. سامان جي خريداري لاءِ گهرجون هيٺين ريت آهن:

شمار نمبر	تفصيل	آڇ دستاويزن جي جاري ٿيڻ جو شيڊول	جمع ڪرائڻ جو شيڊول	کولڻ جو شيڊول	ٽينڊر في	بڊ سيڪيورٽي	طريقو
1	هارڊويئر (ڪمپيوٽر جو سامان)	اشاعت جي تاريخ کان 16 مارچ 2026 تائين ۽ 1 اپريل 2026 منجهند 1:00 وڳي تائين	1 اپريل 2026 منجهند 2:00 وڳي تائين	1 آڪٽوبر 2026 منجهند 3:00 وڳي	روپيا 1000/-	ڪوٽ ڪيل بڊ جو 2.5٪	هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار

شرط ۽ ضابطا:

i. ڪليل مقابلي واري آڇ لاءِ هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت استعمال ڪيو ويندو پهرين مرحلي ۾ صرف ٽيڪنيڪل تجويزون کوليون وينديون. بعد ۾، صرف انهن فرمن جون مالي تجويزون کوليون وينديون جيڪي ٽيڪنيڪل طور تي اهل قرار ڏنيون وينديون. مالي تجويزن سان گڏ "سيڪشن آفيسر (ايڊمن) هوم ڊپارٽمينٽ" جي حق ۾ آڇ جي رقم جو 2.5٪ جي برابر بڊ سيڪيورٽي هجڻ لازمي آهي. ٻئي ٽيڪنيڪل ۽ مالي تجويزون الڳ الڳ مهربند هجڻ گهرجن. پريشانيين کان بچڻ لاءِ لفافي تي واضح ۽ پڙهڻ لائق اکرن ۾ "Technical Proposal" ۽ "Financial Proposal" لکيل هجڻ گهرجي.

ii. واڪ دستاويزن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، جانچ جا معيار، خريداري جو طريقو ۽ آڇ جمع ڪرائڻ جا ٻيا لاڳاپيل تفصيل شامل آهن. اهي _/1000 روپيا في جي ادائيگي تي "سيڪشن آفيسر (ايڊمن)، هوم ڊپارٽمينٽ" جي حق ۾ گرائونڊ فلور، تغلق هائوس سيڪريٽريٽ بلڊنگ نمبر 2، شاهراهه ڪمال اتا ترڪ روڊ، ڪراچي تان حاصل ڪري سگهجن ٿا ۽ www.ppms.pprasindh.gov.pk ۽ www.home.sindh.gov.pk تان پڻ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. آڇن کي ڊپٽي سيڪريٽري (ايڊمن)، هوم ڊپارٽمينٽ، گرائونڊ فلور، تغلق هائوس، سنڌ سيڪريٽريٽ بلڊنگ نمبر 2، ڪراچي جي آفيس ۾ جمع ڪيو/کوليو ويندو

iii. هر ڪيٽيگريءَ لاءِ الڳ واڪ دستاويز حاصل ڪرڻا پوندا.

iv. واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن موجب تيار ڪيل آڇون مٿي ڄاڻايل شيڊول مطابق ڊپٽي سيڪريٽري (ايڊمن) هوم ڊپارٽمينٽ جي آفيس ۾ پهچڻ گهرجن.

v. جيڪڏهن آڇ جمع ڪرائڻ/کولڻ جي تاريخ ۽ وقت تي ڪي اڻ ٿڻندڙ حالتون پيدا ٿين ٿيون يا حڪومت موڪل جو اعلان ڪري ٿي، ته ٽينڊر ايندڙ ٻئي ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي جمع ڪيو/کوليا ويندو.

vi. پروڪيورنگ ايجنسي SPP رولز جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪري سگهي ٿي.

vii. پروڪيورنگ ايجنسي SPP رولز موجب ڪنهن به آڇ يا تجويز جي منظوريءَ کان اڳ ڪنهن به وقت آڇ جي عمل کي رد ڪري سگهي ٿي.

سيڪشن آفيسر (ايڊمن)
هوم ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1178/2026

ڪوٽڙي ۾ حملي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مرٽينگ نوجوان کي ٿاڻي اڳيان رکي 6 ڪلاڪ ڌرڻو

هاري ڪيمپ ۾ پيل برادري جي گهرن تي حملو ڪري ڏنراج پيل ۽ ٻين کي مرٽينگ ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيا

مرٽينگ حالت ۾ پيل نوجوان کي کٽ تي کڻي اچي ٿاڻي اڳيان لاڳيتو ڇهه ڪلاڪن تائين ڌرڻو هنيو ويو

بااثر باريجا برادري جي ماڻهن اسان جي گهرن ۾ گهڙي حملو ڪيو، پوليس ڪيس داخل نٿي ڪري : وارث

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي ۾ بابا صلاح الدين درگاهه ويجهو هاري ڪيمپ ۾ جوابدارن پاران پيل برادري جي گهرن تي حملو ڪري ڏنڊا هڻي ڏنراج پيل ۽ ٻين کي مرٽينگ ڪرڻ ۽ بعد پيل بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

باريجا برادري پاران الڳ ڌرڻو هڻندي ويل ايم اين اي ملڪ اسد مٿان حملي جا الزام

صحافين اسماعيل باريجو، ڏٽي بخش ۽ عظيم باريجو جي گهرن ڪاهه خلاف احتجاج ڪيو ويو

ملڪ اسد صحافين کي پنهنجو غلام بڻائڻ ٿو چاهي جيڪو خواب ڪڏهن پورو نه ٿيندو: اڳواڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم سومرو) باريجا برادري صحافي اسماعيل باريجي صحافي ڏٽي بخش باريجو ۽ عظيم بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: باريجا برادري پاران گهرن تي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

وفاقي وزير کيئل داس ڪوهستاني پاران پيل برادري جي گهرن تي حملي جي مذمت

ڪوٽڙي : پيل برادري جي زخمي ٿيل بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

احتجاج دوران ايم اين اي ملڪ اسد خلاف ڳتا لفظ ڳالهائڻ تي شهرين ۾ ناءِ پڪڙيل

ڪوٽڙي : باريجا برادري پاران ڪراچي واهه بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڊرين ۾ پلاٽ جي معاملي تان تڪرار هلندڙ آهي، اهو انهن جو پنهنجو مسئلو آهي: ايس ايڇ او

ڪوٽڙي: ڪوٽڙي ٿاڻي جي ايس ايڇ او جو چوڻ آهي ته ڊرين ۾ پلاٽ جي معاملي تان تڪرار هلندڙ آهي اهو انهن جو پنهنجو بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٿاڻي اڳيان لاڳيتو ڌرڻي سبب شهر ۾ اينڊڙ ويندڙ سوين گاڏيون بيهجي ويون

ڪوٽڙي: ٿاڻي اڳيان مين روڊ تي لاڳيتو ڌرڻي سبب شهر ۾ اينڊڙ ويندڙ سوين گاڏيون بيهجي ويون جنهن سبب عيد جي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

هاري ڪيمپ لڳ بااثر باريجا برادري جي ماڻهن جا منشيات جا اڏا قائم آهن: اڳواڻ

ڪوٽڙي: احتجاجي ڌرڻي دوران اڳواڻن بابو پيل، پ پ اڳواڻ جاويد شانا اڳوڻو ڪائونسلر ميهار برفت ۽ ٻين ٻڌايو ته با بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: شهيد ٿيل اهلڪار جي قبر تي سلامي ڏني پئي وڃي

خانپورمهر لڳ بلوچستان ۾ شهيد ٿيندڙ جوان جي فوجي اعزاز سان تدفين

ڳوٺ ڪيچي خان گبول واسي منصور گبول جو مڙهه اباڻي ڳوٺ پهچڻ تي ڪهرام

جنازي نماز ۾ رينجرز ۽ ايف سي جي آفيسرن سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

خانپورمهر(ن ع) بلوچستان جي قلات واري علائقي ۾ دهشتگردن سان بهادري سان وڙهندي شهيد ٿيل خانپورمهر ويجهو ڳوٺ ڪيچي خان گبول واسي فرنٽيئر ڪور(ايف سي) جي اهلڪار منصور گبول کي سندس اباڻي ڳوٺ ڪيچي خان گبول ۾ فوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو تفصيل موجب هڪ ڏينهن اڳ شهيد منصور گبول جو مڙهه سندس اباڻي ڳوٺ آندو ويو جتي سندس جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ پاڪ رينجرز ۽ ايف سي جي آفيسرن سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز بعد شهيد اهلڪار کي سرڪاري ۽ فوجي اعزاز سان غازي فقير قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جتي ڪيس سلامي پڻ پيش ڪئي وئي شهيد جي آخري رسمن دوران هر اک بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر لڳ گهر کي باهه لڳڻ سبب زخمي عورت فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ غلام حسين گڏاڻي واسي مائي پناڻي زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي وئي

متاثر خاندان پاران حڪومت، انتظاميه، چونڊيل نمائندن کان فوري سهائتا جو مطالبو

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ غلام حسين گڏاڻي ۾ پوڙهيتن جي گهرن کي باهه لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيل عورت مائي پناڻي زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي وئي تفصيل موجب گذريل ڏينهن ڳوٺ غلام حسين گڏاڻي ۾ پوڙهيت تحرير گڏاڻي ۽ برڪت گڏاڻي جي گهرن کي چلهه مان اوچتو چڻنگ اڏڻ سبب باهه لڳي وئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ گهرن اندر پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو جڏهن ته گهر ۾ موجود مائي پناڻي زال ٿريو گڏاڻي پنهنجي چوپايو مال ۽ گهر جو سامان بچائڻ جي ڪوشش دوران سخت سڙي زخمي ٿي پئي هئي زخمي عورت کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ گمس گمبٽ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هوءَ علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

مانجهند پرسان زميني تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل

ڪچي واري علائقي ۾ ڦاٽاڻي ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ڪئي وئي

گولين لڳڻ سبب هڪ ڄڻو احمد علي ڪوسو مارجي ويو ۽ دودو خان ڪوسو زخمي ٿي پيو

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان خانوٽ جي ڪچي واري علائقي ۾ زمين جي تڪرار تان ڦاٽاڻي ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو احمد علي ڪوسو مارجي ويو جڏهن ته دودو خان ڪوسو زخمي ٿي پيو فوتي جي لاش جي مانجهند تعلقه اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم ڪئي وئي جڏهن ته زخمي کي سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو خانوٽ پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ڪري سگهي نه ئي ڪيس داخل ٿي سگهيو آهي جڏهن ته علائقي ۾ وڌيڪ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي آهي

ڪوٽڙي: پيل برادري تشدد ۾ زخمي ٿيل نوجوان سان گڏ احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ وڌيڪ ڀاڙا وٺندڙن 15 ڪان وڌيڪ گاڏيون چالان ڪيون ويون

مسافرن کان ورتل اضافي ڪرايو پڻ واپس ڪرايو ويو آهي: سيڪريٽري آر ٽي اي

خيرپور (ڊ ر)سينئر منسٽر ٽرانسپورٽ شرجيل انعام ميمڻ ،سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن جي حڪم تي خيرپور ۾ وڌيڪ ڀاڙا وٺندڙ گاڏين خلاف ڪارروائي تفصيل موجب خيرپور جي سيڪريٽري آر ٽي اي رياض احمد سولنگي ٻڌايو ته سيڪريٽري اسد ضامن ۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف حسين چاچڙ جن جي حڪم تي عيد جي موقعي تي وڌيڪ ڀاڙا وٺندڙ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪئي آهي 15 ڪان وڌيڪ گاڏيون چالان ڪيون آهن ۽ مڪس 11500 روپيا ڏنڊ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ پرسان روڊ حادثو، لانگ جيپ جي ڇت تان ڪرڻ سبب همراهه فوت

رستي تي اوچتو رڍ گاڏي سامهون اچي وئي، جنهن تي ڊرائيور هنگامي طور بريڪ هڻي

ڳوٺ جيئندو درس ڏانهن ويندڙ لانگ جيپ جي ڇت تان ڪرڻ سبب نول راءِ فوت ٿي ويو

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ پرسان ڪان ڳوٺ جيئندو درس ڏانهن ويندڙ لانگ جيپ سان پيش آيل حادثي ۾ شهر ملي جي ڏايا ڪالوني جو رهواسي نول راءِ ميگهواڙ گاڏي جي ڇت ڪري فوت ٿي ويو اطلاع موجب، رستي تي اوچتو هڪ رڍ گاڏي سامهون اچي وئي، جنهن تي ڊرائيور هنگامي طور بريڪ هڻي، بريڪ لڳڻ سبب ڇت تي ويٺل نول راءِ توازن برقرار نه رکي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: فوت ٿي ويل سينيئر صحافي حمزه پنهور جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ايس ايس پي بدين جو شهر جو دورو، سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو

عيد موقعي تي عوام کي محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ پوليس جي اولين ترجيح آهي:قمر رضا

بازارن، شاپنگ سينٽرن ۽ رش واري هنڌن تي سادا ڪپڙا پهريل اهلڪار پڻ مقرر ڪيا وڃن

بدين (ڊ ر) عيد الفطر جي پرامن ۽ خوشگوار جشن کي يقيني بڻائڻ لاءِ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي بدين شهر جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ سيڪيورٽي انتظامن جو جامع جائزو ورتو ان موقعي تي، هن شهر جي اهم داخلا ۽ نڪرڻ وارن رستن، مکيه شاهراهن ۽ تجارتي مرڪزن، روڊ بلاڪن ۽ پيٽرولنگ سسٽم تي مقرر پوليس اهلڪارن جو ويجهڙائي سان معائنو ڪيو پهنچي دوري دوران، ايس ايس پي بدين شاهنواز چوڪ، شهباز روڊ، شاهي بازار، صرافه بازار ۽ ٻين مصروف ڪاروباري مرڪزن جو دورو ڪيو جتي هن ڊيوٽي تي موجود پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي الرٽ رهڻ، شڪي ماڻهن تي نظر رکڻ ۽ عوام سان شائستگي سان پيش اچڻ جون هدايتون جاري ڪيون، دوري دوران هن واپارين ۽ ڪاروباري ماڻهن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

لاهور: عيد جي موقعي تي ناريون بازار مان خريداري ڪري رهيون آهن

خيرپور جي عدالت پاران پلاٽ تي قبضي ڪيس ۾ 4 جوابدارن کي قيد ۽ ڏنڊ سزا

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي ايڊيشنل سيشن جج لياقت علي کوسو جي عدالت پلاٽ تي ٿيل غيرقانوني قبضي واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري ٻڌڻي دوران عدالت ٻي سال اڳ وڏا ماڇيون ٿاڻي جي حد ۾ پلاٽ تي غير قانوني قبضي واري ڪيس ۾ گرفتار ٿيل چئن جوابدارن قلندر بخش ڦلپوٽو اعجاز علي شيخ سليم احمد شيخ گل محمد شيخ کي سادا ست سال قيد ۽ پنج لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي واضح رهي ته وڏا ماڇيون ٿاڻي جي حد ۾ ٻي سال اڳ پلاٽ جي مالڪ جاويد احمد ڦلپوٽو جي فرياد تي اهڙو ڪيس داخل ڪيو ويو هو بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار لنڊ برادري جو معزز مرحوم جمن لنڊ جو فرزند قاسم لنڊ لاڏاڻو ڪري ويو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي مشهور ناليواري سياسي سماجي شخصيت لنڊ برادري جي معزز مرحوم جمن لنڊ جي وڏي فرزند پي پي اڳواڻ جاويد جمن لنڊ جو وڏو ڀاءُ اڳواڻي يوسي ناظم قاسم لنڊ ڪجهه وقت بيمار رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي تدفين سندس اباڻي قبرستان ۾ ٿي گذري مرحوم قاسم لنڊ جي نماز جنازه ۾ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار پ پ اڳواڻ غلام قادر دل پاران دوستن ۽ عزيزن جي مان ۾ افطار ڊنر

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقه ٽنڊوالهيار جي صدر غلام قادر دل طرفان ڳوٺ اميد علي دل ۾ دوستن ۽ عزيزن جي مان ۾ افطار ۽ ڊنر جو اهتمام ڪيو افطار ڊنر دعوت ۾ وڏيرو بچل دل، عبدالستار گرائڻو، وڏيرو شوڪت خاصخيلي، مڪي اشفاق خواجه، شڪور ڪنڀار، دانش سومرو، احتشام آرائين تاج محمد دل، غازي جکرو دل بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ شخص ريڙهي تي مخلت ميوه وڪرو ڪري رهيو آهي

سڪرنڊ ويجهو مسافر ڪوچ ڊاٽسن کي بچائيندي ڪلٽي، عورتن ۽ ٻارڙن سميت 14 مسافر زخمي

قومي شاهراهه تي پناما پورڊ وٽ مانسهره کان ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ ڪلٽي ٿي پئي

زخمي مهتاب عباسي، عبدالله، احمر، رفيق، وقاص، حسنه، انا شاهه سميت ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

تعلقه اسپتال مان پنجن ڄڻن جي حالت نازڪ هئڻ سبب کين نواب شاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ لڳ قومي شاهراهه تي پناما پورڊ وٽ مانسهره کان ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ ڊاٽسن کي بچائيندي برسات سبب سلپ ٿي ڪلٽي ٿي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

مورو: قتل ٿي ويل سعيد جتوئي جون آخري رسمون ادا ڪيون پيون وڃن

مورو لڳ هٿيارٻندن هٿان شهيد ٿيندڙ سعيد جتوئي جي آخري رسمن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

مورو(ن ع) مورو پرسان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيندڙ سعيد احمد جتوئي جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ ٿوڙها ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ علائقي جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتن سميت وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي، فضا سوڳوار هئي ۽ هر اک اشڪبار نظر آئي. شهيد جي مغفرت ۽ بلند درجات لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون ان بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ نينگري ريشم گلي ۾ پنهنجي لاءِ آرٽيفيشل زيور پسند ڪري رهي آهي

ملڪ ۾ عوامي سياست ڪرڻ تي اڻ اعلانيل پابندي لڳايل آهي: زين شاهه

حڪمران پنهنجي حامين کان علاوه ٻين پارٽين کي عوامي رابطه مهم ڪرڻ نه پيا ڏين

ملڪ ۾ ڪيترائي سياسي قيدي آهن، ڪارڪنن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو ويو آهي

ٻان سيدآباد (ن-ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي مرڪزي نائب صدر سيد زين شاهه چيو آهي ته ملڪ ۾ عوامي سياست ڪرڻ تي اڻ اعلانيل پابندي لڳايل آهي حڪمرانن پاران پنهنجي حامين کان علاوه ٻين سياسي پارٽين کي عوامي رابطه مهم ڪرڻ نه پئي ڏني وڃي، تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جا جلسا ڪرڻ نه ڏنا ويا. ٻان سيدآباد ۾ ايس يو پي جي مرڪزي سينيئر نائب صدر روشن علي ٻرڙو پاران ڏنل افطار پارٽي دوران شهرين کي خطاب ڪندي سيد زين شاهه چيو ته هن وقت ملڪ ۾ ڪيترائي سياسي قيدي آهن ڪارڪنن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪيو ويو آهي مون تي به ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن پر اسين گرفتارين کان ڊڄڻ وارا ناهيون اسان جو ڏوهه اهو آهي جو سچ ڳالهايون ٿا، ظالم کي ظالم چئون ٿا، هن وڌيڪ چيو ته بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم پوليس پاران مبينا مقابلي بعد ،2 زخمين سميت 5 ڦورن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

حبيب خان مري موڙ وٽ واردات جي ارادي سان بيٺل 5 هٿيارٻندن ڏسندي فائرنگ ڪري ڏني: سٽي پوليس

مقابلي بعد عامر ملڪ ۽ سجاد راهو کي زخمي ۽ عثمان شيخ، بابر گجر ۽ ذيشان شيخ کي گرفتار ڪيو

جوابدارن وٽان ڦر ڪيل 3 موبائل فون ۽ هڪ موٽر سائيڪل ۽ هٿيار هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو آهي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم پوليس مبينه پوليس پاران مبينه مقابلي بعد ،2 زخمين سميت 5 ڦورو گرفتار ڪرڻ جي دعوا 5 پسٽل مختلف وارداتن ۾ ڦر ڪيل 3 موبائل فون ۽ هڪ موٽر سائيڪل به هٿ ڪيو رپورٽ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ملي پرسان نوجوان پاران ڦاهو کائي آپگهات جي ڪوشش، اسپتال داخل

ملي (ڊ-ر) ملي پرسان ڳاڏي وارو لڪ ۾ 16 ورهين جو نوجوان ڳڻيش ولد ياڃجي پيل پنهنجي گهر پرسان ٻني ۾ ڪٻڙ جي وڻ سان رسو ٻڌي خودڪشي جي ڪوشش بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ مال جي واپاري کان ڏيڍ لک رپيا ڦر، مزاحمت تي پيءُ پٽ زخمي

پيرڳوٺ واپار لاءِ ويندڙ واپاري محراب علي ۽ امان الله کي هٿيارٻندن يرغمال بڻايو

ڦر ڪوشش دوران مزاحمت تي ڪيس زخمي ڪري هٿيارٻند فرار ٿي ويا، زخمي اسپتال منتقل

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان ڪنڊوستي جا رهواسي چوپائي مال جا واپاري محراب علي ۽ امان الله موٽرسائيڪل تي پيرڳوٺ واپار لاءِ وڃي رهيا هئا ته اوچتو نامعلوم ڦورن حملو ڪري ڏيڍ لک رپيا ڦر ڪئي جڏهن ته مزاحمت تي واپاري کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته علائقي واسين پاران زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي هنن جو علاج جاري آهي

ٽنڊوآدم لڳ ڏير شادي کان انڪار ڪرڻ تان ڪهاڙيون هڻي بيواهه ڀاڄائي جو هٿ وڍي ڇڏيو

ڳوٺ ميرحسن مري ۾ جوابدار نظر محمد پڊي بيواهه ڀاڄائي نجمه پڊي کي ڪهاڙيون هڻي هٿ ڪٽي ڌار ڪيو

پوليس زخمي عورت جي ڀاءُ مشتاق پڊي جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

ڏير سس خيري ۽ ٻين جي چرچ تي مون کي معذور بڻايو آهي، کين گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي: نجمه

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ ميرحسن مري ۾ جوابدار ڏير نظر محمد پڊي شادي کان انڪار ڪرڻ تي پنهنجي بيواهه ڀاڄائي نجمه پڊي کي ڪهاڙيون هڻي سندس ساڄي ٻانهن جو هٿ ڪٽي ڌار بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: برسات اچڻ بعد روڊ ڪناري ويٺل گهوڙيا پنهنجو سامان پني هيٺ بچاءِ رهيا آهن

اسان جو اتحاد برادري پلاٽي ۽ ڳنڍيل ڀائيچاري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آهي:امير علي زرداري

اسان هر غريب ۽ مسڪين جي مدد تي زور ڀريون ٿا ۽ خدمتي خلق اسان جو منشور آهي

امير علي زرداري جو راڌڻ لڳ جمعدار محمد هاشم زرداري پاران مان ۾ ڏنل تقريب ۾ خطاب

راڌڻ (ن ع) راڌڻ لڳ هڪ ڪلوميٽر پري راڌڻ ڪائونٽ ڪاميٽي جي ڳوٺ امام بخش جانوري ۾ جمعدار محمد هاشم زرداري پاران زرداري اتحاد جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري امير علي زرداري جي اعزاز ۾ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب دوران امير علي زرداري کي پڳ پارائي وئي ۽ گلن جي ورگا ڪري آجيان ڪئي وئي ۽ ڪيس بعد ۾ گلن جا هار پارايا ويا زرداري اتحاد جي سرپرستي اعليٰ خدا بخش زرداري ۽ سرائي طالب حسين زرداري کي سنڌي ثقافتي ٽوپي پڻ پارائي وئي ميڊيا سان ڳالهائيندي امير علي زرداري چيو:"اسان جو اتحاد برادري جي پلاٽي ۽ ڳنڍيل ڀائيچاري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آهي ۽ اسان هر غريب ۽ مسڪين جي مدد تي زور ڀريون ٿا ۽ خدمتي خلق اسان جو منشور آهي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۽ ٻرياسي ۾ هلڪي برسات سبب ڪٽڪ جي تيار فصل کي نقصان جو خدشو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور رانئي پور ڪوٽ ڏيجي، نارا گمبٽ، صوبوديرو سگهيون ۽ ٻچل پنهور سميت ضلعي جي مختلف علائقن ۾ هلڪي برسات جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. برسات شروع ٿيندي ئي بجلي جو ڏکيو بريڪ ڊائون پڻ ڏسڻ ۾ آيو آهي.ٻئي پاسي ڪٽڪ جي تيار فصل جي ڪٽائي جاري آهي ۽ ڪٽڪ کيڏ لاءِ ٿريشر به ڪم ۾ مصروف آهن. زرعي ماهرن محمد بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٽيم ذوالفقار پيتو جونيئر پاران ڪاشف باغي جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور پوليس پاران ٽارگيٽيڊ آپريشن دوران ٻن ڪهربل جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر)خيرپورپوليس پاران ڳوٺ گل محمد جاموڙو ۾ ٽارگيٽيڊ آپريشن ۾ ڪهربل جوابدار گرفتارايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو ٻڌايو آهي ته ڳوٺ گل محمد جاموڙو ۾ ٽارگيٽيڊ آپريشن دوران ٻه ڪهربل جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن. بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص بورڊ ۾ جعلي سرٽيفڪيٽ جاري ٿيڻ بابت اعليٰ سطحي جاچ ڪميٽي قائم

سنڌ يونيورسٽي جو وي سي پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ٽن ميمبرن واري ڪميٽي جو ڪنوينر مقرر

اينٽي ڪرپشن جي جاچ ۽ ايف آءِ آر داخل ٿيڻ بعد ٽن اهم آفيسرن کي فوري طور معطل ڪيو ويو آهي

تعليمي ادارن ۾ ڪرپشن، جعلسازي ۽ ميرٽ جي ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي: اسماعيل راهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت تعليمي بورڊ ميرپورخاص ۾ ميٽرڪ جي جعلي سرٽيفڪيٽن جي جاري ٿيڻ ۽ امتحاني بي ضابطگين جي سنگين اسڪينڊل تي وڏو قدم کڻندي سخت ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي صوبائي وزير يونيورسٽيز ۽ تعليمي بورڊز محمد اسماعيل راهو جي هدايت تي بورڊز اينڊ يونيورسٽيز کاتي فوري طور تي اعليٰ سطحي جاچ ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ملوث آفيسرن کي معطل بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت تنظيم طرفان اسرائيل ۽ آمريڪا جي جارحيت خلاف مظاهرو

وطن دوست مزدور فيڊريشن پاران ايراني عوام سان اظهار يڪجهتي لاهوري ريگيوليٽر وٽ احتجاج ڪيو

عالمي دهشتگردن ايران مٿان بيگناهه جنگ مڙهي ظلم، جبر ۽ ڏاڍ جا پهاڙ ڪيرايا آهن: اڳواڻ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پورهيت تنظيم وطن دوست مزدور فيڊريشن پاڪستان طرفان ايراني عوام سان اظهار يڪجهتي ۽ اسرائيل ۽ آمريڪا جي جارحيت خلاف شهر جي لاهوري ريگيوليٽر وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ ڳاڙها جهنڊا کڻي آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن بخت سولنگي، گل ڪوراڻي، ڪامريڊ حاڪم سولنگي، عاشق علي شيخ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته عالمي دهشتگرد آمريڪا جي چرچ تي اسرائيل بيگناهه اسلامي جمهوريه ايران مٿان جنگ مڙهي ظلم جبر ۽ ڏاڍ جا پهاڙ ڪيرايا، جن حملن ۾ ايران جو سپريم ليڊر ۽ امت مسلمه جو بهادر ليڊر سيد آيت الله خامنه اي سميت ڪيترائي معصوم ٻار بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ عيد خريداري زور شور سان جاري، دڪاندار ۾ خوشي جي لهر

روزو کولڻ کان پوءِ شهري مرد ٻار توڙي عورتون شهرن جو رخ ڪرڻ لڳا

رش کي نظر ۾ رکندي ضلعي جي انتظاميا پاران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا

ڪنڌڪوٽ(ن ع) ڪشمور ضلعي ۾ عيد ۾ ٻه ڏينهن بچڻ تي عيد خريداري عروج تي پهچي وئي آهي واپاري مرڪزن ۽ بازارن ۾ عيد جي خريدارن جي رش سبب ڪاروباري رونقون مڪمل بحال ٿي ويون آهن شهرين توڙي ٻهراڙي جي طرفان خريداري جو سلسلو زور شور سان جاري آهي بازارن ۾ رش دڪاندارن پاران من پسند اگهه مقرر ڪري ڇڏيا آهن پورهيت طبقو پريشان عيد ۾ ٻه ڏينهن بچڻ تي بازارون سينگارجڻ شروع ٿي ويا آهن سبيل اڻ سبيل وڳا ميڪپ اپ جي سامان چوڙيون هتراڊو زيور جوتن جا اسٽال لڳي ويا آهن ٻهراڙي جا مرد توڙي عورتون صبح جو سوير سان وڏي انگ ۾ عيد خريداري لاءِ شهر پهچي وڃن ٿا عيد خريداري عروج تي پهچي وئي آهي روزو کولڻ کان پوءِ شهري بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ 20 لک انعام رکيل بدنام ڌوهاري اوشاق جلباڻي پوليس آڏو پيش

پوليس جي مسلسل ڪاروائين ۽ دٻاءُ جي نتيجي ۾ هن وليد ٿاڻي تي پهچي گرفتاري ڏني

سنڌ حڪومت مٿس 20 لک روپيا انعام پڻ رکيو هو ڪيترن سنگين ڏوهن ۾ روپوش هو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ 20 لک انعام يافته سنگين نوعيت جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ملوث اشتهاري ۽ روپوش ڌوهاري اوشاق جلباڻي هٿيار ڦٽا ڪري پوليس آڏو پيش ٿي ڏوهن جي دنيا کي ڇڏي ڏنو آهي ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو ته اوشاق جلباڻي بدنام زمانه ڌوهاري خدابخش عرف خدو جلباڻي جو ويجهو ساٿي ۽ جلباڻي گينگ جو ميمبر آهي جنهن پوليس جي مسلسل ڪاروائين ۽ دٻاءُ جي نتيجي ۾ بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڊاڪٽر شاهد علي جنجهي کي سول اسپتال ملي جو نئون سول سرجن مقرر ڪيو ويو

ڪيس ۾ جوابدار ڄاڻايل سول اسپتال جي اڳوڻي سول سرجن ۽ ٻين جون ضمانتون منظور

وڏي وزير پاران ناهيل جاچ ٽيم اي ڊي سي، صحت آفيسرن سان ملاقات ڪري حقيقتون معلوم ڪيون

ملي (ڊ-ر) سنڌ حڪومت ڊاڪٽر هريش ڄڳاڻي کي معطل ڪري ڊاڪٽر شاهد علي جنجهي کي سول اسپتال ملي جو نئون سول سرجن مقرر ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ ميرپورخاص خودڪشي ڪندڙ ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ جي ڪيس ۾ جوابدار ڄاڻايل سول اسپتال ملي جي اڳوڻي سول سرجن ڊاڪٽر هريش ڄڳاڻي ۽ ڊاڪٽر بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم جي ٺهيم ڪالوني مان موٽرسائيڪل چوري ڪندي جوابدار سوگهو، پوليس حوالي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي ٺهيم ڪالوني ۾ گهر اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل چوري ڪندي پاڙيوارن نامعلوم جوابدار کي سوگهو ڪري مارڪٽ بعد پوليس حوالي ڪيو پوليس ڪانٽس وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪري رهي آهي

حيدرآباد: اولڊ وحدت ڪالوني جي رهواسي نينگري جي گمشدگي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

اسلام ڪوٽ چورن جو آستان ٻڌيل جوابدار ڳوٺاڻي کي نشو ڏئي 2 لک کڻي فرار

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلامڪوٽ جي ساڳ پڙي ۾ ڦرڻ ۽ چورين جون وارداتون وڌڻ لڳيون آهن گذريل اربع واري ڏينهن ڳوٺ علهو ڪوڙيو جي رهواسي مشتاق ساند سان ڏينهن ڏٺي جو واقعو پيش آيو جتي نامعلوم جوابدار کيس نشي آور شيءِ کارائي بيهوش ڪري ڇڏيو ۽ سندس کيسي مان ٻه لک رپيا کڻي فرار ٿي ويو. واقعي کان پوءِ متاثر شخص کي سندس پاءُ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

مڪلي لڳ ٻن موٽرسائيڪلن جون پاڻ ۾ ٽڪر، هڪ فوت، 3 ڄڻا زخمي

ٺٽو ڪراچي مين قومي شاهراهه تي موٽرسائيڪل حادثي سبب نور حسن ميمڻ فوت ٿي ويو

حادثي سبب گل حسن، وقار ۽ عبدالجبار ميمڻ زخمي ٿي پيا، لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل

ٺٽو (ڊ ر) مڪلي وٽ مين قومي شاهراهه تي 3 موٽر سائيڪلون پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويون هڪ ڄڻو فوت 3 سخت زخمي مڪلي پرسان ٺٽو ڪراچي مين قومي شاهراهه تي هڪ موٽر سائيڪل راهگير کي ٽڪر هنيو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

جهمپير لڳ مزدا حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان حيدرآباد اسپتال ۾ فوت

ٺٽو (ڊ ر) جهمپير چوڪ تي مزدا جي حادثي ۾ شديد زخمي جهمپير جو سوشل ورڪر دليپ ڪمار عرف ڊي ڪي لوهاڻا سول اسپتال حيدرآباد پهچڻ شرط زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو

ٽنڊوڄام ۾ معصوم ٻارڙي ٽريڪٽر ٽرالي هيٺان اچي فوت، گهر ۾ ڪهرام

يس گرائونڊ روڊ تي چار ورهين جي زويا ڏيءَ نظر محمد پلاڻ فوت ٿي وئي

ٽريڪٽر ٽرالي ٻارڙي جو چاچو عيد گل پلاڻ هلائي رهيو هو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ٽنڊوڄام (ت-ر) ٽنڊوڄام ۾ پوليس گرائونڊ روڊ تي چار ورهين جي معصوم ٻارڙي زويا ڏيءَ نظر محمد پنهنجي گهر ٻاهران راند ڪيڏي رهي هئي ته ان دوران ٽريڪٽر ٽرالي ريورس ٿيڻ دوران مٿس چڙهي وئي، جنهن سبب هوءَ موقعي تي ئي فوت ٿي وئي. ذريعن موجب ٽريڪٽر ٽرالي ٻارڙي جو چاچو عيد گل پلاڻ هلائي رهيو هو جيڪو ريورس ڪندي بي خبري ۾ معصوم ٻارڙي مٿان چڙهي ويو جنهن جي نتيجي ۾ زويا ٽڏي تي ئي ڇيهاڄجي فوت ٿي وئي حادثي بعد ٻارڙي جو لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو مچي ويو

اسلاڪوٽ ۾ پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهه ڏيندڙ ڊاڪٽر ڪراچي اسپتال ۾ فوت

پي پي ايڇ آءِ اسپتال جي ڊاڪٽر راول راءِ ميگهواڙ هڪ ڏينهن پاڻ کي باهه ڏني هئي

ڊاڪٽر اسپتال جي انتظاميه پاران بدلي ڪرڻ سبب آپگهات ڪيو آهي جاچ ڪئي وڃي: وارث

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:سڪندر علي بجير) هڪ ڏينهن اڳ رات جو اسلام ڪوٽ اسپتال ۾ مقرر ڊاڪٽر راول راءِ ميگهواڙ پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهه ڏيئي آپگهات جي ڪوشش ڪرڻ دوران سندن جسم سڙي سخت متاثر ٿيو هو جنهن کي سرڪاري اسپتال اسلام ڪوٽ جي انتظاميه پاران ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي ريفر ڪيو ويو هو جتي هو گذريل ڏينهن زخمن جا تاب نه سهندي ڪراچي جي ٽراما سينٽر اسپتال ۾ فوت ٿي ويو.واقعي بعد سندن گهر ۾ ڪهرام متل هو ۽ پيراميڊيڪل عملي ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو.ياد رهي ته هڪ رات اڳ ڄاڻايل ڊاڪٽر ميهياري روڊ تي پيٽرول پمپ تان پيٽرول خريد ڪري پرسان ٽي پاڻ کي باهه ڏيئي ساڙي آپگهات جي ڪوشش بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو غلام علي ويجهو سيد سخي شاهه ديوانو سلطان هاشمي جو 764 هون عرس مبارڪ ملهايو ويو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) سنڌ جي اوليا اڪرام صوفي بزرگ سيد سخي شاهه ديوانو سلطان هاشمي جو ساليانو ميلو جوڏهاڙو صوفياڻي طريقي سان ملهايو ويو ، بدين ضلعي جي ٽنڊو غلام علي ويجهو سنڌ جي اوليا اڪرام صوفي بزرگ سيد سخي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: سخي شاهه ديواني جي ميلي جو ڏيک

دادو شهر ۾ رمضان دوران وڏنڌڙ لوڊشيڊنگ خلاف واپارين جو احتجاج

واپارين احمد خان زنئور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي نعريبازي ڪئي

20 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ سبب ڪاروباري سرگرميون سخت متاثر ٿي رهيون آهن: مظاهرين

دادو(ڊ-ر) رمضان ۾ وڏنڌڙ لوڊشيڊنگ خلاف واپارين جو احتجاج، سيپڪو عملدارن تي سخت تنقيد، دادو شهر ۾ رمضان المبارڪ دوران وڏنڌڙ لوڊشيڊنگ خلاف واپاري برادري سخت احتجاج ڪندي سيپڪو عملدارن تي وفاقي وزير پاڻي ۽ بجلي جي حڪمن کي نظرانداز ڪرڻ جا الزام هنيا آهن. انجمن تاجران ضلع دادو جي صدر احمد خان زنئور چيو آهي ته شهر ۾ 24 ڪلاڪن مان صرف 4 ڪلاڪ بجلي فراهم ڪئي پئي وڃي جڏهن ته 20 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ سبب ڪاروباري سرگرميون سخت متاثر ٿي رهيون آهن هن چيو ته ڪيترائي ڀيرا سيپڪو آفيسرن سان ميٽنگون ڪيون ويون پر ڪنهن به فيصلي تي عملدرآمد نه ٿيو آهي تاجران چيئرمين غلام نبي لغاري جو چوڻ آهي ماهه رمضان دوران بجلي جي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ مڪاني ادارن جي رٽائرڊ ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

ٽنڊوڄام (ت ر) حيدرآباد جي مڪاني ادارن جي رٽائرڊ ملازمن جي لڳاتار احتجاج ڪانپوءِ ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو هڪ مهيني جي پينشن جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي جنهن بعد رٽائرڊ ملازمن کي پينشن جا ميسيج اچڻ شروع ٿي ويا آهن ان باوجود رٽائرڊ ملازمن سموري رهيل پينشن ادا ڪرڻ تائين احتجاج جاري رکڻ جو اعلان ڪيو آهي هنن چيو ته اڃا به بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

چمبڙ ويجهو نوجوان پسٽل جو فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو

چمبڙ (ن ع) چمبڙ ويجهو نوجوان مبينا طور پسٽل سان فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو چمبڙ جي ڳوٺ نظر علي رند واسي نوجوان دريان علي رند پسٽل سان فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو وارثن موجب نوجوان آن لائن گيم تان 50 لک رپيا هارائڻ ڪانپوءِ ڪاوڙ مان پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو وارثن پاران پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

حيدرآباد: عورتون ريشم گلي مان عيد جي خريداري ڪري رهيون آهن

حيدرآباد جي واسا ملازمن پاران پگهار جي رقم اچڻ باوجود نه ملڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو

سي بي اي مزدور يونين پاران ڪارپوريشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جي آفيس سامهون ڌرڻو جاري رکيو

سنڌ حڪومت پاران 30 ڪروڙ رپيا جاري ڪرڻ باوجود ملازمن کي هٿ ٺوڪيا عذر ڄاڻائي پگهار نه ڏني آهي: مظاهرين

پگهارون جاري نه ٿيڻ جي صورت ۾ ڌرڻو جاري رکڻ ۽ عيد تي پيئڻ جو پاڻي ۽ نيڪال نظام بند ڪرڻ جو اعلان

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ حڪومت پاران واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (واسا) ملازمن کي پگهارون ڏيڻ لاءِ 30 ڪروڙ رپيا جاري ڪرڻ باوجود واسا اختيارين 1274 ملازمن مان 511 ڪچن ملازمن کي هٿ ٺوڪيا عذر ڄاڻائي پگهار نه ڏني سي بي اي مزدور يونين پاران ڪارپوريشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جي آفيس سامهون 6 ڪلاڪ ڌرڻو پگهارون جاري نه ٿيڻ جي صورت ۾ ڌرڻو جاري رکڻ ۽ عيد تي پيئڻ جو پاڻي ۽ نيڪال نظام بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سامارو واسي ڪينسر جي بيماري ۾ ورتل معذور سخت مشڪلاتن ۾، علاج جي اپيل

ڳوٺ نٺورام مالهي واسي معذور رائمل ڪولهي کي ڳلي ۾ ڪينسر ظاهر ٿيڻ بعد پريشان

متاثر جي وارثن پاران سنڌ حڪومت ۽ سرندي وارن کان علاج ڪرائڻ جي اپيل

سامارو(رپورٽ ڪيمچند مالهي) سامارو تعلقي جي ڳوٺ نٺورام مالهي واسي هيلين ڏڍ ڪان معذور پورهيت ٽن نياڻين جو پيءُ رائمل ڪولهي اڳي ئي هلڻ ڪان ڪاسر هو ته وري ڳلي جي ڪينسر ۾ مبتلا ٿيڻ سبب وڌيڪ مشڪلاتن جو شڪار بڻجي ويو آهي تازو ميڊيڪل جي ڪرايل رپورٽن ۾ ڪيس ڳلي جو ڪينسر ظاهر ٿيو آهي جنهن بعد سندس معصوم نياڻين ۽ سندس معذور زال سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن بيماري ۾ مبتلا معذور رائمل ڪولهي جي زال ليلان ڪولهن جيڪا پڻ معذور آهي تنهن پنهنجي مڙس ۽ ٻارڙن سان گڏ ميڊيا آڏو دانهون ڪندي ٻڌايو ته اسين زال مڙس ٻئي معذور آهيون 3 نياڻين جو اولاد آهي اڳي ئي تڪليفن ۾ پئي زندگي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

بدين جي ناميارو ٽرانسپورٽر اي ڊي ملڪ جو پٽ وفات ڪري ويو

بدين (ڊ ر) بدين جي ناميارو ٽرانسپورٽر اي ڊي ملڪ جو نوجوان پٽ ملڪ اويس رضا الاهي سان وفات ڪري ويو ڪيس دم جو عارضو لاڳو هو سندس جنازي نماز ۾ شهرين ۽ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪيس ورايو ملنگ قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس پونئيرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بوزدار وڏا: گرفتا ڪيل جوابدار لاڪپ ۾ بند آهي

لاڙڪاڻي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي رقم مان ڪٽوتي ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي لاڙڪاڻو سرڪل وڏي ڪارروائي ڪندي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي رقم مان ڪٽوتي ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او سعيد چانڊيو موجب ٽل ضلع جيڪب آباد ۾ نيڪ محمد ڪميونيڪيشن دڪان تي ڇاپو هڻي ٻه الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا. هن ٻڌايو ته جوابدار نيڪ محمد ۽ عمران علي مستحقن جي رقم مان ڪٽوتي ڪري رهيا هئا، جڏهن ته عبيدالله ڪنڊراڻي ۽ ساجده بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور سول سوسائٽي، شهرين ۽ هندو ڪميونٽي پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ سول سوسائٽي، شهرين ۽هندو ڪميونٽي پاران پنج گلا چوڪ کان ڇتي چوڪ تائين پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي عبدالمجيد ميتلو، ظهير انصاري، دريا خان ميتلو شجاع شر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هنيا ويا اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪ فوج جي قربانين کي سلام ۽ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ويجهو سماجي تنظيم پاران 100 مستحقن خاندانن ۾ عيد راشن سامان تقسيم ڪيو ويو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان خانپور جوڻيجو ۾ سماجي تنظيم طرفان تقريب 100 خاندانن جي غريب مستحقن ۾ عيد راشن سامان تقسيم خبر موجب ڪڪڙ پرسان خانپور جوڻيجو ۾ سماجي تنظيم هيومن رائٽس انٽر فورم دادو پاران تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ چيف آرگنائيزر قمرالدين ساريو شهيد پڪو اڳواڻ قلندر بخش هنگورو تعلقي صدر واجد علي ساريو بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

دولت پور پرسان ڳوٺ سک پور جي نيڪ مرد احمد فقير مهر لاڏاڻو ڪري ويو

دولت پور صفن(ن ع) دولت پور پرسان ڳوٺ سک پور جي نيڪ مرد حاجي محمد ادريس مهر جن جو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر معشوق علي مهر جو والد محترم احمد فقير مهر ڪجهه عرصو بيمار رهڻ سبب ڪراچيءَ جي نجي اسپتال ۾ رضا الاهي سان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي نماز جنازه ادا ڪري ڪيس سوين الين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس نماز جنازه ۾ يوسي سعيد ڪندو جي اڳواڻي چيئرمين رئيس حاجي عبدالستار راهو رئيس ذوالفقار علي راهو رئيس امير حمزو سهتو رئيس مقبول احمد سهتو پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي شهيد بينظيرآباد جي اڳواڻ وڏيرو يار محمد ٻگهيو سيد حاجي حبيب الله شاهه سيد مير مقبول شاهه لڪياري رئيس محمد حسن پنهور الهه اوڀايو خان لاکو حاجي پير بخش سولنگي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان پوليس پاران 6 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊو محمد خان(ن ع) ٽنڊو محمد خان پوليس پاران منشيات فروشن ۽ اشتهاري جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي - انهي سلسلي ۾ ٽنڊو محمد خان پوليس پاران ڪريڪ ڊائون دوران 6 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ سميت 2 ڪلو چرس ۽ 4500 ميٺ پوڙيون برآمد ڪرڻ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.